ايڪيهين صديءَ جو
جلد پهريون - شمارو پهريون
سال: سيپٽمبر 2008

# سنڌي ٻولي

## تحقيقي جرنل



سنڌي لئنگئيج اٿارٽي،
حيدرآباد

# سنڌي ٻولي

تحقيقي جرنل

ايڪيھين صديءَ جو
جلد پهريون - شمارو پهريون
سال: سيپٽمبر 2008

ايڊيٽر

ڊاڪٽر فهميده حسين

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي،
حيدرآباد

# سنڌي ٻولي

تحقيقي جرنل


| | |
|---|---|
| ايڊيٽر: | ڊاڪٽر فهميده حسين |
| ٻائين ايڊيٽر | خالد آزاد |
| ڪمپوزنگ ۽ | |
| گرافڪس: | اسدالله ڀٽو |
| ڇاپو: | پهريون |
| سال: | 2008ع |
| ڇپائيندڙ: | سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد |
| ڇپيندڙ: | سنڌي ادبي بورڊ پريس، ڄامشورو |
| ملهه: | 60 روپيا |
| پاران | ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو. |

ISBN: 968_8194_01_0

**SINDHI BOLI**

Research Journal

| | |
|---|---|
| Editor: | Dr. Fahmida Hussain |
| Asst. Editor: | Khalid Azad |
| Composing & Graphics | Assadullah Bhutto |
| Edition: | First, 2008 |
| Quantity: | 1000 |
| Price: | Rs 60/= |
| Published by: | Sindhi Language Authority, National Highway, Hyderabad, Sindh 71000, Pakistan. |
| Tel: | 022-9240050-3 |
| Fax: | 022-9240051 |
| E-mail: | sindhila@yahoo.com |
| Website: | www.sindhila.org |
| Printed by: | Sindhi Adabi Board Press, Jamshoro |
| Digitized by | M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro. |

# فهرست


| | | | |
|---|---|---|---|
| 1 | پنهنجي پاران | ڊاڪٽر فهميده حسين | 5 |
| 2 | ڇا ڀارت مان سنڌي ٻولي ختم ٿي سگهي ٿي؟ | ڊاڪٽر غلام علي الانا | 7 |
| 3 | لاڙي محاوري (لهجي)جا ڪي نوان ڦريل اُچار | ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو | 31 |
| 4 | شاهه سائينءَ جي شاعريءَ جو بنيادي لهجو ۽ ٻين لهجن جا اهڃاڻ | امداد حسيني | 36 |
| 5 | وچولي جو معياري لهجو | تاج جويو | 44 |
| 6 | ڪوهستاني لهجو | رخمان گل پالاري | 60 |
| 7 | سنڌي ٻوليءَ ۾ وسرڳن (Aspirates) جي حقيقت | الطاف حسين جوکيو | 72 |
| 8 | ڀارت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي صورتحال | اسحاق سميجو | 93 |
| 9 | ريڊيو پاڪستان ۽ سنڌي ٻولي | نصير مرزا | 108 |

## پنهنجي پاران

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو ڇماهي جرنل "سنڌي ٻولي" ڀيهر ڪجهه تبديلين سان جاري ڪري رهيا آهيون. هن کان اڳ اهو نالي ۾ ته ڇماهي هو پر گذريل ستن اٺن سالن کان ڪونه ڇپيو آهي، پر جڏهن ڇپجندو به هو ته سال ڏيڍ ۾ مس وڃي ڪو پرچو نڪرندو هو. انهيءَ جا ڪيئي ڪارڻ ٿي سگهن ٿا، جن ۾ وڃڻ نٿي چاهيان... پر هاڻي هن پرچي کي ترجيحي بنيادن تي هٿ ۾ کنيو اٿئون ۽ ڪوشش ڪنداسين ته هاڻي اهو باقاعدگيءَ سان ڇپجي.

منهنجي اڳيان شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر جي تحقيقي جرنل "ڪلاچيءَ" جو مثال، نمونو ۽ معيار آهي جيڪو مون لاڳيتو ڏهه سال جون 1998ع کان جون 2008ع تائين ايڊٽ ڪيو ۽ ان جا چاليهه پرچا شايع ڪيا، جن ۾ شاهه صاحب جي زندگيءَ، فڪر ۽ فلسفي سان لاڳاپيل ڪيترن ئي پهلوئن تي مقالا شايع ٿيڻ سان گڏوگڏ عمومي طور سنڌي ادب، ٻوليءَ، سماج ۽ ثقافت بابت پڻ سوين اهم تحقيقي مقالا ڇپيا. ان ذريعي نه صرف برک ۽ مڃيل محققن جي نئين تحقيق پڌري ٿي، پر ڪيترائي نوان، نوجوان ليکڪ ۽ محقق سامهون آيا.... ۽ اهو سلسلو هلندڙ ڇڏي آئي آهيان. انهيءَ مثال کي سامهون رکي "سنڌي ٻولي " جرنل کي به اهڙو ئي معياري پرچو ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين.

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي دائره ڪار ۾ ٻوليءَ سان لاڳاپيل مسئلا ۽ معاملا شامل آهن. ٻوليءَ ۽ ان جي علم يعني لسانيات جي مختلف شاخن ۽

موضوعن کانسواءِ ادب جي ٻولي، دفتري ٻولي، درسي ڪتابن جي ٻولي، سائنس جي ٻولي، سوشل سائينسز (سماجي علمن) جي ٻولي، ميڊيا جي ٻولي، سماج جي مختلف حصن ۾ ڳالهائجندڙ لهجا، محاورا، اصطلاح ـ هر طبقي ۽ هر شعبي جي ٻوليءَ جي سنڌي روپ بابت مقالا ۽ مضمون ڇاپيا ويندا جن ۾ تحقيق جي پهلوءَ کي اجاگر ڪيو ويندو. مون کي اميد آهي ته هن ڪم ۾ سنڌ جا عالم، اديب، محقق، استاد، شاگرد ۽ عام پڙهندڙ مون سان ائين ئي تعاون ڪندا، جيئن اڳ ۾ ڪيو اٿن. اڳي جيان هاڻي به نوجوان ليکڪن خاص ڪري تحقيقي حوالي سان لکندڙن جي آجيان ڪندس ۽ جتي به ڪنهن نئين ليکڪ، نوجوان محقق يا ايم فل، پي ايچ ڊي ڪندڙ شاگرد جي مقالي ۾ سوڌ سنوار جي گنجائش هونديءَ اها پڻ ڪندس ته جيئن انهن جي رهنمائي ٿئي.

مقتدره قومي زبان جي سهڪار ۽ صلاح سان اردو سنڌي ۽ ٻين پاڪستاني ٻولين جي تحقيقي جرنلن کي هائر ايجوڪيشن ڪميشن (HEC) کان ميڃتا ڏيارڻ لاءِ لکپڙهه هلندڙ آهي. اميد ته تمام جلد اهڙو اعلان به ٿيندو. ان ڪري ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جي استادن ۽ ايم ايس/ايم فل توڙي پي ايچ ڊي ڪندڙن کي به فائدو ٿيندو.

سيني پڙهندڙن کي گذارش آهي ته هن پرچي بابت پنهنجا رايا، مشورا ۽ صلاحون اسان کي ڏياري موڪلين، جن جي روشنيءَ ۾ ان کي آئندي بهتر کان بهتر ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين.

**ڊاڪٽر فهميده حسين**

ايڊيٽر

# ڇا ڀارت ۾ سنڌي ٻولي ختم ٿي سگهي ٿي؟

هي بحث ڪو نئون نہ آهي، پر گذريل پنجن ڇهن سالن کان وٺي جيئن ڀارت ۽ پاڪستان جي وچ ۾ ويزا ۾ نرميءَ کان پوءِ ٻنهي ملڪن ۾ سنڌي اديبن جي اچ وڃ ۾ آساني ٿي آهي ۽ انڊوپاڪ جي اديبن جي 2004ع ۾ ڪنويشن کان پوءِ ٻنهي ملڪن مان سنڌي اديب ۽ شاعر اچڻ وڃڻ لڳا آهن، تيئن هي بحث وڌيڪ تيز لڳو آهي. ڪي ٿي اين تان سنڌي زبان جي مهان شاعر 'ارجن حاسد' ۽ ٻئي ساٿيءَ جي ڪلڪتي ۾ ورتل انٽرويوءَ ۾ مون ڏٺو تہ ڀاءُ 'ارجن حاسد' بہ تمام گهڻو نااميد پئي نظر آيو ۽ هن ڳالهہ تي گهڻو زور ٿي ڏنائين تہ ڀارت ۾ سنڌي ڀاشا جو ڪو بہ مستقبل ڪونهي. جيتوڻيڪ مون ممبئي، پوني، دهليءَ، آگري ۽ ٻين شهرن جي سفر تي اُتي ادبي ڪانفرنسن ۾ اهو محسوس ڪيو تہ اهڙو حال تہ اسان وٽ بہ آهي. اسان وٽ بہ ڪراچي، حيدرآباد، سکر، ميرپورخاص، نوابشاهہ ۽ ٻين وڏن شهرن ۾ انگريزي ميڊيم اسڪولن ۾ هتي جا سرنديءَ وارا وڏيرا، ڪامورا، وڪيل، ڊاڪٽر ۽ جج پنهنجن ٻارن کي سنڌي ڪونہ پڙهائين. ايتري قدر جو حيدرآباد ۾ قاسم آباد جهڙي سؤ في صد سنڌي وسنديءَ واري علائقي ۾ پنجهتر سيڪڙو ٻار گهرن ۾ اردو ڳالهائين. اُن جي مقابلي ۾ ڀارت ۾ 'الهاس نگر' ۾ گهرن ۾ نوانوي سيڪڙو ٻار سنڌي ڳالهائين. خطرو تہ هتي وڌيڪ آهي.

مون ٽماهي "سپون" جي اپريل- مئي- جون 2006ع واري پرچي ۾

ڀاءُ پريتم ورياٽيءَ جو مضمون پڙهيو جيڪو هن راجستان جي جيسلمير واري خطي جي 1987ع ۾ ڪيل سفر جي باري ۾ لکيو آهي. ان کان پوءِ راجستان، ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ ۾ سنڌي جاتين جي هزارين سالن کان آباد هجڻ جي باري ۾ ڪيترو ئي مواد منهنجي نظر مان گذريو آهي، جنهن مان ڪي ڳالهيون مون پنهنجي هن مقالي ۾ شامل ڪيون آهن. ڀاءُ پريتم ورياٽيءَ جي مضمون جو عنوان آهي: "جيسلمير سرحد جو تهذيبي اپياس (1987ع)" ـ منهنجيءَ دل ۾ ورهين کان اها ئي آشا رهي آهي تہ ڀارت جي اجمير، جوڌپور، جيسلمير، ميواڙ، مارواڙ ۽ ٻارميڙ کان سواءِ ڪڇ، گجرات ۽ ڪاٺياواڙ وارا ڪيتر جيڪي هونئن تہ مون خوابن ۾ ڏٺا آهن، پر دل چاهي ٿي تہ روبرو وڃي انهن ماڳن ۽ مڪانن جو ديدار ڪجي. پريتم ورياٽي صاحب جي مضمون، منهنجي پياس اُجهائڻ جي بدران، اُن ۾ ويتر واڌارو ڪيو آهي.

منهنجي ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافيءَ" ۾ مون، ولئم ولبر فورس ۽ ٻين ڪتابن جي مدد سان ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ جي پراڻين رياستن، ڄام نگر، راجڪوٽ، گونڊل، جهوناڳڙهہ، هالار، مانا وادر ۽ درول وغيره جي باري ۾ ڪجهہ ڄاڻ ڏني هئي. (1)

تاريخ جا ڄاڻو ٻڌائين ٿا تہ راجستان جي اولهہ واري خطي يعني جوڌپور، جيسلمير، مارواڙ، ميواڙ ۽ بيڪانير کان سواءِ ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ سان، سنڌ جا تمام پراڻا رشتا ۽ ناتا رهيا آهن. انگريزن تہ انهن رشتن ۽ ناتن جي باري ۾ گهڻو ئي ڪجهہ لکيو آهي، پر ورهاڱي کان پوءِ ڀارت ۾ رهندڙ سنڌي اديبن ۽ کوجنا ڪندڙن مان منهنجي پياري دوست سرڳواسي ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ، پروفيسر جهمٽمل ڀاوناڻيءَ ۽ سنڌ مان راءِ چندر چيلهاريءَ ۽ منگهارام اوجها کان سواءِ منهنجي ڀاءُ هيري ٺڪر، ڄهمون ڇڳاڻيءَ، ڊاڪٽر ڄيٺي لالواڻيءَ، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي ۽ نياڻيءَ ڊاڪٽر ڪشني ٿلواڻيءَ ڀارت ۾ سنڌي ٻوليءَ کي قائم ۽ رواج ۾ رکڻ لاءِ واکاڻ جوڳو ڪم ڪيو آهي. مثال طور: هيري ٺڪر صاحب، هرياڻا رياست جي هڪ 'مَٺَ' مان سنڌ جي جهوني شاعر قاضي قادن جا 112 بيت هٿ ڪيا (2). هوڏانهن راجڪوٽ مان، ڄهمي ڇڳاڻيءَ مهمامتي پراڻ ناٿ جي واڻيءَ جا تمام گهڻا بيت هٿ

ڪري ڪتابي صورت ۾ ڇپايا[3]. ورياٽي صاحب بلڪل درست لکيو آهي ته:

"سنڌ، جيسلمير، ٻارمير، ڪڇ ۽ ڪانياواڙ هڪ ڪامن ڪلچرل زون آهي. سمي سمي تي تاريخي، جاگرافيائي، سماجي ۽ سياسي حالتن جي ڦيرڦار جي باوجود، تهذيب جي لحاظ کان هيءَ سڄي ايراضي هڪ ئي يونٽ پئي رهي آهي."[4]

ورياٽي صاحب به انهيءَ راءِ جو آهي ته هن وشئه (موضوع) تي هڪ ڌار مضمون لکڻ جي ضرورت آهي، پر منهنجي خيال ۾ هڪ مضمون نه، پر هن وشئه تي ڪيئي مضمون، بلڪ ڪيئي ڪتاب لکي سگهجن ٿا.

لطيف سائينءَ جي ڪلام جو جڏهن اڀياس ڪجي ٿو ته پتو پوي ٿو ته جوڌپور، جيسلمير، ٻارمير، ميواڙ مارواڙ کان سواءِ لطيف سائين ڪڇ ۽ ڪانياواڙ جا به ڪيئي ماڳ ۽ مڪان گهميو هو. هن جهوناڳڙهه جي مشهور تاريخي ۽ ڪلچرل داستان 'سورٺ ۽ راءِ ڏياچ' کان سواءِ ڪڇ جا ڪارا ڏونگر، لاکو ڦلاڻي، لاکو ۽ اوڍڻ، ڄولا مارو دوارڪا جي مشهور بندر جو پنهنجي رسالي ۾ بيان ڪيو آهي. دوارڪا جو ذڪر ڪندي لطيف سرڪار فرمايو آهي:

نانگا نانيءَ هليا، هنگلاجان هلي،
ديکي جن دوارڪا، مهيسن ملي،
آڳي جن علي، آءُ نه جيئندي اُن ري.

لطيف سائين جو جيسلمير لاءِ چيل هي بيت، جيسلمير جي تاريخ، تهذيب، سماجي ۽ ثقافتي توڙي رومانوي موضوع طرف اشارو ته ڪري، پر ان سلسلي ۾ تحقيق ڪرڻ جي ضرورت آهي. لطيف سائين فرمائي ٿو:

تن جيسلميرياڻين جس، جي لي الله ڪارڻ لنديون.

ساڳيءَ طرح لطيف سائينءَ جو جيسلمير کان مومل جي ماڳ، لُڊاڻي تائين پهچڻ ۽ پنهنجي رسالي جي سُر مومل راڻي ۾ لُڊاڻي جي پراڻن محلن ۽ ماڙين جو ذڪر پڻ اهميت رکي ٿو جنهن جو احوال پياءُ پريتم

ورياڻيءَ بہ لکيو آهي. مومل جو ماڳ لُڏاڻو جيسلمير جي ويجهو آهي. ڍولا ماروءَ جو قصو بہ انهيءَ پاسي جو آهي. لطيف جي سُورمي ليلا بہ انهيءَ طرف جي هئي تہ وري ڪؤنرو بہ اُتان ئي آئي هئي. هاڻ سوال ٿو پيدا ٿئي تہ اهي تاريخي يا نيم تاريخي احوال ڪير لکندو؟ انهيءَ موضوع تي ڪوجنا ڪير ڪندو؟

پريتم ورياڻي صاحب، جيسلمير ۽ ٿر جي ماڻهن جي لباس ۽ رهڻي ڪهڻيءَ جو سهڻو ذڪر ڪيو آهي، هُو لکي ٿو تہ:

"اڄ جي سنڌ ۾ ڪافي جاتيون، پنجاب، جوڌپور، جيسلمير، ٻارميڙ، بيڪانير ۽ ڪڇ ڪاٺياواڙ کان صديون اڳ لڏي آيون هيون ۽ سنڌي ٻڻجندي بہ هُو الڳ نظر ايندا آهن." (5)

ورياڻي صاحب جيسلمير جي لنگهن، ميراثين ۽ مڱڻهارن جو ذڪر ڪيو آهي. مڱڻهارن جي باري ۾ 1992ع ۽ 2002ع ۾ پي.ايڇ ڊيءَ لاءِ پيش ڪيل ٻن تحقيقي مقالن ۾ بہ ذڪر ڪيو ويو آهي. پهريون مقالو ڊاڪٽر جيني لالواڻيءَ جو آهي. ڊاڪٽر جيني 1992ع ۾ پي ايڇ ڊي لاءِ هي مقالو ممبئي يونيورسٽيءَ ۾ پيش ڪيو هو جنڪو پوءِ ڇپايو بہ هئائون، جنهن جي هڪ ڪاپي 2004ع ۾ مون کي ممبئيءَ ۾ ڏني هئائين. هن ڏس ۾ ٻيو مقالو نياڻيءَ ڪشني پي ايڇ. ڊيءَ لاءِ جوڌپور يونيورسٽيءَ ۾ 2002ع ۾ پيش ڪيو هو. اهو مقالو تہ مون ڏٺو نہ آهي، پر ڊاڪٽر ڪشنيءَ جو سپون رسالي ۾ آڪٽوبر- نومبر- ڊسمبر2004ع ۾ ڇپيل مقالو منهنجي نظر مان گذريو آهي. هن مقالي جو عنوان آهي: "راجستان ۾ سنڌي لوڪ ڳاٿا- ڳائيندڙ". حقيقت ۾ نياڻي ڪشنيءَ جي مقالي، مون کي منهنجي هن مقالي لکڻ لاءِ همٿايو. آشا اٿم تہ جڏهن بہ منهنجو اجمير شريف وڃڻ ٿيو تڏهن هن نياڻيءَ جي گهر وڃي سندس پيشاني چُمندس.

اڳ ۾ عرض ڪري آيو آهيان تہ سنڌ، ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ راجستان جي اولهہ واري ايراضيءَ سان سنڌ جا لڳ لاڳاپا، عيسوي سن کان بہ اڳ جا ثابت ٿين ٿا. ايٽڪن، سنڌ گزيٽيئر ۾ ڄاڻائي ٿو تہ:

"ڪڇ جو رڻ سنڌ جي ڏکڻ ۽ ڏکڻ- اوير جي سرحد

آهي، جا راجپوتانا کان سمنبُ تائين پکڙيل آهي. اڄ ڪلهه اهو خطو ڪلر ٻڻجي ويو آهي، پر سڪندر اعظم جي هن خطي ۾ اچڻ وقت اهو خطو هڪ نار جي شڪل ۾ هو. اُن نار ۾ سنڌو درياءَ جي پراڻ شاخ، ڪوري ڪاريءَ ذريعي ڇوڙ ڪندي هئي. ڪوري ڪاريءَ تي سنڌ ۾ علي بندر رهموڪي بازار ۽ سنڌڙي بندر آباد هوندا هئا. انهن بندرن، ڪڇ جي ترقيءَ ۽ آباديءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

ڪوري ڪاريءَ ذريعي، سنڌ جو ڪڇ ذريعي، ڏيساور سان واپار هلندو هو سنڌ ۽ ڪڇ جي وچ ۾ ماڻهن، مال ۽ واپارين جي اچ-وڃ ٿيندي هئي."

ٻئي پاسي جاتي تعلقي ۾، گونگڙو ڦاٽ، "سير ڪاري" ۾ ڇوڙ ڪندو هو. سير ڪاريءَ تي 'سنبو بندر' ۽ مل ڪاريءَ تي 'شاهه بندر' اُن وقت جا وڏا ۽ واپاري بندر هوندا هئا. (6)

سنڌ ۽ ڪڇ جا سياسي ناتا ٻه آڳاٽا آهن. راءِ گهراڻي جي حڪومت واري زماني (499ع-642ع) ۾ سنڌ جي حڪومت جون سرحدون، اوير ۾ 'ڪنوج' تائين ۽ ڏکڻ- اوير ۾ سورت بندر تائين هونديون هيون. جڏهن برهمڻ گهراڻي جي حڪومت واري زماني (642ع- 712ع) ۾ محمد بن قاسم سنڌ ملڪ فتح ڪيو تڏهن ڪيترائي لوهاڻا ۽ ٻيا هندو آباديءَ وارا ماڻهو سنڌ ڇڏي، پر وارين غيرمسلم رياستن طرف لڏي ويا. اهڙيءَ طرح سومرن جي حڪومت واري زماني (1010ع- 1351ع) ۾، سومرن جي چوٿين حاڪم 'سنگهار پٽ دودو اول' جي ڏينهن ۾، ڪيچ کان وٺي هالاڪنديءَ تائين وارو سڄو ملڪ سومرن جي حڪومت ۾ شامل هو. اهڙيءَ طرح سمن جي دور (1351ع- 1521ع) ۾ ٻه ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ جا علائقا، سمن جي حڪومت ۾ شامل هئا. انهيءَ ڪري ڪيتريون ئي سنڌي قومون، سنڌ مان لڏي ڪڇ، گجرات ۽ ڪاٺياواڙ ۾ وڃي آباد ٿيون. ساڳيءَ طرح ڪيترائي قبيلا انهن علائقن مان لڏي، سنڌ ۾ اچي رهيا. ايتري قدر جو ورهاڱي واري زماني تائين، سنڌ جي ڪيترن ئي قبيلن جا ڇڱا مڙس، ڪڇ ۾ رهندا هئا ۽

ڪڇ ۾ رهندڙ ڪيترين ئي جاتين جا چڱا مڙس، سنڌ ۾ رهندا هئا.

ورهاڱي کان پوءِ، سرحدن جي بند ٿي وڃڻ جي ڪري، ماڻهن جي اچ-وڃ جو سلسلو به بند ٿي ويو پر سرحد جي هُن پار راجستان جي بيڪانير، جيسلمير، جوڌپور، مارواڙ ميواڙ ۽ ٻارميڙ کان سواءِ، ڪڇ، گجرات ۽ ڪاٺياواڙ ۾ رهندڙ سنڌي جاتين پنهنجي ٻولي ۽ سنسڪرتيءَ کي اڄ ڏينهن تائين جاري رکيو آهي. ايتري قدر جو سنڌ جي وڏي صوفي شاعر، حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام جا وڏا ڄاڻو هن وقت به ڪڇ ۾ رهن ٿا. سنڌي ادب جي تاريخ ۾ هيٺ ڄاڻايل ڪڇ جا شاعر، سنڌي ٻوليءَ جا وڏا شاعر آهن:

(i) پير غوث محمد لکپت وارو
(ii) سيد مير صاحب آرڪاٽي وارو
(iii) سيد باقر شاهه ناڙاپي وارو
(iv) عمر لوهار ٻاٽن وارو
(v) سيد قاسم شاهه مڏئيءَ وارو
(vi) سيد منٺار شاهه
(vii) ميرڻ مَلُوڪ کوڙ لکپت وارو
(viii) چڱو جت، ۽
(ix) عمر ميندرو وغيره.

هن سلسلي ۾ ماستر محمد سومار شيخ جو ڪتاب 'ڪڇين جا قول' به پڙهڻ گهرجي.

اهڙيءَ طرح سنڌي جاتين جو وڏو انگ، بيڪانير، جيسلمير، جوڌپور، مارواڙ ميواڙ ٻارميڙ کان سواءِ ڪاٺياواڙ جي اڳوڻين رياستن جهڙوڪ: جهوناڳڙهه، درول، سانتلپور، راڄڪوٽ، ڄام نگر، موروي، واراهي، نوانگر، مانا وادر ڀهاءِ نگر، گوندل، ماندوي، ماراهي ۽ منگرول کان سواءِ ڪڇ جي ٻني ۽ ٻين خطن ۾ اڄ به آباد آهي، جن جو ذڪر ڪيترن ئي حوالن سان اڳتي ڪيو ويو آهي.

راجستان ۾ خاص اولهه واري ڪيتر ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ڦهلاءَ، خاص

ڪري لوڪ ساهتيہ جي ڦهلاءَ ۾ چارڻن، ڀٽن، ڀانن، جاجڪن، ميراثين، مڱڻهارن، لنگهن ۽ ٻين جاتين جي لوڪ ڪلاڪارن ڪان سواءِ سگهڙن جو وڏو هٿ رهيو آهي. لسانيات (ڀاشا وگيان) جي ماهرن جي اها راءِ آهي تہ:

"ناگر اپڀرنش، قديم دور ۾ ساهتيہ جو ذريعو (وَهاڻ) هئي، جا گجرات، راجستان ۽ اُن جي اولهہ طرف واري ايراضيءَ تي ادبي لحاظ کان ڇانيل هئي. ڏکڻ ۽ ڏکڻ- اوڀر ۾ سنڌ جي اوڀر واري حصي جا گجرات ۽ راجستان جي اولهہ واري ايراضيءَ سان گهاٽا ۽ گهرا ناتا هجڻ سبب، اُن وقت جا سگهڙ ۽ سياڻا ٻنهي طرفن ۾ بنا ڪنهن جهل پل جي پيا ايندا ويندا هئا." [7]

پروفيسر جهمٽ مل ڀاوناڻي اِڪتي لکي ٿو تہ:

"اپڀرنش مان جدا جدا ديس ڀاشائون: سنڌي، راجستاني، گجراتي ۽ هندي وغيره ڇڇي ڌار ٿيون. اها جدائي عيسوي ٻارهين صديءَ ۾ شروع ٿي، پر پوءِ گهٽ ۾ گهٽ ٻہ صديون سنڌيءَ ۽ اولهہ راجستاني لوڪ وهنوار ڀاشا ۾ گهڻو ڦيرو ڪين آيو. حڪومتي ٻوليءَ ۾ برابر گهڻو ڦيرو آهي، پر انهيءَ جو لوڪ ڀاشا تي اثر خير ڪو پيو. ڪن سنڌي عالمن، عربي ۽ فارسيءَ ۾ ادبي مهارت حاصل ڪئي، پر عام خلق جي ٻولي سنڌي رهندي آئي، جا اُن وقت اولهہ راجستانيءَ کان گهٽي علحدي ڪانہ هئي. ڪي صديون پوءِ، هاٺوڪيءَ سنڌ جي ڪڇهہ حصي جو راجستان سان سياسي ۽ سموريءَ سنڌ جو راجستان سان ڀنگتي ناتو هلندو آيو." [8]

محترم رائچند چيلهاريءَ جو رايو آهي تہ:

"ڪڇ ۽ گجرات جي حاڪمن وانگر، راجستان جي راجائن سان، سنڌ جي سوڍن، راٺن ۽ ٻين راجائي ڪل وارن، مائٽيون ڪيون. امرڪوٽ جي پرمار راجا سوڍي جي ڌيءَ سان لدروي ۽ پونگل

جي يادونسي راجا مندم راءِ شادي ڪئي." (9)

چيلهاري صاحب اڳتي لکي ٿو تہ:

"ٿرپارڪر جا سوڍا بہ پنهنجون نياٽيون، ڪڇ، مارواڙ ۽ جيسلمير ۾ پرڻائيندا هئا." (10)

اهوئي سبب آهي جو سنڌ جا اولهہ راجستان ۽ ڪڇ سان سياسي ناتن کان سواءِ سماجي ناتا پڻ قائم هئا.

ڊاڪٽر پرسو گدواڻي، ڪڇ جو وڏو عاشق هو. نوڪريءَ واري زماني ۾ وئڪيشن جا ڏينهن ڪڇ ضلعي جي بنيءَ واري حصي ۾ گذاريندو هو. رٽائرڊ ٿيڻ کان پوءِ، پنهنجي حياتيءَ جو وڏو حصو ڪڇ جي بنيءَ واري ڪيتر ۾ گذاريائين. اُتي پنهنجو گهر اڏائي، اُتي ئي رهڻ لڳو هو ۽ زندگيءَ جا پويان ڏينهن اتي ئي رهيو ۽ آخري پساهہ بہ اُتي ئي کنيائين. ڪڇ جي باري ۾ ڊاڪٽر گدواڻيءَ ڪيترائي مضمون، مقالا ۽ ٽي چار ڪتاب بہ لکيا. هن سلسلي ۾ لکيل پنهنجي هڪ ڪتاب، 'سنڌي ٻوليءَ جي زيارت' ۾ ڪڇ واري پنهنجي سفر کي 'سنڌي ٻوليءَ ۽ ڪلچر جي زيارت' ٿو ڪوٺي. هو لکي ٿو تہ:

"ها! اها منهنجي سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ڪلچر جي زيارت ئي هئي. هر دفعي جڏهن بہ بنيءَ ۽ ڪڇ ۾ ٻوليائي اپياس لاءِ ويندو آهيان تہ اُن دوري کي، سنڌي ٻوليءَ ۽ ڪلچر جي زيارت ئي سمجهندو آهيان، ڇو تہ بنيءَ جو علائقو سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ڪلچر جي انيڪ پهلوئن کي ساهہ سان سانڍي ويٺو آهي."

بنيءَ جي سنڌين، انيڪ ڪشٽ ۽ ڪشالا سهندي بہ، سنڌي ٻوليءَ کي زندهہ رکيو آهي. انهن سببن جي ڪري اُتي وڃڻ، اُتان جي ٻوليءَ جو اپياس ڪرڻ ۽ اُتان جي ڪلچر جو مُزو ماڻڻ، ڪنهن بہ درگاهہ تي وڃي سجدي ڪرڻ کان گهٽ ڪونہ آهي، يا ڪنهن تيرٿ آستان تي وڃي، اُتي مندر ۾ مورتيءَ اڳيان مٿو ٽيڪڻ کان گهٽ ڪونہ آهي.

هر دفعي پنهنجيءَ سنڌي امڙ جو نئون ۽ نرالو روپ ڏسندو آهيان ۽ اُن جي ٻوليائي قسمن (varieties) جو اڀياس ڪري پنهنجيءَ سنڌڙي امڙ جي شاهوڪاريءَ اڳيان سجدو ڪندو آهيان ۽ اُن جي شاهوڪار ڪلچر اڳيان مٿو ٽيڪيندو آهيان."[11]

ٿر جي علائقن ڪانياواڙ ڪڇ، مارواڙ ميواڙ جوڌپور جيسلمير ۽ بيڪانير جي وڏي حصي ۾ ڪيتريون ئي هندو ۽ مسلم جاتيون آباد آهن، جيڪي نہ فقط سنڌي ٻولي ڳالهائينديون آهن، پر اُنهن پنهنجو سنڌي ڪلچر بہ صدين کان قائم رکيو آهي. ڊاڪٽر پرسو گدواڻي، پنهنجي ساڳئي ڪتاب 'سنڌي ٻوليءَ جي زيارت' ۾ لکي ٿو تہ:

"هن وقت تائين جيڪي بہ مقالا يا پي ايڇ. ڊيءَ جون ٿيسزون ڇپيون آهن، اُنهن ۾ ڪنهن بہ جتن، سمن، سومرن ۽ ڪنيرن وغيره جي ٻوليءَ جي ڪنهن بہ پهلوءَ جو اڀياس ڪونہ ڪيو آهي. نہ فقط ايترو پر رچناتمڪ ساهت ۾ پڻ فقط لڏي آيل هندن جا ئي بيان آهن. ڪٿي بہ ٿر ۾ رهندڙ جت، سمي، سومري، ٽيٻي، ڪنير، مڱڻهار ۽ ميگهواڙ جي نہ زندگيءَ جا بيان آهن ۽ نہ ئي اُهي ڪردار ٿر جي سنڌي ساهت ۾ ملن ٿا، پر سنڌ ۾ ڇپيل ساهت ۾ بہ ائين نہ آهي."[12]

ڊاڪٽر گدواڻي، ساڳئي ڪتاب ۾ اڳتي لکي ٿو تہ:

"ڪجھ سال اڳ جڏهن بہ سنڌي لوڪ ساهت جي ڳالھہ نڪرندي هئي، تڏهن ائين ئي ڇوٽو پوندو هو تہ سنڌي لوڪ ادب فقط ڪن ٻڍن وٽ سندن بستين ۾ وڃي بچيو آهي، بچيو ڇا آهي، بلڪ پوين پساهن ۾ آهي، پر اڄ اهوسچ نہ آهي. اسان جا سنڌي ڳوٺ، لوڪ ادب جا خزانا آهن. لوڪ سنگيت جا پڻ خزانا آهن، لوڪ ساز ۽ لوڪ ڏنون اڄ بہ اسين ٿر جي ٻوٺءَ تي ئي ٻڌي سگهون ٿا. نڙ، چنگ، ٻوڙيندو، بينون ۽ مرلي وغيره سڀ

ساز اج بہ ٻنيءَ ۾ جيئن جو تيئن زندھہ آھن. اھو ئي سبب آھي جو پارت سرڪار جي سھاري جيڪو پھريون فوڪ لور (فوڪ لور ۾ فقط ادب نہ ايندو آھي، پر ھر لوڪ فن اچي ويندو آھي) تي ورڪشاپ ٿيو ھو اھو ڪنھن سنڌي بستيءَ ۾ يا سنڌي ڪئمپ ۾ ڪونہ ٿيو ھو پر اُھو ڪڇ جي 'نرونا' ڳوٺ ۾ ئي ٿيو ھو. اھو ڳوٺ ٻنيءَ جي ڪناري تي آھي جتي سنڌ جون جُھونيون ذاتيون اج بہ سنڌي ڪلچر کي زندھہ رکڻ لاءِ پنھنجن ويھن ئي ننھن جو زور لڳائي رھيون آھن. اھو ورڪشاپ 1978ع ۾ ٿيو ھو. ڪجھہ سال اڳ شايد اھا ناشدني مجي وجي ھا. اھو ورڪشاپ بہ ڪيترن ئي ياڳ وٺندڙن لاءِ زيارت ئي ھو." [13]

ساڳئي ڪتاب ۾ پروفيسر رام پنجواڻيءَ جي حوالي سان، آخري صفحي تي لکيو ويو آھي تہ:

"لوڪ ساھتيہ جي ڦھلاءَ ۾ وڏي ھٿي پٽن، ڪٽڪن، چارڻن ۽ ڀڳتن ڏني آھي. جڏھن اخبارون ڪونہ ھيون ۽ سفر جا وسيلا محدود ھئا، تڏھن ھي ڀٽ ۽ ڀڳت ھوندا ھئا جي ديسان ديس رلن ڪندا وتندا ھئا ۽ ھتان جون خبرون ڪٿي ھت پھچائيندا ھئا. خشڪ نمونې ۾ خبر چار نہ ڏيندا ھئا، پر ڳوتا ۽ ڪھاڻيءَ جي روپ ۾. اھڙو ڪو سنڌي ورلي ھوندو جنھن ڳاڙھي پڳڙيءَ ۽ اڇي جامي وارو ڀڳت نہ ڏٺو ھوندو پيرن ۾ ڇير پائي، جڏھن ڀڳت عام خلق جي وچ ۾ بيھي سازن جي ساٿ سان ڳائيندا، نچندا ۽ ڪھاڻيون ڪٿندا آھن، تڏھن ٻيا ڪيل تماشا، ناٽڪ ۽ ناچ وسري ويندا آھن.

سنڌ ۾ اھا ڀڳت عام وندر لاءِ بلڪل عمدو وسيلو ھئي. ھندو ۽ مسلمان ھزارن جي تعداد ۾ بنا خرچ ڀڳت ڏسڻ ايندا ھئا ۽ ھڪ ئي وقت ناچ، راڳ ۽ ناٽڪ جو رس وٺندا ھئا. اھي ڀڳت ۽ چارڻ ئي آھن، جن اسان جي لوڪ ڪھاڻين ۽ گيتن کي جيئرو رکيو آھي.

هِتي هند ۾، لوڪ ساهتيہ ۾ لوڪ سنسڪرتيءَ کي پنهنجي اصلوڪي روپ ۾ رکيو ويٺا آهن سوڍا، سومرا، سما، متوا، جت ۽ ٻيون سنڌي ذاتيون. جي هن وقت ڪڇ جي ٻنيءَ واريءَ ايراضيءَ ۾ ڪن ٻين دور دراز ڳوٺن ۾رهن ٿيون. انهن جي محفل رات جو مچندي آهي ۽ ڀِڳت بدران شاهہ لطيف، چڱي جت، سانوڻ فقير ۽ ٻين مڪاني شاعرن جي بيتن، ڏوهيڙن، واين، ڪافين سان رات رنگين ٿي ويندي آهي. وري جو اُن محفل ۾ سنڌي سگهڙ ڏنون، ڏور هنر ۾ ڳجهارتون ڏيندا، ونندا ۽ سليندا آهن ۽ سنڌي ٻوليءَ جي جهونن لفظن جي پلٽ پلٽان ڪندا آهن. اهي ڳالهيون نہ رڳو ان محفل کي چار چنڊ لڳائينديون آهن ۽ محفل ۾ شريڪ ٿيندڙن کي وندر ۽ وروَنهن ڏينديون آهن، پر اُن ڳالهہ جو ثبوت بہ ڏينديون آهن تہ سنڌي لوڪ ساهتيہ ۽ سنڌي سنسڪرتي جڳان جڳ ڀيئي جيئي.“(14)

شري ليلارام رچنداڻي، ڄيٺي لالواڻيءَ جي ڪتاب: ”ٻنيءَ جو سنڌي لوڪ ادب“ جي مهاڳ ۾ 1992ع ۾ لکيو هو تہ:

”هن ڪتاب ۾ بہ ڄيٺي جو ڪيتر محدود رهيو آهي. رڳو ڪڇ ضلعي جي هڪ ننڍي ايراضيءَ تائين آهي جنهن کي ٻني چيو ويندو آهي ۽ جنهن ايراضيءَ ۾ هڪ سنڌي جاتي صدين کان وٺي رهندي ۽ پنهنجي لوڪ ساهتيہ، لوڪ سنسڪرتيءَ کي برقرار رکندي پيئي اچي. وري ٻني ايراضي ڪا گهڻ اهم بہ ڪانهي. ملڪ جي برک مخزنن ۾ اُن جو احوال اچي چڪو آهي.“(15)

شري ليلارام رچنداڻي اڳتي لکي ٿو:

”اِن ڏس ۾ شرف ۽ داد جو پهريون حقدار ڊاڪٽر پرسو گدواڻي آهي، جنهن گجرات سنڌي اڪادميءَ جي ساٿ ۽ سهڪار سان، بنا ڪنهن اُجوري وٺڻ جي، ٻنيءَ ۾ ڏينهن جا

ڏينهن رهي، اُن ايراضيءَ جو لوڪ ساهتيہ ڪٿو ڪيو ۽ اُن کي لکيت ۾ بہ آندائين." [16]

هن ساڳئي ڪتاب ۾ ديوان ڄيٺو لالواڻي 'پنهنجي طرفان' واري عنوان هيٺ لکي ٿو تہ:

"ٻني، ڪڇ جو اهو علائقو آهي، جتي اڄ بہ اصلوڪيون سنڌي قومون رهن ٿيون. ٻني چاليهن ڳوٺن وارو ايشيا جو وڏي ۾ وڏو چراگاهہ وارو علائقو آهي، جتي اڄ بہ سنڌي ٻولي، سنڌي سنسڪرتي ۽ سنڌي لوڪ ادب قائم آهي.

'ٻنيءَ جو سنڌي لوڪ ادب' نالي هن ڪتاب ۾ ٻنيءَ جي جدا سنڌي لوڪ ادب جي صنفن جي مواد کي ڪٺو ڪري پيش ڪيو ويو آهي. هن لوڪ ادب ۾ سنڌي ٻوليءَ جي جدا جدا اُپ ڀاشائن: سوڍڪي، جتڪي، ڪڇي، ڍاٽڪي ۽ ٿريءَ جا لفظ جيئن جو تيئن ڏنا ويا آهن ۽ ٻنيءَ جي ڪچهرين ۾ جهڙي انداز ۽ لهجي ۾ ان جا لوڪ پيش ڪندا آهن، اُهو انداز ۽ لهجو پڻ جيئن جو تيئن قائم رکڻ جي ڪوشش ڪيل آهي." [17]

'سپون' رسالي جي آڪٽوبر، نومبر ۽ ڊسمبر 2004ع واري پرچي ۾ ڊاڪٽر ڄيٺي لالواڻي صاحب جو مقالو ڇپيو آهي، جنهن جو عنوان آهي: "ٻنيءَ جا لوڪ گيت". انهيءَ وشئہ تي ئي، ڊاڪٽر ڄيٺي لالواڻي صاحب پي ايڇ. ڊي ڊگريءَ لاءِ مقالو لکيو هو جيڪو هن ممبئي يونيورسٽيءَ ۾ 1992ع ۾ پيش ڪيو هو. ٻنيءَ جي جاگرافيائي بيهڪ جي باري ۾ ڊاڪٽر لالواڻيءَ سٺي ڄاڻ ڏني آهي. هُو لکي ٿو:

"ٻني يا اُن جي آسپاس جي ايراضيءَ ۾ ڪو بہ شخص سنڌ مان ويندو آهي تہ چوندا آهن تہ فلاڻو سنڌ مان آيو آهي، يا چوندا آهن تہ اسان جي شهر ۾ سنڌي آيو آهي. حقيقت ۾ اهو شخص ٻنيءَ يا ڪڇ جي ڪنهن حصي مان ئي آيل هوندو آهي." [18]

ڊاڪٽر ڄيٺي ائين بہ ڄاڻايو آهي تہ:

”شاهہ صاحب، ٻنيءَ جي ڳوٺن ۾ ڪيرو جمرو هيو ۽ لوٺو جيڪي جبل آهن، اُنهن جو بہ ذڪر پنهنجن رچنائن ۾ ڪيو آهي.“[19]

ڊاڪٽر ڇيٺو صاحب اڳتي لکي ٿو تہ:

”ٻنيءَ ۾ جت، متوا، نوڙي، هنگورجا، جوٽيجا، سما، سومرا، ريباڙي، پٽني، هالي پوٽرا، لوهاڻا، سوڍا، ڪولهي، نوٽيار، ميگهواڙ وغيره جدا جدا قومون، ڳوٺن ۽ قبيلن ۾ رهن ٿيون، جيڪي پاڻ کي سنڌي سڏائيندا آهن ۽ سنڌي ڳالهائيندا آهن، منجهن ڪيترين ئي سنڌي ريتين رسمون اڄ بہ قائم آهن. پهراڻ ڪاڏ خوراڪ، رهڻي ڪهڻيءَ ۾ هُو سنڌي ئي آهن. سنڌي سنگيت ۽ سنڌي ڪچهريءَ جو لطف، ٻنيءَ جي ڳوٺن ۾ ماڻي سگهجي ٿو. ٻنيءَ جي سگهڙن وٽ اڄ بہ سنڌي لوڪ ادب ۽ سنڌي لوڪ گيتن جا قيمتي انبار پريا پيا آهن، جن کي هو وقت بہ وقت ڪچهرين ۾ پيش ڪندا آهن.“[20]

ڊاڪٽر ڇيٺو لالواڻي اڳتي لکي ٿو:

”حاصل مطلب تہ ٻنيءَ جا ڳوٺ، پارت ۾ سنڌين جا ڳوٺ آهن، جتي سنڌي لوڪ ادب ۽ لوڪ سنسڪرتي زندهہ آهي. ٻنيءَ جون ڪيترين ئي قومون پير پٿوري کي پوڄينديون آهن ۽ چيٽي چنڊ جي ڏينهن، ان جو ميلو لڳائينديون آهن. ٻنيءَ جا لوهاڻا، 'دريا لال' جي پوڄا ڪندا آهن ۽ چيٽي چنڊ ڌام ڌوم سان ملهائي ڳائيندا آهن:

جُهولي رتناڻي، جُهولي رتناڻي، لائق لال اُڏيرو
رتناڻي راجا، جُهولي رتناڻي، جُهولي رتناڻي راجا
آهي تہ پير پليرو رتناڻيءَ راجا، لال اُڏيرو.[21]

ڊاڪٽر ڇيٺو اڳتي لکي ٿو:

"ٻنيءَ جا سنڌي لوڪ گيت، هن علائقي جي ماحول ۽ سماجڪ جيون جي عڪاسي ڪن ٿا. گيت لئہ، رس، تال ۽ ڀاءَ سان ڀريل آهن، جيڪي ٻڌڻ واري جي دل ۽ دماغ تي ڇانئجي وڃن ٿا. ٻنيءَ جي گيتن ۾ گوناگونيت پڻ آهي تہ خوشيءَ جي گيتن ۾ نصيحتون آلاپيل آهن."(22)

ڊاڪٽر لالواڻي صاحب اڳتي لکي ٿو تہ:

"ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ڊاڪٽر نارايڻ ڀارتيءَ جي سنڌي لوڪ گيتن جي قسمن تي نظر ورائجي ٿي تہ ظاهر ٿي بيهي ٿو تہ ڊاڪٽر بلوچ صرف مسلمانن جي سنڌي لوڪ گيتن کي کڻي جدا جدا قسمن ۾ ورهايو آهي ۽ هندن جي پوڄا، ڌارمڪ پرمپرا جي گيتن کي پنهنجي ڪتاب ۾ شمار نہ ڪيو آهي، جڏهن تہ ڊاڪٽر ڀارتيءَ وري هندن جي سنڌي لوڪ گيتن طرف وڌيڪ ڌيان ڏنو آهي. پر هڪ حقيقت اها بہ اُڀري اچي ٿي تہ ٻنهي ودوانن جي لوڪ گيتن جي قسمن کي جوڙجي تہ چاڻ پوي ٿي تہ سنڌي لوڪ گيت سنڌيءَ ۾ تمام جهجهي انداز ۾ آهن. اُهي سنڌ ۽ سنڌي بستين ۾ چپي چپي تي ڳاتا وڃن ٿا.

جيئن تہ ٻنيءَ ۾ جت، سما، سومرا، متوا ۽ نوتيار وغيره سنڌي مسلمان قومون آهن. لوهاڻا، ڪولهي، ڀانوڻالي، سوڍا، ميگهواڙ ۽ ريباڙي وغيره هندو سنڌي آهن، جنهن ڪري ٻنيءَ ۾ ٻنهي قسمن جي لوڪ گيتن جون روايتون اسان کي ملن ٿيون. جيئن تہ سيني طبقن، قبيلن جا رواج پنهنجا، ريتيون پنهنجون، رهڻي ڪهڻي پنهنجي، سنسڪار پنهنجا، وشواس پنهنجا پنهنجا آهن، اُن ڪري انهن سيني جي نمائش ٻنيءَ جي سنڌي لوڪ گيتن ۾ ٿئي ٿي."(23)

ڊاڪٽر چيني هڪ خاص نقطي تي پنهنجي هن مقالي ۾ لکيو آهي. هُو لکي ٿو تہ:

"هتي اهو ذڪر ڪرڻ بہ واجب ٿيندو تہ شاهہ صاحب، سنڌ جو سرتاج شاعر تہ آهي ئي، پر گجرات ۽ ڪڇ جي سنت ڪوين جو بہ 'سرتاج شاعر' ڪري سڏيو ويندو آهي. سئوراشٽر، ڪاٺياواڙ ۽ ڪڇ جو ادب. شاهہ صاحب جي ڪلام کان سواءِ چٽڪ آڌورو اڌورو آهي. شاهہ صاحب خود لس ٻيلي کان ٿيندا، ڪڇ پهتا هئا. ٻنيءَ جي ميڙن، ملاکڙن، ڪچهرين ۽ درگاهن تي شاهہ صاحب جو ڪلام ڳاتو ويندو آهي. ٻنيءَ جا سگهڙ، جت ۽ ٻيا فقير، گايڪ، شاهہ صاحب جا سچا شيدائي آهن." [24]

'ٻنيءَ جا سنڌي لوڪ گيت' جي موضوع تي، منهنجي سائينءَ مرليڌر جيٽلي جو مقالو سپون رسالي جي جنوري- فيبروري ۽ مارچ 2004ع واري پرچي ۾ ڇپيو آهي. اهو مقالو حقيقت ۾ ڊاڪٽر جيٽي لالواڻيءَ جي، 1992ع ۾ پي ايچ ڊيءَ لاءِ پيش ڪيل مقالي جو هڪ جائزو آهي. هن مقالي ۾ ڊاڪٽر جيٽلي صاحب، حيدرآباد ۾ ڊاڪٽر محمد اسماعيل شيخ صاحب جي گهر ۾، هندستان مان آيل ڊاڪٽر جيٽلي ۽ ٻاءِ هيري ٺڪر جي مان ڏنل دعوت ۾، پنهنجي ڪيل تقرير جو ذڪر ڪيو آهي. ڊاڪٽر جيٽلي صاحب پنهنجيءَ تقرير ۾ فرمايو هو:

"سنڌي ٻوليءَ ۽ لوڪ ادب جو دائرو فقط سنڌ جي سياسي حدن اندر محدود نہ آهي. پاڪستان ۾ سنڌ صوبي کان ٻاهر بلوچستان ۽ ڏکڻ پنجاب (ملتان، بهاولپور، ديرا غازي خان وغيره) جي ايراضين ۾ بہ سنڌي ٻوليءَ جو ڦهلاءُ آهي ۽ اُتي پڻ اسان کي لوڪ ادب جي کوج ڪرڻ گهرجي.

ڀارت ۾ راجستان ۾ جيسلمير، جوڌپور ۽ ٻارميڙ واريون ايراضيون ۽ گجرات ۾ ڪڇ ۽ سؤراشٽر وارا ڪيتر اهڙا آهن، جتي سنڌيءَ جون اُپڀاشائون ڳالهايون وڃن ٿيون ۽ اُتي پڻ زباني روايتن ۾ سنڌي قصا ۽ ڪهاڻيون ۽ سنڌي لوڪ گيت موجود آهن، جن جي گڏ ڪرڻ طرف سنڌ جي عالمن جو خير ڪو ڌيان ويو آهي.

شاهہ لطيف جو ڪلام اولهہ راجستان ۽ ڪڇ جي عوامي ڳائيندڙن وٽ، زباني روايتن ۾ محفوظ آهي. اها نهايت خوشيءَ جي ڳالهہ آهي تہ ڀارت ۾ سنڌي لوڪ ادب جي تحقيق ڪندڙن جو ڌيان اِن طرف ويو آهي. جينت ريلواڻي، سنڌ ۽ گجرات جي رشتن ناتن تي چڱي وقت کان لکندو رهيو آهي. اجمير جي هندي ليڪچرار ڊاڪٽر شريمتي ڪشني ڦلواڻي ڪيماڻيءَ، اولهہ راجستان ۾ پُرچلت سنڌي پريم ڪٿائن تي کوج ڪري، جوڌپور يونيورسٽيءَ مان، ڊاڪٽر آف فلاسافيءَ جي ڊگري حاصل ڪئي آهي. ساڳيءَ طرح ڊاڪٽر جيٺي لالواڻيءَ بہ ڪڇ جي ٻني ڪيتر ۾ مرُوج سنڌي لوڪ ادب کي ڪٺو ڪرڻ ۽ اُن جو تحقيقي اڀياس ڪرڻ جي ڏس ۾ اهڃتي وک وڌائي آهي." (25)

سپون رسالي جي ساڳئي پرچي ۾ شري پدم ديودت شرما 'پدم راج' جو محترم تاجل بيوس جي اوپيرا 'مومل راڻو' تي ھڪ نهايت ئي اهم تبصرو ڇپيو آهي. هن تبصري ۾ احترام جي لائق ليکڪ لکيو آهي تہ:

"جيسلمير ۾ مومل راڻي جو داستان لوڪن ۾ مروج آهي تہ اُتي جي سرڪاري هوٽل جو نالو 'مومل' آهي. ان مان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ هن داستان کي راجستان ۾ ڪيتري نہ گهڻي مقبوليت آهي." (26)

آءٌ يقين سان چوان ٿو تہ موسيقي ۽ اوپيرا يا بيلي جي باري ۾ جيتري ڄاڻ شري پدم ديودت رکي ٿو اوتري هت سنڌ ۾ شايد ئي ڪو صاحب رکندو هجي. منهنجيءَ دل چاهيو ٿي تہ شري ديودت، مومل جي ماڻ ۽ مڪان جي باري ۾ ڪجهہ وڌيڪ لکي ها ڇاڪاڻ تہ اسان جهڙن کي اُن طرف رائج لوڪ ساهتيہ خاص ڪري سنڌي لوڪ ساهتيہ جي ڪا بہ خبر ڪانهي.

اولهہ راجستان ۾ رائج سنڌي لوڪ ساهتيہ جي باري ۾ 2002ع ۾ محترمہ ڪشني ڦلواڻيءَ جوڌپور يونيورسٽيءَ ۾ پي ايچ ڊي ڊگريءَ لاءِ جيڪو مقالو پيش ڪيو هو اهو معلوماتي مقالو آهي، ان ۾ هن سلسلي ۾ لکيل

پراڻن بيانن جي پٺڀرائي ڪئي آهي. ڊاڪٽر ڦلواڻيءَ جي ٿيسز ته اجا مون ڏٺي ڪانهي، پر پاڻ هن مقالي ۾ لکي ٿي ته:

"راجستان ۾ سنڌي گائڪيءَ جي روايت اوترو ئي قديم آهي، جيترو هتي جو عوام. ائين ته لوڪ ساهتيه جي هر هڪ صنف، مثلاً: لوڪ ڪٿا، لوڪ گيت ۽ لوڪ ناچ وغيره، سموري لوڪ جي ملڪيت هوندي آهي ۽ اُن کي قائم رکڻ ۾ سموري لوڪ جو يوگدان هوندو آهي. هن جي پڙهندڙن جو پتو نه هوندو آهي جو پيءُ کان پٽ، ماءُ کان ڌيءَ، سس کان ننهن ۽ گهوٽ کان ڙال تائين، نديءَ وانگر پروهات ٿيندو رهي ٿو. پر راجستان ۾ پيشيور ڳائڻ جي مختلف گروپن هن روايت کي وڏيڪ سگهارو ڪري جيئرو رکيو آهي، جن ۾ لنگها، مڱڻهار هندو ڍولي، مسلم ڍولي، ميراثي، ڀاپوجيءَ جا ڀوپا، ديو نارائڻ يا بگڙاوتن جا ڀوپا، ماتا جيءَ جا ڀوپا وغيره.

ورهاڱي کان اول اولهه راجستان جو سمورو حصو سنڌ صوبي سان جڙيل هو جنهن کي 'ٿر' (ٿار پرديش) چئجي ٿو. ورهاڱي بعد جيڪو حصو ڀارت جي حد ۾ آيو اُتي سنڌي سنسڪرتي پنهنجي جيئري جاڳندي روپ ۾ قائم آهي."(27)

ڊاڪٽر ڪشني اڳتي لکي ٿي:

"سنڌ (پاڪستان) جي سرحد سان لڳل راجستان جو اٽڪل 100 کان 125 ڪلوميٽر ڪيتر جنهن کي 'گهاٽ' (گهٽ) چئجي ٿو اُن ۾ رهندڙ اڄ به سنڌي ڀاشا جو استعمال ڪن ٿا. ٿار ڪيتر جو ٻن ملڪن (هندستان ۽ پاڪستان) ۾ ورهائجي وڃڻ ڪري ڀاشائي حالت ۾ ڪو به فرق ڪونه آيو آهي.

حقيقت ۾ ٿار جو ريگستاني ڪيتر، سنڌي ڀاشا جو بنيادي ڪيتر آهي ۽ هتان جي ڪڻ ڪڻ سنڌي سڀيتا، سنسڪرتي ۽ سنگيت جي رنگ ۾ رڱيل آهي."(28)

ڊاڪٽر ڪشني اڳتي لکي ٿي تہ:

"سنڌي لوڪ سنسڪرتيءَ جا رکشڪ (بچائيندڙ) خاص ڪري لنگها ۽ مڱڻهار جاتيءَ جا مسلمان آهن. اهي راجستان جي اُتر- اولهہ حصي ٻارميڙ، جيسلمير، جوڌپور ۽ بيڪانير ۾ آهن. انهن جا گهڻا ڪٽنب جيسلمير نالي پراڻي رياست ۾ رهندا آيا آهن. سياسي ۽ جاگرافيائي نظر کان اهي حصا ڀارت ۽ پاڪستان جي سرحد جو نرماڻ ڪن ٿا. ان ڪري ظاهر آهي تہ هن جاتيءَ جا گهڻا ڪٽنب اڄ بہ ٻنهي ملڪن جي سرحدي کيترن ۾ آهن؛ هڪ ٻئي وٽ اچن وڃن ٿا. لوڪ ڪلا ڄاڻو ماهر ڪومل ڪوناري 'چرمي' نالي ڪتاب جي مهاڳ ۾ لنگها جاتيءَ جي هڪ شخص جي 'ونش' جو سلسلو ڳڻ ڪندي لکيو آهي:

"اڄ جا لنگها نوجوان پنهنجون ڇهہ پيڙهيون اڳ تائين هندو ڌرم جا مڃيندڙ هئا ۽ اتهاسڪ ڪارڻن ڪري هنن اسلام ڌرم قبول ڪيو." (29)

پنهنجي پي ايڇ.ڊي جي کوجنا جي ڪم دوران، ڊاڪٽر ڪشنيءَ جي جن لوڪ ڳائڻن سان واقفيت ٿي هئي، اُنهن جا نالا بہ ڄاڻايا اٿس. اُهي لوڪ ڳائڻا هئا:

"ٻونگر خان مڱڻهار، ڪيڙا خان، بادو خان ميراثي، ڀيڪو خان مڱڻهار، سانوڻ خان، ٻيجل خان. اهي سڀ ٻارميڙ ۽ اردگرد جي ڳوٺن جا هئا. اهڙيءَ طرح ڪرٽا ڀيل، حاجي خان، صديق خان، راجا خان، مُولا خان، جيسلمير ۽ آس پاس جا هئا. عزيز خان، لنگها ڳوٺ ديداسري (جوڌپور) جو وينل هو." (30)

ڊاڪٽر ڪشني لکي ٿي تہ:

"اهي سڀ لوڪ ڳائڻا لئہ ۽ سنگيت جا ماهر، سُرن جا جادوگر آهن، جيڪي پنهنجي ساٿي ڳائڻن ۽ سازن سان گڏ،

جنهن وقت ڳائيندا آهن تہ ٻڌندڙن جو پٽو ئي پاڻي ٿيو ويندو آهي. هي لوڪ قصا، پريم ڪهاڻيون، بيت، ڏوهيڙا، ڏور، ڪافي، ڪلام ۽ وائي وغيره سنڌي شعر ۽ سنگيت جا ڪيترائي روپ ڳائيندا آهن. انهن جي ڀاشا، ڀاو ۽ سنگيت روحاني لڳندا آهن، ان ڪري ٻڌندڙ بہ روحاني آنند جي ساگر ۾ ٽٻيون ڏين ٿا." [31]

هوءَ اڳتي لکي ٿي تہ:

"شاهہ جي رسالي جا جيڪي سُرَ آهن، هي اڻ پڙهيل گائڪيءَ جي روپ ۾ ڳائيندا آهن. سنڌين لاءِ ڪيڏي نہ فخر جي ڳالهہ آهي جو اسان جو شعر، اسان جو سنگيت اسان جي فيلسوفي هي غريب مسڪين ڪيترين ئي پيڙهين کان سنڀالي وينا آهن. اسان جي هڪ پيڙهي بہ پنهنجي عاليشان وراثت کي سنڀالي نہ سگهي آهي.

لوڪ ڳائڻن کي سنڌ جي نہ جاڻ ڪيترن ئي صوفي شاعرن جو شعر ياد آهي. قاضي قادن، شاهہ عنايت، شاهہ عبداللطيف، منٺار فقير، بابا بلهي شاهہ، بابا فريد، صاحب ڏنو سچل سرمست، صادق فقير، عالم خان، ميرو ساوڻ، روحل فقير، مراد خان ۽ قاسم وغيره. انهن شاعرن جو شعر جنهن ٻوليءَ ۾ آهي، لوڪ ڳائڻا انهيءَ ٻوليءَ ۾ جيئن سنڌي، پنجابي، سرائڪي، ٿريلي ۽ ڪڇي وغيره ۾ ڳائي ٻڌائيندا آهن.

هنن قصن کان علاوه لالي جي ڳالهہ، مورڙو مگرمڇ، دودو چنيسر، ربو شهزادي، بروا بادشاهہ، يوسف زليخا، راجڪماري عائشہ ۽ نہ جاڻ ٻيا ڪيترائي قصا ڳائيندا آهن. عمرڪوٽ جي باري ۾، پارميڙ جي باري ۾، جيسلمير جي باري ۾ ڪيتريون ئي ڳالهيون ڳائيندي، سندن گائڪيءَ تي خمار ڇانئجي ٿو وڃي؛ نتيجتًا ڳائڻي سان گڏ ٻڌندڙ بہ بي خود ٿي جُهومڻ لڳي ٿو." [32]

ڊاڪٽر ڪشني اجا بہ اڳتي لکي ٿي تہ:

ڪجهہ سڻون ڳائي، چپ ٿي ويندا هئا ۽ مون کي چوندا هئا تہ اسان ڇا ڪريون. سوين گيت ڪلام اسان کي ايندا هئا، نہ ڳائڻ ڪري اسان اُهي ڀلجي ويا آهيون. مان چپ چاپ پنهنجي هن وسيع وراثت جي زوال (پَتَنَ) کي ڏسندي رهندي هئس. هڪ تہ هن ڪيتر ۾ جان وٺڻ جيترو ڏڪار پوندو آهي، ٻيو سنڌ پاسي وڃڻ جا هنن جا رستا بند ٿي ويا آهن. هندستان جا سنڌي پنهنجي وراثت کي ڀُلجي ويا آهن. هاڻي ويچارا هي مسڪين مارونڙا پنهنجي روح رهاڻ هن سنگيت سان پيا ڪندا آهن. پر ڪيستائين؟ ضرورت آهي سنڌي ڀاشي سنسڪرتيءَ جي لوڪ گيتاتمڪ روپ کي پوريءَ طرح محفوظ رکڻ جي. مان هن منچ تان سيني کي هڪ دفعو وري وينتي ٿي ڪريان تہ پنهنجي هن وسيع وراثت کي بچائڻ جي، جيڪا اچڻ واريءَ پيڙهيءَ کي راهہ ڏيارينديءَ اچڻ واريون پيڙهيون، پنهنجي هيءَ وراثت بچائي، ان تي ناز ڪنديون.“ (34)

وريانڻي صاحب بہ ان سلسلي ۾ لکي ٿو تہ:

”جيسلمير جا ماڻهو پاڻ کي سنڌي ڪوٺائڻ ۾ فخر وٺندا آهن. سچ پچ هو آهن بہ وشال سنڌ جا لوڪ. ساڳي حالت آهي ٻارميڙ، ڪڇ ۽ سؤراشٽر جي ماڻهن جي، پر اسان پنهنجيءَ تنگدليءَ ڪارڻ ڪين پرائو ڪوني، سنڌي جاتيءَ کي ننڍڙو جامڙو ڪري ڇڏيو آهي. سنڌي سازيندڙ ڳائڻا ۽ ڪلاڪار سڀ انهن پاسن جا آهن.“ (35)

وريانڻي صاحب، پنهنجي انهيءَ ساڳئي مضمون ۾ پنهنجي انهيءَ سنسڪرتيءَ کي ڀارت ۾ بچائڻ لاءِ هڪ رٿ بہ ڏني آهي، جنهن جي ڀارت ۾ شري سريش ڪيسواڻي، لڇمڻ ڪومل، جهمٽمل واڌواڻي، ڊاڪٽر جيٺي لالواڻيءَ ۽ ٻين انهن سنڌي سرڪاري يا غيرسرڪاري سنسٿائن ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهن کي ڏيڻ گهرجي. ’گجرات سنڌي اڪادمي‘ ۽ ٻيا ادارا تہ ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪري رهيا آهن، پر ’نئشنل سينٽر فار ڊيولپمينٽ آف

سنڌي لئنگئيج' کان سواءِ، خانگي طور بہ ڪونہ ڪو قدم کڻڻ گهرجي. يا ٿ ورياڻي لکي ٿو تہ:

"هر سال فيبروري مهيني ۾ ٽن ڏينهن جو 'مارو ميلو' لڳندو آهي. هي ميلو ٽورسٽ کاتي ۽ انفرميشن ڊپارٽمينٽ جي سهڪار سان لڳندو آهي. هڪ شاهي ميدان تي (جو لڳ ڀڳ قلعي جي پٺ ۾ آهي)، مَلهہ، ڪُشتي، ديسي رانديون، اُٺن جا ڪسرتي ڪرتب، گهوڙن جي ڊوڙ مردن جي تلواري لڙائي، سندن ڪپڙن جي چمڪ ڌمڪ، جدا جدا پڳڙيون ۽ پٽڪا، ڌوتيون ۽ سُٿڻيون، چوڙيدار پئجاما، قميصون ۽ ڪڙتا، هٿيار ۽ ڪرتب، سهڻيون ۽ چمڪندڙ موجڙيون ۽ جُتيون، اُنهن تي زريءَ جو ڪم، چيلهہ تي ٻڌل پٽا، ڪمر ۾ جلويدار مياڻ ۽ اُن ۾ شمشير (تلوار) ڏسڻ لائق هئا. اُن کان سواءِ زالن جا گيت، سنگيت، آلاپ، نرتيہ واري واري سان ڏيکاريا ويا. ڪڏهن جوڌپور تہ ڪڏهن ٻارميڙ، ڪڏهن جيسلمير تہ ڪڏهن بيڪانير ۽ گجراتي گيت، گربا ۽ نرتيہ.

هي جلويدار گيت ڏسي حيرت ۾ پئجي وياسين. اوچتو پڌرائي ڪيائون تہ هي 'ويسٽرن انڊيا ڪلچر' جو منظر آهي پر مون کي 'مرائي ۽ سنڌي ڪلچر' جا ڪي بہ اسم نظر نہ آيا. ايرڪا ٿي رهي هئي تہ اسين بہ جيڪر پنهنجا نجي پروگرام بانيڪارن معرفت پيش ڪرايون ۽ هر سال سنڌي ڪلا ۽ ڪلاڪارن کي اوچ ڏيون ۽ ان لاءِ سنڌي ڊانسن، ڊراما سنگيت ۽ نرتيہ اڪادمي کوليون.

هتي هڪ ڳالهہ جو ذڪر ڪرڻ شايد موزون ٿئي، سو هيءَ تہ مرڪزي سرڪار جي ڪلچر ورياڳ طرفان، هر پرانت ۾ 'سانگائنڊ ڊراما ڊويزنس' کوليا ويا آهن. سرڪار کي لڳاتار ڏهہ سال لکندا رهياسين تہ سنڌ باربر تي اهڙو سنڌي يونٽ کولجي، پر سرڪار وٽ نہ ڪن آهن ۽ نہ من! اسان وٽ

بارگيننگ پاور جو ڪونهي! اسين بہ اگهور ننڊ ۾ آهيون." (36)

هاڻ کوکرو پار ۽ مونا ٻاؤ سرحد کلي وئي آهي. روزانو ٽرين سروس بہ چالو ٿي ويندي. جيڪڏهن راجستان سرڪار پنهنجي طرف، سرحد جي ويجهو ڪو اهڙو ڪلچرل يونٽ کوليندي تہ پڪ سان چوان ٿو تہ اسان جي سنڌ سرڪار بہ اهڙي ڪلچرل يونٽ کولڻ ۾ سُستي ڪان ڪندي. ائين ڪرڻ سان نہ فقط ڪلچرل ميل جول وڌندو پر سرحد جي هُن پار سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري کي هٿي ملندي.

منهنجي خيال ۾ ڀارت ۾ اُهي سنڌي جيڪي سنڌي ٻولي ۽ سيپتا لاءِ ڪوشش ڪري رهيا آهن، اُنهن کي ڍاٽ وريائيءَ ۽ نياٽي ڪشني ڦلواٽيءَ جي رٽ تي سوچڻ گهرجي.

## حوالا


1. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي، چام شورو انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي.
2. هيرو ٺڪر: قاضي قادن جو رسالو
3. جهمون چگاڻي: مهامتي پراڻ ناٿ.
4. پريتم وريائي: جيسلمير سرحد جو تهذيبي اپياس (1987ع)، ٽماهي سپون، اپريل- مئي- جون 2006ع ممبئي، ص 15
5. ايضاً، ص21
6. Aitkin,
7. جهمٽمل ڀانواڻي: ڍولا مارو بمبئي، هندوستان ساهتيہ مالا، 1956ع، ص77
8. ايضاً
9. رائچند چيلهاري: تاريخ ريگستان، ڀاڱو پهريون، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1956ع، ص72
10. ايضاً
11. پرسو گدواڻي، ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءَ جي زيارت، دفتر پنڌار- گانڌي نگر، گجرات سنڌي اڪادمي، 1989ع، ص ص 1_2
12. ايضاً، ص 2

13. ايضاً, ص ص 3 ۽ 4
14. رام پنجواڻي, پروفيسر: سنڌي ٻوليءَ جي زيارت جو آخري صفحو ايضاً, ص 88
15. جيٺو لالواڻي: ٻنيءَ جو سنڌي لوڪ ادب, مهاڳ لکندڙ ليلا رامرچنداڻي, احمدآباد, ساهيجپور بوگها, ڪوتا پرنٽنگ پريس, 1992ع, ص ص 3 ۽ 4
16. ايضاً, ص 4
17. ايضاً, ص 9
18. جيٺو لالواڻي, ڊاڪٽر: ٻنيءَ جا سنڌي لوڪ گيت, ٽماهي سپون, پروفيسر رام پنجواڻي لٽرري ۽ ڪلچرل سينٽر جي مخزن, ممبئي, آڪٽوبر- نومبر ۽ ڊسمبر, 2004ع, ص 25
19. ايضاً
20. ايضاً, ص 25
21. ايضاً, ص 26
22. ايضاً
23. ايضاً, ص30
24. مرليڌر جيٽلي, ڊاڪٽر: ٻنيءَ جا لوڪ گيت, ماهوار سپون, جنوري- فيبروري ۽مارچ, 2004ع, ايضاً, ص 43
25. ڏسو سپون جنوري- فبروري ۽ مارچ, 2004ع, ص 8
26. ڪشني للواڻي, ڊاڪٽر: راجسٿان ۾ سنڌي لوڪ ڳاٿا- راڳيندڙ ٽماهي سپون, آڪٽوبر- نومبر- ڊسمبر ص2004ع, حوالو ڏنل آهي, ص 31
27. ايضاً
28. ايضاً
29. ايضاً
30. ايضاً
31. ايضاً, ص 32
32. ايضاً, ص 33
33. پريتم ورياڻي: جيسلمير سرحد جو تهذيبي اپياس (1987ع), ٽماهي سپون, اپريل- مئي- جون, 2006ع, ص 18
34. ايضاً, ص 17

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

# لاڙي محاوري (لهجي) جا ڪي نوان ڦريل اُچار

لسانيات جون ڪيتريون ئي شاخون آهن. انهن جو مطالعو تمام دلچسپ آهي. انهن شاخن ۾ منهنجي خاص دلچسپي محاورن (Dialects) ۾ شروع کان رهي آهي. گهٽ-واڌ 1954ع ۾ مون کي اٽڪل 19 ورهين جي ڄمار ۾ نوابشاهه، خيرپور، سکر، شڪارپور، لاڙڪاڻي ۽ دادوءَ وڃڻ جو موقعو مليو. مقصد محاورن جو مطالعو نه هو پر هر شهر ۾ مون کي سنڌيءَ جي اُچارن ۾ نمايان فرق نظر آيو. واپس بدين پهچي هڪ مضمون "سنڌي ٻوليءَ جا مختلف اُچار" جي عنوان سان لکيم. جيڪو اُن ئي سال نئين زندگيءَ ۾ ڇپيو. اُن کان پوءِ محاورن بابت هڪ مقالو لکيم، جيڪو مهراڻ ۾ ڇپيو. هدايت پريم سان گڏ ٿر جي محاوري بابت ڪتاب لکيم، جيڪو اٿارٽيءَ شايع ڪيو ۽ هاڻي لاڙ ۽ ڪڇ جي محاورن بابت ڪتاب اٿارٽيءَ شايع ڪيو آهي. ان کان سواءِ سنڌي زبان جي ماهيت تي ڪتاب ڇپيو. هتي گفتگو لاڙي محاوري جي هڪ پهلوءَ بابت آهي، جيڪو گذريل ڪن سالن ۾ اُڀري اڳيان آيو آهي.

هر زبان جا محاورا هڪ حقيقت آهن. چينيءَ جا محاورا ويهن کان وڌيڪ آهن. اُنهن ۾ پيڪنگ جو محاورو بنيادي ۽ معياري آهي. حالانڪ پيڪنگ ملڪ جي ٿوري گهڻ اُتر ۾ آهي. اسان جو معياري محاورو ٿوري گهڻ سنڌ جي مرڪز ۾ آهي. ڀيرومل ۽ ٻين محققن هن کان اڳ سنڌي زبان جي لاڙي ۽ ٻين محاورن جو جائزو ورتو آهي. ڀيرومل لاڙي محاوري جي

اُچارن کي معياري محاوري کان گهڻو ڦريل ۽ بگڙيل سڏيو آهي. پنهنجي ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" ۾ هن سنڌي ٻوليءَ جي لاڙي محاوري بابت ڪي رايا بہ ڏنا. جن ۾ هن چيو تہ لاڙي ٻوليءَ تان اسان جا ڪيترا ماڻهو کِلندو ڪندا آهن. سنڌ جي ٻين هنڌن جي ٻوليءَ کان اُن جو درجو گهٽ ليکيندا آهن.[1] اُن کان سواءِ ڪاڪي ڀيرومل لاڙي ماڻهن جي اصل نسل ۽ محاوري بابت ڪي ڳالهيون چيون آهن[2]. هتي ان بحث ۾ پوڻ جي ضرورت ڪونهي تہ ٻين محاورن جو ربط معياري محاوري سان وڌيڪ آهي يا اُنهن مادري ٻوليءَ وارا لچڻ قائم رکيا آهن. جي ائين هجي تہ محاورن جو وجود ۽ بحث ئي نہ هجي!

بهرحال لاڙي محاورو (Dialect) ڪن ڳالهين ڪري نمايان آهي، جن مان ٻن جو اشارو ڪري موضوع تي ايندس.

1ـ اوسرڳائي لاڙ جي ٻوليءَ ۾ نمايان آهي. مثال طور ٻ ـ ڏ ـ ڄه ۽ اهڙن ٻين وسرڳ آوازن کي اوسرڳ ڪري اُچارڻ. جيئن ب ـ د ۽ ج وغيره ڪري اُچارڻ. ائين گهر کي گر، ٻت کي بت، ڏڙ کي دڙ ۽ جهرڪيءَ کي جِرڪي چيو ويندو آهي.

2ـ ڊگهن سُر آوازن (vowels) کي اڪثر ڇوٽو ڪرڻ. جيئن 'ڪيائون' کي 'ڪئون' چون ۽ فعلن کي ڇڏي ڪن اسمن کي اُن جي ابتڙ ۾ ڇوٽن سُرن کي ڊگهو ڪرڻ جي عادت عام آهي. جيئن نرڙ کي نراڙ ۽ حجم کي حجام چون. اهڙيءَ طرح لاڙي محاوري ۾ ضميرن ۾ بہ هڪ خصوصي لاڙو آهي. هي سڀ فرق هڪ محاوري کي ٻئي کان جدا ڪن ٿا. ان ۾ وڌيڪ بگڙيل هجڻ يا ڪنهن محاوري جو درجو گهٽ هجڻ جي ڳالهہ ناهي. ذڪر ڪيل ڳالهيون محاورن ۾ موجود رهيون آهن. هاڻي تعليم، ميڊيا ۽ ٻين ذريعن ڪري ماڻهو معياري محاوري ڏانهن اچن پيا.

هِتي لاڙي محاوري ۾ آيل ٿورن لاڙن ۽ ڦريل اُچارن جو مختصر جائزو پيش ڪندي آءٌ ڪي اشارا ڏيڻ گهران ٿو. هنن اُچارن کي آءٌ نوان ڦريل اُچار سڏيان ٿو. انهن ۾ پهرين آنگ اچن ٿا. لاڙ جي هيءَ ايراضي گهٽ ۾ گهٽ ٽن ضلعن بدين، ٺٽي ۽ ٽنڊي محمد خان تي مشتمل آهي. مون هنن ٽن ضلعن ۾

ٺٽي، گهاري، سجاول، ٻڌوري، جهوڪ، گولاڙچي، بدين، ڪڍڻ، تلهار، ٽنڊي باگي، لنواري ۽ ماتليءَ تي نظر پئي رکي آهي ۽ آيو ويو آهيان. انگن جي ڳڻپ جو انداز مون کي ڦريل لڳو آهي. اُن موجب اڳ ۽ ڦريل اُچارن جا مثال هن ريت آهن:

| ڦريل | اڳ |
| --- | --- |
| ٻہ رُپي | ٻين روپئين |
| ٽي رُپي | ٽين روپئين |
| چار رُپي | چئين روپئين |
| پنج رُپي | پنجين روپئين |
| ڇهہ رُپي | ڇهين روپئين |
| ست رُپي | ستين روپئين |
| اٺ رُپي | اٺين روپئين |
| ڏهہ رُپي | ڏهين روپئين |

ڏهن کان مٿي ويهن تائين روپين ۽ قيمت جي ڳڻپ بہ اهڙين ٿئي. مثال: 'يارهين روپئين' بدران چون: 'يارهن رُپي'. جي پڇبو تہ 'تو هي نوٽ ڪڏهن ورتو' تہ جواب ملندو: 'ٽي رُپي'. حقيقت ۾ ٽيڻ ڪپي "ٽن روپين ۾". اهڙي طرح ڏهاڪن جي اُچارن جا مثال هي آهن:

| ڦريل | اڳ |
| --- | --- |
| ٽيهہ رُپي ۾ | ٽيهن روپين ۾ |
| چاليهہ رُپي ۾ | چاليهن روپين ۾ |

ڇا هن کي اڳ تائم غير سنڌي اُچار ۾ ليکجي؟ جيئن ٻروچن ۽ ٻين آباد ٽيل ماڻهن سَتَ روپيا بجاءِ سَتِ روپيا چيو! هيءَ نئين صورتحال اُن کان بہ نرالي آهي. هُو تہ فقط پيچاڙي ساڪن ڪرڻ تائين معاملو محدود هو پر هاڻي تہ اُچارن ۾ ٻي ۽ نئين ڦيرڦار آئي آهي. جيئن 'رُپئي' کي 'رُپي' ۽ 'ڇهن' کي 'ڇہ' چيو ويو.

يقينًا هيءَ ڦيرڦار بتدريج آئي آهي. ممڪن آهي گذريل ٽيهن

پنجتيهن سالن ۾ آئي هجي. انگن جي ڳڻپ وقت پڇڻ ۽ جواب ڏيڻ جي سلسلي ۾ بہ ساڳي ڳالھہ آهي. مثال طور 'چئين وڳي' بدران 'چار بجي' چوڻ. منهنجي خيال ۾ هي اردوءَ جي اثر هيٺ ٿيو آهي. ٻيو سبب ٽي وي چئنلز جو اثر آهي. اهڙو جواب مون کي هڪ ماڻهوءَ بہ ڏنو. هُن چيو تہ 'ميڊيا جي زبان جي اثر سبب مون اوهان سان اردو ڳالهائي'. هونئن رابطي ۾ رهندڙ زبان (Language in contact) جو اثر لازمي آهي. باهمي اثر بہ ٿئي ٿو. ماڻهو هڪ ٻئي جون زبانون سکي وٺن ٿا. هيڏانهن اُن جو هڪڙو سبب هي آهي تہ ماڻهو احساس ڪمتريءَ جو شڪار هجڻ سبب پنهنجي وجود، پنهنجي قوميت ۽ زبان کان لاتعلق ٿين ٿا. اُن سان گڏ هو لاشعوري طور بہ ڪنهن نہ ڪنهن دٻاءَ جي اثر هيٺ رهن ٿا. اُن ۾ ڪاروباري نوعيت جو دٻاءُ بہ اهم آهي.

ڪيترن ماڻهن کي مون روبرو يا فون تي ڳالهائيندي 'پل پل'، 'چلو ٺيڪ آهي' چوندي ٻڌو آهي. اهڙي گفتگو جو دائرو لاڙ کان اُتر تائين بہ آهي. لاڙي محاوري جي حدن کان ٻاهر جي ميڊيا جي سطح تي ڏسجي تہ اخبارن ۾ تحرير ۾ اِملا جون غلطيون ٿين ٿيون، جن ۾ قاعدي کي عين بدران همزي سان لکڻ ۽ 'بهرحال' کي 'بحرحال' ۽ 'بهرهال' لکڻ جهڙيون غلطيون ٿين ٿيون. ريڊيو ٽي وي خبرن ۾ خاص طور عام رواجي ۽ گهڻو استعمال هيٺ لفظ بہ غلط اُچاريا وڃن ٿا. جيئن: 'ٻڪوڇهہ' کي 'ٻڪوڇُهہ' چوڻ. 'ڏِيان' کي 'ڏَيان' چوڻ. 'رٿابنديءَ' کي 'رَٿابندي' ۽ 'ڪُنڊ ڪڙڇ' کي 'ڪُنڊ ڪڙڇ' چوڻ وغيره. 'منهنجو دل'، 'منهنجي ڪتاب' ۽ 'سٺو موسم' چوڻ جو رواج عام ٿي ويو آهي. ائين سنڌيءَ ۾ اُچارن جي ٻي بہ ڦيرڦار آئي آهي. اُن سلسلي ۾ عربي فارسي لفظن جا اُچار بہ ڦريا آهن، جن ۾ برف، گرم، ختم، شڪل ۽ ٻيا ڪيترا لفظ اچي وڃن ٿا. مٿين لفظن کي برفَ، گرم، ختَم ۽ شِڪل ڪري اُچارجي ٿو. اردوءَ ۾ بہ ائين ٿيو آهي.

اهڙي ريت انگريزي لفظن جا اُچار نہ رڳو اُتر ۽ لاڙ جي محاورن ۾ تقسيم ٿي ويا آهن، پر اُنهن جي جنس ۾ بہ فرق ظاهر ٿيو آهي. مثال طور لاڙ ۾ 'بجيٽ' ۽ 'رزلٽ' مونث آهن، پر شهرن ۾ يا ڪن ماڻهن جي اُچار موجب مذڪر آهن. جيئن: 'رزلٽ نڪتي آهي'، 'بجيٽ سياٽي اچي پيو'.

ان ڪان سواءِ لاڙ وارن جا نوان ڦريل اُچارَ غلط العام ۽ غلط العوام جي حڪيم فتح محمد جي فارمولي موجب بہ صحيح بنجي ويا آهن. انهن جو دائرو سڄي سنڌ تائين وسيع بہ هوندو. تڏهن بہ پڙهيل ۽ اڻ پڙهيل ماڻهوءَ جي اُچارن ۾ نمايان فرق آهي. اُن ڪري پڙهيل ماڻهوءَ جي اُچار موجب صحيح غلط جو فيصلو ڪرڻ کپي. ڪي اديب بہ غلط اُچارين ٿا. مون اسٽيج تي ٻيهي تقرير ڪندڙ يا مقالو پڙهندڙ اديبن واتان 'مُهاڳ' کي 'مَهاڳ' چوندي ٻڌو آهي. ٻنيءَ جي سامهون واري پاسي يا ڳنڍيل حصي کي 'مُهاڳو' چئبو آهي. ڪن ڪتابن ۾ 'مُهاڳ' بدران 'مُنڍ' بہ لکيو ويو آهي. زير سان هڪ لفظ 'مِهاڳ' بہ آهي، جيڪو مينهن جي مال لاءِ ڪم اچي ٿو.

محاورا هڪ حقيقت آهن. گهڻي ايراضيءَ ۾ پکڙيل محاورا هڪ ٻئي کان ايترو مختلف هوندا آهن، جو سمجهہ ۾ ئي نہ ايندا آهن. چينيءَ ۾ پيڪنگ ۽ شنگهائي جي. محاورن ۾ حرف صحيح/ وينجن/ (consonant) جو بہ فرق ملي ٿو. مثال طور پيڪنگ ۾ اسڪول کي چون 'شُري شيائو' تہ شنگهائي ۾ چون 'پايائو'. ائين پينسل کي پيڪنگ ۾ 'چئن پي' چون تہ شنگهائي ۾ 'ڪِپي' چون. اُن ڪري ڪنهن بہ محاوري کي ڪل جهڙو يا گهٽ درجي جو نہ سڏبو.

مٿي چند معروضات پيش ڪيل آهن نہ تہ هي موضوع گهڻو وسيع آهي ۽ تبديليءَ جو عمل جاري آهي.

## حوالا


1. آڏواڻي، ڀيرومل مهر چند. سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، سنڌي ادبي بورڊ، 1956ع ص ص 121 _ 122
2. ايضاً ص ص 123 کان 126.

امداد حسيني

# شاهہ سائينءَ جي شاعريءَ جو بنيادي لهجو ۽ ٻين لهجن جا اهڃاڻ

شاعريءَ ۾ لهجي مان مراد اسٽائيل / اسلوب ورتي ويندي آهي. هر شاعر جو پنهنجو هڪ مخصوص لهجو اسٽائيل يا اسلوب هوندو آهي ۽ اُن مان ئي شاعر جي انفراديت جو تعيّن ڪيو ويندو آهي ۽ اسين شعر پڙهڻ، ٻڌڻ شرط پروڙي وٺندا آهيون تہ اهو ڪنهن جو شعر آهي. لهجي جو تعين ٻوليءَ، شبد- ڀنڊار، اُچار، نغمگيءَ، رواني، لفظن جي گهڙت جڙت، سِٽ- سٽاءَ، سُر، گهاڙيٽي، معنيٰ ۽ مقصد جي آڌار تي ڪيو ويندو آهي. اهي سمورا ڳڻ- سڳڻ ڳوهجي سوهجي، شاعريءَ ۾ گڏجي سڏجي تا وڃن ۽ انهن جي مجموعي تاثر کي اسين لهجو چئون ٿا ۽ اِڪتي هلي اهو شاعر پنهنجي مخصوص لهجي جي آڌار تي ئي سڃاپجي ٿو. اهو لهجو شاعر جي فطرت جو حصو ٿي ويندو آهي.

هتي جنهن لهجي بابت ڪجهہ لکڻو اٿم، ان مان مراد اُپڀاشا Dialect يا محاورو آهي ۽ اهو بہ لاڪيڻي لطيف جي شاعريءَ جو لهجو يا مختلف لهجا Dialects يا محاورا ۽ پچاڙيءَ ۾ شاهہ سائينءَ جي شاعريءَ جي بنيادي لهجي تي اچڻو اٿم. هن سلسلي ۾ آءٌ شاهہ سائينءَ جي مختلف لهجن ۽ بنيادي لهجي بابت ڪجهہ بنيادي ڳالهيون ئي ڪري سگهندس. سمنڊ ۾ وير اُڀارڻ ۾ فطرت ڪارفرما آهي، پر شاهہ سائينءَ جي شاعريءَ جي مهاساگر ۾ اسين ڄاڻون ٿا، بلڪ اها ڄاڻ بہ لطيف سائين عطا ٿو ڪري:

سنئين وهن سيرَ ۾، ماڻڪ موتي لال

هڪ ڏينهن شاهه سائينءَ جي شاعريءَ ۾ لهجن جي ڳالهه نڪتي، تڏهن سليم ٻُتي لطيفيءَ چيو تہ "لطيف ڪي ڪنهن لهجي ۾ محدود نٿو ڪري سگهجي". تڏهن ٻين ساٿين ان تي اختلافي راءِ ڏني هئي، پر سليم لطيفيءَ جي ڳالهه ڳڻڻ جهڙي هئي، پر ڇا شاهه سائينءَ جي شاعريءَ کي مختلف لهجن تي ٺهڪائڻ سان لامحدوديت ثابت ٿي ويندي؟ بهرحال، اسين ان ڏس ۾ جيڪي ڪجهہ بہ ڪنداسين، اُهو پنهنجي سهوليت لاءِ ئي ڪنداسين.

شاهه سائين جنهن گهر ۾ ڄائو نپنو ۽ جنهن سماج ۾ وڏيو ويجهيو ان گهر ۽ سماج جي ٻولي ٻڌائين ۽ ڳالهايائين. ائين سندس شاعريءَ ۾ تر جو لهجو سپاويڪ طور اچي ويو. خود شاهه سائينءَ جي گهر ۾ شاهه حبيب جهڙو دانا، ڏاهو ثقافت جو ڄاڻو سڃاڻ ۽ سُچيت شخص موجود هو جيڪو شاهه سائينءَ جو پيءُ ۽ شاهه ڪريم جو پڙپوٽو هو. شاهه ڪريم جو ذڪر بہ شاهه سائينءَ سڀ کان پهرين پنهنجي پيءُ کان ٻڌو هوندو. ڊاڪٽر گربخشاڻي، پنهنجي سهيڙيل 'شاهه جي رسالي' جي مقدمي ۾ لکي ٿو تہ:

"قرآن شريف، مثنوي مولانا روم ۽ شاهه ڪريم جو رسالو اڪثر ساڻس همراهه هوندا هئا." (ص15)

شاهه ڪريم جو رسالو يقينًا شاهه سائينءَ جي خانداني ميراث هو ۽ پاڻ شاهه ڪريم جي ڪلام کان متاثر ٿيو. شاهه ڪريم جي ڪلام جو لهجو لاڙي آهي:

امڙ! ڪوءِ گهروءِ مونئان ساٿڙو وڃي نِڳئو
هينئڙ ڏيي وَتِ جنءَ، مون جنءَ تان نہ ٻريوءِ!

خود شاهه حبيب جي شاعريءَ جي ثابتي موجود آهي. سندس هڪ سِٽ ۽ بہ سِٽو بيت محفوظ رهيو آهي. هڪ سِٽ هيءَ آهي:

لڳي لڳي واءُ، ويا انگڙا لڇجي.

شاهه سائينءَ وراڻيءَ ۾ سٽ ڇئي بيت مڪمل ڪيو:

پيئي ڪٽي پساهَ، پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي.

(ص 20)

۽ هي بيت جيڪو آخري وقت پُٽ ڏانهن ڏياري مُڪائين:

ڪ جہ نيهہ نَنداءَ، جي مون واجهائيندي نہ وَرِ
جيڪي مُئي ڪنداءِ، سو جانب ڪرهو جِيَري

وراڻيءَ ۾ شاهہ سائينءَ هي بيت قاصد هٿان ڏياري مُڪو:

متان ٿيين ملور، ڪِينَ آڳاهون آهيان،
ڏسڻ ۾ ڪر ڏور، حد ڀنڀي جي هيڪڙي

اِهوئي اُهو لهجو هو جو ماءُ جي ٿڃ سان گڏ لاڪيڻي لطيف جي رت ۾ رلجي سندس وجود جو حصو بڻيو ۽ سندس سونَ ساريڪين سِٽن ۾ اوتجي آيو. اهو سندس تر جو لهجو آهي ۽ اهو تر پراڻو حيدرآباد ضلعو آهي. ان جون حدون، الانا صاحب جي تصنيف "سنڌي ٻوليءَ جي لسانياتي جاگرافي" ۾ ڏنل نقشي پٺاندر ٿرپارڪر، ڪراچي ۽ نوابشاهہ ضلعن سان ملن ٿيون. ان ٿر جو ٻَر صحرائي، ڪوهستاني، ساموندي ۽ ساهتي پرڳڻن تائين پکڙيل آهي. جڏهن انگريزن جي دور ۾ سنڌيءَ جي معياري لِپي جُڙي ۽ درسي ڪتاب لکيا ويا، تڏهن اهو ئي لهجو معياري قرار ڏنو ويو. ڀيرومل مهرچند آڏواڻيءَ ان جو ڪارڻ هي ٿو ڏئي:

"سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطي ٺاهڻ واري ڪميٽيءَ توڙي سرڪاري تعليم کاتي ۾ حيدرآباد جا رهاڪو گهڻا هئا ۽ درسي ڪتابن لکڻ وارن ۾ بہ حيدرآبادي گهڻا هئا، تنهنڪري ئي حيدرآبادي لهجي کي سرڪاري اهميت ملي ۽ ان کي معياري لهجو تسليم ڪيو ويو". (سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي ص5)

لطيف سائينءَ واري دور ۾ حيدرآباد شهر، سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ هو ۽ علمي، ادبي ۽ ثقافتي مرڪز هو. شاهہ سائينءَ بابت ڊاڪٽر گربخشاڻي لکي ٿو تہ:

"عربي ۽ فارسيءَ جو عالم هو ۽ پنهنجي مادري زبان تي تہ ڪيس ڪُلي ضابطو هو. نہ فقط ائين، پر ٻين ٻولين سان پڻ ڪي قدر واقفيت هيس، جهڙوڪ بلوچي، سرائڪي، هنديءَ پنجابي وغيره." (شاهہ جو رسالو ص14)

ان سان گڏوگڏ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ لطيف سائينءَ جي تاريخي معلومات جي بہ ڳالھہ ڪئي آهي. هو لکي ٿو تہ:

"قرآن، حديث، فقه ۽ فلسفہ، تصوف ۽ ويدانت صرف ۽ نحو وغيره جو بہ ڪوڙهو اڀياس ڪيو ٿو ڏسجيس." (ص15)

انهن مڙني وصفن هوندي، شاهہ سائينءَ جي هڪ بنيادي وصف بابت ڊاڪٽر گربخشاڻي لکي ٿو تہ:

"هن پنهنجي دوربين اک سان پروڙيو تہ غريب ۽ اڻ ڄاڻ ڳوناڻن ۾ ڪي اهڙا گڻ ۽ خوبيون موجود آهن، جيڪي شاهوڪار ۽ پڙهيل شهرين ۾ ملڻ مشڪل آهن."

۽ لطيف سائينءَ ۽ عوام جو رشتو پاڻيءَ ۽ پياسي وارو رشتو آهي:

ان تڙ منجهان تڪ، پيتي پاڻ اُڃ تيي!

لطيف سائين عوام سان ۽ عوام لطيف سائينءَ سان، مسلسل رابطي ۾ رهن ٿا. اها چڪ ۽ سڪ ٻنهي پارين آهي. جيئن تہ سندس شاعري سنڌيءَ ۾ آهي ۽ سندس وطن سنڌ آهي، ان ڪري هو سڌو سنئون سنڌين سان مخاطب آهي ۽ انهن جي لهجي ۾ انهن سان مخاطب آهي، ان جي هڪ بنيادي وصف ان جي اثرانگيزي آهي. ساڳئي وقت هو سڄي دنيا جي ماڻهن کي پنهنجن سٽن جي لڙين ۾ پوئي ٿو ۽ سندس لهجو آفاقي آهي. مٿي مون حيدرآباد جي معياري لهجي بابت پيرومل جي حوالي سان ڳالهہ ڪئي آهي. جڏهن تہ شاعريءَ ۾ لهجي جو معيار ٻيو آهي. مثلاً معياري لهجي ۾ "روئن" آهي، پر عوامي يا لاڙي لهجي ۾ "رُونِ" بہ آهي ۽ شاهہ سائينءَ ٻيئي لفظ ڪتب آڻي ٿو:

"اڄ نہ اوطاقن ۾ ڪرڳل ڪين رُوئن

❊ ❊ ❊

سي مر روبو رُونِ، جن مسافر سپرين

❊ ❊ ❊

ڪُلهي ڦاٽو ڪنجرو مٿو اُگهاڙو

منهنجو ڪُڇاڙو پينرءِ هن پنيور ۾

سُر حسينيءَ جي ان بيت جي ٻي سِٽ جي پهرئين پد جي ٻئي لفظ ڪڇاڙو کي ليکيو اٿم. جيڪو قافيي طور آيو آهي. سر يمن ڪلياڻ جو هڪ بيت:

اجا تو منجهاءِ، ڳگ ڇُتي رت نڪري،
منهن ۾ محبوبن جا، ڪيئن جهليندين گهاءَ،
سو تون 'ڪُڇاڙئاءِ' سڪڻ جون سڏون ڪرين!

ان بيت جي ٽين سٽ جي ٻئي لفظ 'ڪڇاڙئاءِ' کي ليکيو اٿم، جيڪو قافيي طور آيو آهي. ڪڇاڙو- ڪُڇا جو تصغيري روپ آهي. اهو ٽپيڪل لاڙي لفظ آهي. جامع سنڌي لغات ۾ ان جي معنيٰ: 'ڇا- ڪُڇا، ڪهڙو ڪوهه، جي- ها- هائو' ڏني وئي آهي ۽ فارسيءَ جي لفظ 'ڪُجا' تان ورتل ڏيکاريو ويو آهي. اهو لفظ اصل ۾ 'ڪُجا' آهي يا 'ڪُڇا'؟ اهو لفظ سنڌيءَ ۾ ڪڏهن داخل ٿيو؟ سنڌ جي ايراني تسلط کان پوءِ؟ يا اڳي؟ يا اهو لفظ آريائي نسل جو آهي؟ ۽ سنڌي ۽ فارسيءَ جو مشترڪ لفظ آهي؟ جيڪڏهن اهو فارسي زبان کان ورتل لفظ آهي تہ پوءِ "منهنجو ڪُڇاڙو" يا "سو تون ڪُڇاڙئاءِ' کي ڪهڙي لهجي ۾ فٽ ڪنداسين؟

لطيف سائين سڄي سنڌ گهميو آهي. عام ماڻهن، سگهڙن، گُني ماڻهن، راڳين، شاعرن، عالمن سان مليو آهي، انهن سان صحبتون ڪيون اٿس. ان ڪري سندس شاعريءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جا سمورا لهجا اچي ويا آهن. اترادي، وچولو لاڙي، ٿري، ڪڇي، ڪوهستاني ۽ لاسي- انهن مڙني لهجن کي شاهہ سائينءَ ٻُڌو ۽ پاڻ ۾ جذب ڪيو ۽ اهي سمورا لهجا سندس فطرت جو حصو بڻيا ۽ جذب، ڪيف ۽ وجداني ڪيفيت ۾ اهي سندس شاعريءَ ۾ اچي ويا آهن. شاهہ سائينءَ سان اٿاهہ محبت ۽ عقيدت جي ڪري، انهن لهجن جا ڳالهائيندڙ لطيف کي پنهنجو سمجهن ٿا. پوءِ اُهي اترادي هجن، ڪڇي هجن، ٿري هجن، لاڙي هجن يا لاسي هجن. سڀ لطيف سائينءَ کي پنهنجو سمجهن ٿا. مثلاً ج ع منگهاڻي "شاهہ لطيف جي ٻولي- تحقيقي جائزو" ۾ لطيف سائينءَ جي لفظن کي ڪوهستان ۽ لس ٻيلي جا لفظ چوي ٿي:

"جبل جا ڪي انتهائي مخصوص لفظ جن جي مخصوص معنيٰ هوندي آهي، جيئن لفظ 'سڳر' سندس ڪلام ۾ ڏسي ڪڏهن ڪڏهن شڪ ٿيندو اٿم ته "لطيف ڀڪڪ ته نه هو؟" (ص673)

ان ريت اترادي دوست لطيف سائينءَ کي پنهنجي لهجي ۾ پڙهندا آهن ۽ چنڊ کي چنڊ، ڇُون کي ڇَوَن، پُون کي پَوَن، رُون کي رُئن، ڪؤنر کي ڪنور ۽ پؤنر کي پنور پڙهندا آهن. اِهي اچار سندن عين لهجي مطابق آهن. جيئن ئيٺ لاڙي "پِٽ" کي ٻٽ اُچاريندا آهن. هتي آءٌ اترادي لهجي جا صرف ٻه بيت مثال طور ڏيان ٿو:

مِينهان ۽ نينهان، ٻيئي اکر هيڪڙي،
جي وسڻ جا ويس ڪري، ته ڪڪر ڪن ڪيهان،
بادل ٿي ٻيهان، جي آگم اچڻ جا ڪرين.

(سُر سارنگ)

ٻيو بيت آهي:

راٽا تنهنجي راهه تي، ڏيهاٽي ڏيکان،
راٽي جي رهاڻ جون، روح اندر ريکان،
محبت جون ميکان، توسين لال لپيٽيون.

انهن مڙني لهجن تي وري دنگائي ٻولين جو اثر آهي ۽ لطيف سائينءَ کي انهن ٻولين جي ڄاڻ هئي. انهن ٻولين جو ڪلام شاهه سائينءَ جي سامهون ڳايو ويو آهي. سنسڪرت، عربي، فارسي ۽ هندي لفظ قرآن جون آيتون، حديثون، قول شاهه سائينءَ جي ڪلام ۾ موجود آهن ۽ انهن لفظن ۽ لهجن کي مهارت سان ڪتب آڻڻ لطيف سائينءَ جي ذات جو اهڙو ڪرشمو آهي، جيڪو سندس ڪلام کي يڪسانيت ۽ ورجاءَ کان بچائي ٿو ۽ اُن جي اثرانگيزيءَ کي دائميت بخشي ٿو. ساڳئي وقت ٻولي، سر ۽ معنيٰ هڪ ئي وقت ادا ٿين ٿا ۽ تند، ڪناري ۽ ڪنڌ جيان پاڻ ۾ پرچي ٿا وڃن:

تند ڪنارو ڪنڌ، ٽيئي پرتا پاڻ ۾

ڪڇ، ڪاٺياواڙ گجرات، راجستان، ملتان، لس ٻيلو مڪران

قديم سنڌ جو حصو آهن. انهن علائقن ۾ اڄ بہ سنڌي ڳالهائي وڃي ٿي. البيرونيءَ ملتان جي ٻولي سنڌي ڄاڻائي آهي. ڪڇ ۾ اڄ بہ شاهہ سائينءَ جي ڪلام جا ڄاڻو ۽ ياد حافظ موجود آهن ۽ رسالي جا نسخا بہ. شاهہ سائينءَ جي ڪلام سنڌ جي شاعرن کي هر دور ۾ متاثر ڪيو آهي. "ٻيلاين جا ٻول" ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ان حقيقت جو اظهار هيئن ڪري ٿو:

> "شاهہ سائينءَ جي شاعرانہ سخا ۽ لٽ مان سنڌ جي هر شاعر هر هنڌ ورچ ورتي آهي."

لس ٻيلي جي حوالي سان ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو:

> "لس ٻيلي ۾ بہ شاهہ صاحب جي بيتن جو اهو ئي چرچو ۽ ذوق جاري رهيو جهڙو سنڌ ۾ ٿيو. اسان لس ٻيلي ۾ هر سگهڙ ۽ سمجهوءَ واتان پنائيءَ جا بيت ٻڌا."

ڪڇ، ڪوهستان ۽ لاڙ جي لهجي ۾ هڪجهڙايون آهن. سنڌيءَ ۽ هنديءَ جو سنبنڌ ڏاڍو گهرو ۽ پراچين آهي. شاهہ سائينءَ جي ڪلام ۾ هندي لفظ ۽ لهجو ملي ٿو:

اُتر ڏني اوت، نہ مون سوڙ نہ گبرو
چارئي چني پوت، مون ريڙهيندي رات گئي.

* * *

پريتن پالياس، ٻانہڻ ٻيٺي آهيان.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "سنڌي موسيقيءَ جي تاريخ" ۾ هڪ اوائلي دور جي قلمي نسخي جو ذڪر ڪندي لکي ٿو تہ:

> "شاهہ جي رسالي جي هڪ قلمي نسخي ۾ جيڪو درسگاهہ منصوره جي ڪتب خاني ۾ محفوظ هو ۽ جيڪو اوائلي دور جي رسالن مان آهي، اُن ۾ 'سر سارنگ' مان هيءَ وائي ملي ٿي:
>
> ٿلهہ: مل جاء مل جاء مل جاء
>
> چوري چوري — سجڻا!

# وچولي جو معياري لهجو

زبان يا ٻوليءَ جي اوسر ۽ تشڪيل لاءِ سماج جو هجڻ ضروري آهي، اُن ڪري علامہ آءِ آءِ قاضيءَ لکيو آهي تہ "زبان جو مسئلو سماجي شعور تي ٻڌل آهي". هڪ ماڻهو نہ پر هڪ کان وڌيڪ ماڻهن جي ميلاپ/ اشتراڪ سان سماج جڙي ٿو ان ڪري انسان فطري طور سماجي آهي، ڇو تہ سماج کان سواءِ هو "انسان" سڏائي ئي نہ ٿو سگهي. سماجي رشتن جي بقا لاءِ زبان يا ٻولي سڀ کان وڌيڪ اهم ۽ لازمي ضرورت آهي. قرآن حڪيم ۾ اها ڳالهہ "خلق الانسان علمه البيان" جي لفظن ۾ بيان ڪئي وئي آهي. اِن قرآني حڪمت کي آڏو رکي، علامہ قاضيءَ لکيو آهي تہ:

> "اجتماعي زندگيءَ جي هيءَ فطري تقاضا آهي تہ انسان کي بيان جي قوت هجي، چاڪاڻ تہ تبادلہ خيال هڪ لازمي ضرورت آهي. انهيءَ ڪري ئي قوم جي اجتماعي زندگي ٻوليءَ کي تشڪيل ڏئي ٿي، يا ان کي ترقي وٺائي ٿي، ۽ اُن کي باقي رکي ٿي. جيڪڏهن اهي ضرورتون باقي نہ ٿيون رهن تہ ٻوليءَ جو باقي رهڻ بہ بي معنيٰ آهي."

(مهراڻ/ 2، 1965ع)

ٻولي، انسانن جي سوچن، خيالن، اُمنگن، جذبن، احساسن ۽ اظهار جي سگهہ جو رڪارڊ آهي ۽ اُن سان گڏ انسانن جي سماجي، اقتصادي، راڄنيتي ۽ تهذيبي ڪارڪردگيءَ جو آئينو بہ آهي.

دنيا اندر سمورين قومن کي پنهنجون ٻوليون آهن، اهڙيءَ ريت سنڌي قوم کي بہ پنهنجي ٻولي آهي، جيڪا دنيا جي قديم ترين ۽ شاهوڪار زبانن مان هڪ آهي. اِن ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ سنڌي موجوده دور جي هڪ زندهہ ۽ ترقي ڪندڙ (living & growing) زبان آهي، جنهن جي تعمير، تشڪيل ۽ اوسر کي پنجن کان ڏهہ هزار سال يا اڃا بہ وڌيڪ عرصو لڳو آهي. ان جي تعمير، تشڪيل ۽ اوسر هڪ اهڙي سداسرسبز ۽ آسودي ملڪ ۾ ٿي آهي، جيڪو اقتصادي ۽ تهذيبي طور خود ڪفيل ۽ پاڻيرو پئي رهيو آهي. هن ٻوليءَ کي پنهنجي تاريخ، پنهنجو منفرد وياڪرڻ/ گرامر ۽ پنهنجون خصوصيتون رهيون آهن. موهن جي دڙي کان تهذيبي سفر ڪندي، هن زبان ڪيئي لاها چاڙها ڏٺا آهن، پر هن زبان جي رکوالن ڪڏهن لطيف، ڪڏهن سچل، ڪڏهن سامي، ڪڏهن قليچ بيگ، ڪڏهن ڪوڙومل کلناڻي، ڪڏهن ڀيرومل مهرچند آڏواڻي، ڪڏهن گربخشاڻي، ڪڏهن علامہ آءِ.آءِ. قاضي، ڪڏهن دائودپوٽو ڪڏهن جي.ايم.سيد، ڪڏهن ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڪڏهن محمد ابراهيم جويو ڪڏهن شيخ اياز ڪڏهن نارائڻ شيام، ڪڏهن ڊاڪٽر پرسو گدواڻي ۽ ڪڏهن ڊاڪٽر الانا بڻجي، اُن جي سونهن، سوڀيا ۽ سڄ ڌڄ کي برقرار پئي رکيو آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد ۽ اصليت بابت ڏيهي ۽ پرڏيهي عالمن وڏو ڪم ڪيو آهي. مختلف وقتن تي مختلف عالمن اُن جي بڻ بڻياد بابت مختلف رايا ۽ نظريا پيش ڪيا آهن. گريئرسن، ٽرمپ، شرٽ، ڀيرومل، ڊاڪٽر بلوچ، سراج، مرليڌر جيٽلي، ڊاڪٽر خوبچنداڻي، الانا صاحب ۽ ٻين جوان ڏس ۾ ڪم اهميت رکي ٿو. ڪن سنڌيءَ کي انڊو-آرين، ڪن غيرآريائي، ڪن سامي صفت ٻولي، ڪن سنسڪرت جي ڄائي، ڪن سنسڪرت جي ماسي يا ماءُ، ڪن دراوڙي نسل جي ۽ ڪن سئندوي يا سندوري مان نڪتل زبان قرار ڏنو آهي. منهنجو مقصد اها ڇنڊڇاڻ ڪرڻ نہ آهي، پر آءٌ ايترو چوان ٿو تہ: سنڌي تهذيب ۽ سنڌي زبان، سرزمين سنڌ جي آدي- جڳادي زبان آهي، اها ڪا ٻاهران آيل ۽ لاڏائو ٻولي ڪانہ آهي، هيءَ

هن خطي جي تهذيب مان ڦُٽي نڪتل زبان آهي ۽ اُن جون پاڙون موهن جي دڙي واري تهذيب ۾ ڪتل آهن. هن سدابهار ٻوليءَ دنيا جي هر ٻيءَ زبان وانگر جتي ٻين ٻولين جي لفظي ذخيري کي پنهنجو ڪيو آهي، اُتي پاڻ بہ ٻين ٻولين جي جھول ۾ پنهنجا لفظ وجهڻ ۾ بُخل کان ڪم نہ ورتو آهي. قديم سنڌ جي حدن توڙي سنڌي ٻوليءَ جي لسانياتي جاگرافيءَ جو مطالعو ڪنداسون تہ ڪاڪي ڀيرومل جي ان راءِ سان اتفاق ڪرڻو پوندو تہ:

"سنڌي ٻولي، قديم وڏيءَ سنڌ جي ٻولي آهي، جنهن جون حدون ڪشمير کان وٺي گجرات جي شهر سورت تائين هيون. جنهنڪري پنجاب جو ڳچ ڀاڱو راجپوتانا، سڄو ڪڇ علائقو ۽ ڪانياواڙ جو اتر وارو ڀاڱو سنڌ ۾ اچي ٿي ويا. هوڏانهن افغانستان ۽ بلوچستان جا ڪي پاسا، لسٻيلي ۽ مڪران سميت سنڌ جي حڪومت هيٺ هئا. انهن سڀني هنڌن اسان جي سنڌي ماڻهن راڄ ٿي ڪيو جنهنڪري سنڌي ٻولي انهن پاسن ڏانهن چالو آهي." (سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ: ص48)

دنيا جي هر ٻوليءَ جي حدن اندر مختلف علائقن اندر ڳالهائڻ ٻولهائڻ جا جدا جدا لهجا/اُپ ڀاشائون يا Dialects هوندا آهن. ان ڪري ئي هيٺين قسمن جي چوڻين ۾ ڪهاوتن جنم ورتو آهي:

(1) ٻارهين ڪوهين ٻولي ٻي.

(2) ڇهڙو چراخ، تهڙو جرڪ، ٻولي ٻوليءَ فرق.

(3) بارگا وين بولي بدلي، تروور بدلي شاکا.

ٻڍاپا ۾ ڪيس بدلي، لڪشڻ نہ بدلي لاکا (گجراتي پهاڪو)

يعني: "ٻارهين ڪوهين تي ٻولي ائين بدلجي ٿي، جيئن وڻ جون ٽاريون. ٻُڍاپڻ ۾ وار بدلجيو وڃن، پر لاکن (لاکا ذات) جو لڇڻ نہ ٿو بدلجي".

اهي چوڻيون ۽ پهاڪا، دنيا جي سڀني ٻولين سان هڪ جهڙا لاڳو ٿين ٿا. هونئن بہ هر ٻوليءَ جو ڳالهائيندڙ هڪ شخص هوندو آهي، جيڪڏهن اسان ڪن بہ ٻن شخصن جي ڳالهہ ٻولهہ يا گفتگوءَ جي انداز تي گهرائي ۽ باريڪبينيءَ سان ويچار ڪنداسون تہ ان ۾ خاصو فرق معلوم

ٿيندو پوءِ پلي ڪٽي اهي ساڳئي علائقي جا رهاڪو چو نہ هجن. خود جڏهن ڪو ماڻهو گهر ۾ ڳالهائي ٿو شهر يا ڪار وهنوار وقت ڳالهائي ٿو يا پڙهيلن جي محفل يا ادبي ميڙ ۾ ڳالهائي ٿو تہ سندس ڳالهائڻ جي ڍنگ، لفظن جي انتخاب ۽ ڳالهہ جي عبارت ۾ فرق اچي وڃي ٿو. ان ڪري ساڳئي ملڪ جي مختلف يا پرانهن علائقن ۾ ڳالهائجندڙ بولي سپاويڪ طور فرق واري معلوم ٿيندي پر اها بہ حقيقت آهي تہ اهو فرق يا تفاوت ايڏو بہ وڏو نہ هوندو آهي، جو اُن ٻوليءَ جا ڳالهائيندڙ گفتگوءَ وقت هڪ ٻئي کي سمجهي نہ سگهن. اهڙن ننڍڙن ننڍڙن فرقن کي گهٽائڻ يا روڪڻ لاءِ ترقي يافتہ ٻولين جا هڪڙا معياري لهجا (Standard Dialects) ٿيندا آهن، جيڪي تعليم، ادب ۽ موجوده زبان جي ميڊيا ۾ ڪم ايندا آهن ۽ اهڙي لهجي کي "معياري لهجو" يا "معياري ٻولي" (Standard language) ڪوٺيو ويندو آهي. اهو معياري لهجو سرڪاري سطح تي تسليم ٿيڻ بعد تعليمي ادارن، نشر و اشاعت، عدالتن، اسيمبلين، درسي ۽ ادبي ڪتابن ۾ ڪتب ايندو آهي. جهڙي طرح:

> "انگلنڊ ۾ جيڪا زبان سرڪاري طور ملڪ جي زبان تسليم ڪيل آهي، جنهن کي هو 'معياري انگريزي ٻولي' (Standard English) چون ٿا، اها انگلنڊ جي ٻين خطن جي اچار کان گهڻو اختلاف رکي ٿي. جيڪا انگريزي موجوده وقت ۾ سرڪاري طور ملڪي زبان آهي، ان کي ڏاکڻين علائقي واري انگريزي (Southern English) يا "شاهي انگريزي" (King's English) بہ چوندا آهن.
>
> (ڊاڪٽر الانا: سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي- ص8)

ساڳيءَ طرح هر هڪ ٻوليءَ ۾ علائقائي اُپ ٻولين يا Dialects جو فرق هئڻ لازمي آهي. "ڀارت ۾ دهلي- ميرٺ علائقي جي کڙي ٻولي (هندي) گذريل اڍائي سؤ سالن کان وٺي ادبي لکڻين، اخبارن ۽ مخزنن ۾ ڪتب پئي اچي. اُن جو ڦهلاءُ گهڻو تڻو سڄي ڀارت ۾ راج ڀاشا (official language) ۽ ڳانڍيو ٻوليءَ (Link Language) جي روپ ۾ ٿي چڪو آهي. اڄ اتر ڀارت جي گهڻن ئي پرانتن جا جدا جدا رهاڪو تعليم، ساهتيہ ۽ پاڻ ۾ لکپڙهہ ڪرڻ

لاءِ معياري هندي (کڙي ٻولي) جو استعمال ڪن ٿا. پوءِ گهرن ۾ پنهنجي ٻولي هو جدا جدا لهجا (جيئن تہ ڀوجپوري، مگهٽي، ٻُنديلي، پوربي، بهاري، ڇتيسگڙهي، هرياڻوي، راجستاني، برج، اَوَڌي، اُتراچل ۽ هماچل جون پهاڙي ڀاشائون ڇو نہ ڳالهائيندا هجن."(مرليڌر جيٽلي: ٻوليءَ جو سرشتو ۽ لڪاوٽ: ص47 سال 1991ع)

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو اپ ڀاشا ۽ Dialect کي "محاورو" تصور ڪندي لکي ٿو تہ: "چين ۾ اٺ وڏا ۽ ويهن کان وڌيڪ محاورا (Dialect) آهن. پي چنگ (Peking) گاديءَ جو هنڌ آهي، ان جو محاورو سُرن جي ڇٽائيءَ سبب سڄي ملڪ ۾ ۽ ٻاهر ويل (overseas) چينين لاءِ بہ سمجهہ ۾ اچڻ وارو هوندو آهي. پي چنگ جو محاورو معياري لکجي ٿو."
(لاڙي ۽ ڪڇي: سنڌيءَ جا بہ محاورا: 2008، ص14)

اهڙيءَ طرح سنڌي زبان جون بہ جدا جدا اپ- ٻوليون يا لهجا (Dialects) آهن. جن تي "بنيادي طور گهٽ ۾ گهٽ ڪم مستشرق عالمن جو ڪيل آهي، جن ۾ گريئرسن جو نالو نمايان رهيو آهي
."(الطاف جوکيو: ساهتيءَ جو لهجو ۽ اُن جو صوتياتي اڀياس: ڪلاچي سيپٽمبر 2007 ص25)

گريئرسن، عام رواجي حساب سان سنڌي ٻوليءَ جا چار لهجا: معياري (يا وچولي)، سرائيڪي، ٿريلي ۽ لاڙي ڄاڻائي، انهن ۾ 'ڪڇي ۽ لاسي' شامل ڪري ڇهہ لهجا تسليم ڪيا آهن'
(تفصيل لاءِ ڏسو: جي. اي. گريئرسن: برصغير جي ٻولين جو لسانياتي جائزو جلد8، ڀاڱو پهريون، سنڌي ترجمو: 2000ع، ص60_16)

سنڌ جي عظيم ٻوليدان ڪاڪي ڀيرومل، سنڌيءَ جون ڇهہ اپڀاشائون، طبعي حدن جي ورهاست موجب: سِريلي، وچولي، لاڙي، ٿريلي، لاسي ۽ ڪڇڪي، ڄاڻايون آهن.
(تفصيل لاءِ ڏسو: سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ: 1956)

ڊاڪٽر غلام علي الانا، پنهنجي ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جي لساني (لسانياتي جاگرافيءَ" ۾ سنڌي زبان جا مکيہ لهجا ست- اُترادي يعني سريلي، وچولي، لاڙي، ٿري، ڪوهستاني، ڪڇي ۽ لاسي ڄاڻائيندي، انهن کي وري مقامي ننڍين ننڍين گروهن ۽ محاورن (colloquial) ۾ ڏنڌي وار

محاورن ۾ ورهائڻ جي ڳالهه ڪئي آهي.
(سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي: 1979، ص9)

سنڌ جو مايہ ناز عالم ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جڏهن سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو چيئرمئن (1991ع) مقرر ٿيو تہ هن هڪ جامع رٿا هيٺ سنڌ جي مختلف ڀاڱن ٺوڙي سنڌ سان لاڳو ٻين صوبائي علائقن ۾ ڳالهائجندڙ سنڌي ٻوليءَ جي مطالعي جي شروعات ڪرائي ۽ ان رٿا موجب ٻارهن مطالعا پيش ٿيڻا هئا، جن مان (1) سبيءَ جي ٻولي: ڊاڪٽر دادمحمد بروهي، (2) ماٿيلي اباوڙي جي ٻولي: پروفيسر محمد فاضل شيخ، (3) شڪارپور جي ٻولي: ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، (4) اترادي ٻولي: هدايت پريم (5) ٿري ٻولي: ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ۽ هدايت پريم (6) ماڇر، ڪڪرالي ۽ ڪاري جي ٻولي: حافظ حبيب سنڌي- ڊاڪٽر صاحب جي دور ۾ ۽ (7) جتڪي ٻولي: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ (2003ع)، (8) سنڌي ٻوليءَ جو درياهي لهجو (اصل نالو: مهراڻ جي ٻولي/ درياهي ٻولي): الهنواز رڪڻائي: (2007) ۽ (9) لاڙي ۽ ڪڇي (سنڌيءَ جا بہ محاورا): ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو (جون 2008ع)- بعد ۾ ڇپجي چڪا آهن.

ڊاڪٽر حيدر سنڌي وري، سنڌي ٻوليءَ کي طبعي لهجن (لاڙي، ڪوهستاني، سرائيڪي ۽ وچولي) ۽ فطري لهجن (ڪڇي ڪاٺياواڙي، راجستاني، گنڊاوي، ڏڪري، لاسي، جدگالي ۽ ڪيڇي) لهجن ۾ ورهائي ٿو. بهرحال، ان تي لسانيات جا ماهر ۽ لسانياتي جاگرافيائيءَ جا ڄاڻو ٻيا بحث ڪندا، آءٌ هتي "وچولي جي معياري لهجي" بابت پنهنجا خيال پيش ڪندس، جنهن ۾ بہ آءٌ اعتراف ڪري ڇڏيان تہ منهنجو ڪتابي اڀياس وڌيڪ ۽ مشاهداتي ۽ عملي اڀياس گهٽ آهي.

اها هڪ حقيقت آهي تہ هڪ سڌريل زبان جي حيثيت ۾ سنڌيءَ جا لڳ ڀڳ مٿي ڄاڻايل يا ڪجهہ ٻيا لهجا (Dialects) ۽ اُپ لهجا (Sub_ dialects) آهن، جن ۾ سنڌ جي موجوده طبعي حدن ۽ سنڌي ٻوليءَ جي لسانياتي جاگرافي وارا سمورا لهجا اچي وڃن ٿا. اُنهن لهجن جي فرق جي باوجود، سنڌ جا سيئي سنڌي، يا سنڌ کان ٻاهر وسيل سنڌي، هڪبئي کي

تڏهن اهو ڪم حيدرآباد جي ڪن معزز هندن ۽ مسلمانن تي رکيو ۽ سياويڪ طور ڪتابن لکڻ ۾ هنن اها ٻولي ڪم آندي جا پاڻ ۾ ڳالهائيندا هئا. ائين حيدرآباد ۽ ان جي پسگردائيءَ وارن هندن جي ٻوليءَ کي شرف مليو ۽ هن وقت اها ئي ڪتابي ٻولي ئي ڪم اچي ٿي، پر انهيءَ تي ڪو ڊار نالو رکيل ڪونهي، تنهنڪري وچولي جي لهجي ۾ ليکجي ٿي. وچولي ۾ ساهتي پرڳڻو (نوشهروفيروز ڪنڊيارو وغيره) پڻ اچي وڃي ٿو.

(سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ 1956ع. ص 93_ 94)

وچولي جون حدون بيان ڪندي، ساڳئي ڪتاب ۾ ڀيرومل لکي ٿو:

"سري ۽ لاڙ جو وچ وارو ڀاڱو 'وچولو' سڏجي ٿو جنهن جون حدون ڪنڊياري ۽ دادو تعلقن جي اُتر واري ڀاڱي کان وٺي، هيٺ ڪوٽڙي ڊويزن تائين آهن. اهو سنڌ جو 'وچولو' يعني وچ وارو ڀاڱو آهي، ۽ اُتي جي ٻولي 'وچولي' ڪوٺجي ٿي.

(ايضاً: ص113)

ان ئي ڪتاب ۾ ڀيرومل سڄي سنڌ ۾ سيوهڻ جهڙو ٻيو قديم شهر موجود نہ ٿو سمجهي. سندس خيال ۾ هي شهر آرين جي هٿ هيٺ هو ۽ انهن جي ٻولي نيٺ هئي، جنهن جا اهڃاڻ اڄ تائين پڌرا آهن. سيوهڻ ۽ دادو سنڌونديءَ جي هڪ ڪپ تي آهن ۽ ٻئي ڪپ تي ساهتي پرڳڻو آهي. سنڌ جي انهيءَ سڄي وچولي ڀاڱي جي ٻولي اڄ بہ سڄيءَ سنڌ ۾ ٺيٺ ليکجي ٿي. درسي ڪتابن ۾ اها وچولي ٻولي ڪم اچي ٿي. هن وقت جيڪا عربي- سنڌي آئيوٽا ڪم اچي ٿي، جن صاحبن اها جوڙي، تن مان هڪڙو سرڳواسي ديوان ننديرام ميراڻي سيوهڻ جو ويٺل هو. (ص113_ 114_ 115_ ايضاً)

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو "وچولي محاوري" تي بحث ڪندي لکي ٿو تہ:

"اُتر ۽ ڏکڻ سنڌ جي وچ واري ايراضي "وچولو" سڏجي ٿي. اُن ۾ نوشهري ۽ ٻرين واري ايراضيءَ کي "ساهتي" بہ سڏجي ٿو".

ان بعد ڀيرومل واري حدبندي (ڪنڊياري ۽ دادو تعلقن جي اتر

واري ڀاڱي کان وٺي ڪوٽڙيءَ تائين) ڇاڻائيندي لکي ٿو ته "

"وچ ۾ هجڻ ڪري هن محاوري جي اُچارن ۾ وچٽرائي ۽ توازن آهي. هن تي اتر ۽ لاڙ جي اُچارن جو ٿورو ٿورو اثر به آهي. هن محاوري کي نوشهري ۽ سيوهڻ جي علمي مرڪزن جي ٽيڪ آهي". (لاڙ ۽ ڪڇي سنڌيءَ جا ٻه محاورا : 2008)

ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب به پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ واري راءِ کي دهرايو آهي. حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ جو رايو آهي ته:

"وچولي جي ٻولي وڌيڪ وزنائتي ۽ زياده فصيح آهي. وچولي جي ٻولي لاڙ ۽ سري جي ٻولين مان سڌريل صورت ۾ بنيل آهي. وچولي ٻولي لاڙ ۾ به ۽ سري ۾ به آسانيءَ سان سمجهي سگهجي ٿي ۽ اُهائي علمي ۽ ادبي ٻولي سمجهي وڃي ٿي. اڪثر ڪتاب ۽ اخبارون انهيءَ ٻوليءَ ۾ لکيون وڃن ٿيون. تعليمي ڪتاب ته خاص طرح وچولي ٻوليءَ ۾ لکيا ويا آهن ۽ لکيا وڃن ٿا. وچولي سنڌ جون حدون طول (ڊيگهه) ۾ گهٽوڪري لاڙڪاڻي ۽ اُن جي آسپاس کان وٺي، حيدرآباد ۽ اُن جي ويجهي پسگردائيءَ تائين آهن. عرض (موڪر) ۾ درياءَ جو اولهه وارو پاسو جبل کان سواءِ ۽ درياءَ جي اوڀرين پر ساهتي سچو پرڳڻو".
(آفتاب ادب: 1956ع، ص116)

مرليڌر جيٽليءَ جي نظر ۾

"معياري سنڌي ٻولي، اهو لهجو آهي، جيڪو ساهتي (سيوهڻ، پريا، نوابشاهه ۽ اُن جي آسپاس) ايراضيءَ ۾ ڪتب اچي ٿو. انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ تعليم کاتي وارن جيڪي درسي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپايا، انهن جا لکندڙ گهڻي ڀاڱي ساهتيءَ جا هئا. اهو ئي مکيه سبب آهي، جو اُنهيءَ علائقي جي سنڌي ٻوليءَ کي معياري ليکي، اُن جو استعمال ادبي لکڻين ۽ سرڪاري انتظام ۾ پڻ ٿيڻ لڳو. انهيءَ ڪري چاهي ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ علائقائي لهجن جو تفاوت آهي، پر ادبي لکڻين

۾ سڀئي سنڌي اديب ان معياري ٻوليءَ جو استعمال ڪن ٿا. پوءِ چاهي هو سنڌ جي جدا جدا حصن ۾ ڇاوا نپنا هجن"

(ٻوليءَ جي لکاوٽ ۽ سرشتو: ص45 ـ 46)

قريشي حامد علي خانائي بہ ان راءِ جو آهي تہ:

"انگريزن جي دور حڪومت ۾ سنڌي صورتخطيءَ جي باقاعدي تشڪيل ۽ شروعات ٿي. سنڌي ٻوليءَ جي نثر لاءِ "ساهتي پرڳڻي" جي سنڌي لهجي کي سرڪاري طرح "معياري لهجو" مقرر ڪيو ويو جو اڄ سوڏو نصابي ڪتابن ۾ رائج آهي ۽ اهو ئي لهجو ادبي ٻوليءَ جو درجو رکي ٿو.

(مضمون: ساهتي پرڳڻي جو پسمنظر, ٿماهي مهراڻ 2 ـ 3, 2006ع, ص 150)

اها ئي ڳالهہ نوجوان محقق الطاف جوکئي بہ ڪئي آهي. هو پنهنجي مضمون "ساهتيءَ جو لهجو ۽ اُن جو صوتياتي اڀياس" ۾ لکي ٿو:

"موجوده ضلعي نوشهروفيروز جي حدن کي "ساهتي پرڳڻي" جي نالي سان پڻ سڏيو ويندو آهي, جيڪو سنڌي ٻوليءَ جي "وچولي لهجي" ۾ ڳڻيو وڃي ٿو. تاريخي اعتبار کان علم ۽ ادب ۾ هڪ نرالو مقام رکي ٿو."

(ڪلاچي: سيپٽمبر 2007 ـ ص23)

ان مٿئين تفصيلي بحث مان مون هي نتيجا ڪڍيا آهن:

(1) "وچولي لهجي" جي حدبنديءَ تي ٿورن گهڻن اختلافن باوجود اڪثر عالم ان ڳالهہ تي اتفاق ڪن ٿا تہ "وچولو لهجو" سنڌي ٻوليءَ جو معياري لهجو آهي, اُن جي ٻولي ادبي, اخباري, ڪتابي, تعليمي ۽ دفتري ضرورتن جو پورائو ڪري ٿي.

(2) 1853ع ۾ سر بي.ايچ. ايلس جي اڳواڻيءَ ۾ سنڌي معياري آئيوٽا جي حتمي تشڪيل لاءِ مقرر ڪيل ڪميٽيءَ ۾ سنڌ جي مکيہ علائقن ٽئي جا بہ عالم (قاضي غلام علي, ميان غلام حسين), سيوهڻ جو هڪ عالم (ديوان نند يرام ميراڻي سيوهاڻي), حيدرآباد جا ٽي عالم (ديوان پريداس آنندرام رامچنداڻي, ديوان اڌارام ٿانورداس ميرچنداڻي ۽ ميان

محمد) ڪراچيءَ جو هڪ عالم (راءِ بهادر جڳن ناٿ: مراٺي، پر سنڌيءَ جو ڄاڻو) ۽ شڪارپور جو هڪ عالم (مرزا صادق علي بيگ) شامل هئا. هن ڪاميٽيءَ ۾ وچولي جو تہ رڳو هڪ سيوهاڻي عالم هو پر منهنجي نظر ۾ ڪتابي ٻوليءَ تي ساهتيءَ جي ٻولي حاوي هئي، ان ڪري حيدرآبادي عالم ان پوري وچولي جي ٻوليءَ جو اپياس رڪندڙ هئا. (دادو 1931ع ۾ ڏار ضلعو نهيو نہ تہ اهو پراڻي لاڙڪاڻي ۽ ڪراچي ضلعن جي حدن ۾ آيو ٿي، ان ڪري منهنجي خيال موجب گريئرسن جو ڪم آندل "مرڪزي سنڌ" وارو صيغو 'وچولي لهجي' جي مڪمل نمائندگي ڪري ٿو چو تہ ڪنڊياري ڪان ڪوٽڙي يا ڪنڊياري ڪان هالا، پٽ شاهہ ۽ حيدرآباد تائين واري حدبنديءَ جو ذڪر اڪثر عالمن ڪيو آهي. ان ڪري هاڻي وچولي لهجي واري ٻوليءَ تي سمورا اختلاف ختم ڪري، 'مرڪزي سنڌ' جيڪا سري ۽ لاڙ جو وچ آهي، ان لهجي کي معياري لهجو (standard dialect) تسليم ڪرڻ، علمي، ادبي ۽ تعليمي مقصدن لاءِ ڪم آڻڻ گهرجي. مختلف ماهرن پاران صوتين، عيوضي آوازن وارن فرقن واري اجائي بحث ۾ سنڌيءَ جي صورتخطيءَ ۾ واڌارن ۽ حرفن ۾ ڪنڊين ۽ ٻڙين جي ميلاپ يا تبديليءَ وارين ڳالهين کي ڇڏي، موجوده سنڌي آئيوبٽا کي مڪمل ۽ 'وچولي لهجي' کي معياري لهجو سمجهي، سنڌي ٻوليءَ جي عصري ضرورتن موجب ترقيءَ لاءِ ڪم ڪرڻ گهرجي.

(3) وچولو لهجو اتر/سري، لاڙ ٿر، لسٻيلي، ڪوهستان، ٿر، ڪڇ، بلوچستان ۽ سنڌ کان ٻاهر آباد سنڌين وٽ يڪسان تعليمي ذريعي طور مقبول آهي ۽ سمجهيو وڃي ٿو. ان ڪري اهو ئي "سنڌيءَ جو معياري لهجو" سمجهڻ گهرجي، چو تہ اُن ۾ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جي سگهاري راءِ موجب: "اُچارن ۾ وچٿرائي ۽ توازن"، "اتر ۽ لاڙ جي اچارن جو اثر" ۽ "نوشهري ۽ سيوهڻ جي علمي مرڪزن جي ٽيڪ" آهي.

هاڻي هيٺ آئون "وچولي لهجي" کي مڪمل (Perfect dialect) لهجي ثابت ڪرڻ لاءِ ڪجهہ مثال ڏيندس، چو تہ ان ۾ ٻين لهجن جو سهڻو امتزاج آهي: مثال:

استعمال ٿئي: "لالڻ ليئو پائي هليو ويو".

(16) اوڀاوڙي طرف پنجاب ۽ سرائڪيءَ جي اثر هيٺ فعلي گردان صحيح ڪم نہ آندا ويندا آهن، جهڙوڪ:

- "هلنداسين" بدران چون "ڄُلنداسين".
- "هوري هوري" بدران چون "هولي هولي".
- "ڳِڙ پٽيندو بہ وڃي، کائيندو بہ وڃي". بدران چون "ڳِڙ پٽندو بہ وڃي، کئندو بہ وڃي".

ان ڪري وچولي معياري لهجي ۾ اهي اوٺايون دور ڪيون وڃن آهن، بلڪ آهن ئي ڪونہ.

وچولي لهجي، سنڌي ٻوليءَ کي لفظن سان گڏ اصطلاحن ۽ پهاڪن جو وڏو ڀنڊار ڏنو آهي، جيڪو سڄيءَ سنڌ جو سموريءَ سنڌي ٻوليءَ جو لازوال ورثو آهي. جهڙوڪ:

- ڪاڏي چنڊ ڳچي، ڪاڏي حافظ ٻچي.
- چٽي "چنيجن" جي، "پُرڻ" تي پيئي (موري تعلقي جا بہ ڳوٺ)
- اهڙي جُٺ ڪيائينس، جهڙي ٻُرڙي ڪئي ٻارن سان. (نوشهري، موري ۽ ڪنڊياري ۾ ٻرڙا گهڻا آهن)
- واڇان: چريون ڏئي چار واڇان وتيسون هڪڙي (حيدرآباد، هالا طرف جو پهاڪو)
- هتي گنگوءَ وارو گوڙ لڳو پيو آهي. (گنگو پڪوڙائيءَ وٽ هميشہ گوڙ لڳو پيو هوندو هو.)
- ٻائر ڪوٽ جا ڪنگرا، ٻُٽ گهر جي سُونهن
- اڇي ڏاڙهي، اٿو خراب
- آيا مير ڀڳا پيرَ (حيدرآباد طرف جو پهاڪو)
- اڍائي گهرن جو خير
- اُهي ٽُنيا ئي مري ويا، جيڪي گهڻا ڏيندا هئا. (ڪنڊياري طرف جو پهاڪو)
- ٻاڳ ڏي ٻيڙو تہ دال مان سيرو

- پاڙين مٿان پٽ، ڪانگن ڪيرائي، وڏي
- راهوجن ۾ رات، قادر ڪنهن جي نہ وجهي.

هن سڄي بحث مان مون اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ جن عالمن 'وچولي جي لهجي' کي سنڌي ٻوليءَ جو 'معياري لهجو' قرار ڏنو، معياري سنڌي تعليم ۽ ادب لاءِ مقرر ڪيو هو اُهي وڏا عالم هئا. انهن سڄيءَ سنڌ جي لهجن جو اڀياس ڪيو هو ۽ وٽن وچولي سنڌ جو تصور محدود، يعني ساهتي پرڳڻي تائين محدود نہ هو پر اُهو لاڙ ۽ سري جي وچ واري مرڪزي سنڌ تائين وسيع هو. هي لهجو سنڌيءَ جو معياري لهجو آهي، جنهن کي تعليم ميڊيا ۽ ادب جي ميدان ۾ ترقي ڏيارڻ، موجوده ٽيڪنالاجيءَ جي دور جي تقاضائن موجب ڦهلائڻ ۽ سنڌي ٻوليءَ کي انٽرنيٽ جي ٻولي بڻائڻ لاءِ آسان کي هر ممڪن ڪوششون ڪرڻ گهرجن. ان لاءِ سنڌ ۾ هندا جي ادبي ادارن ۽ ڪمپيوٽر جي سنڌ ۽ دنيا ۾ موجود ماهرن جي وچ ۾ رابطي ۽ ڪانڊاپي جي سخت ضرورت آهي. ۽ ان رابطي لاءِ مرڪزي ڪردار "سنڌي ٻولي اٿارٽي" ادا ڪري سگهي ٿي.

## مددي ڪتاب


1 سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ: ڀيرومل مهرچند آڏواڻي، سنڌي ادبي بورڊ 1965
2 سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا: ڊاڪٽر غلام علي الانا، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، 2006
3 برصغير جي ٻولين جو لسانياتي جائزو: گريئرسن، مترجم: ڊاڪٽر فهميده حسين، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، 2000
4 آفتاب ادب: حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، سنڌي ادبي بورڊ
5 سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد: ڊاڪٽر غلام علي الانا، سنڌيڪا اڪيڊمي، 2007
6 سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي: ڊاڪٽر غلام علي الانا، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو
7 سنڌي ٻولي: لساني جاگرافي، آراڏايون ۽ لفظي ترتيب: محمد عمرچند، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، 2004
8 ٻوليءَ جي لکاوٽ ۽ سرشتو: ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي

9. سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو
10. سنڌي الف، ب جي ارتقا: عبدالڪريم لغاري
11. ٿري ٻولي: عبدالجبار جوڻيجو ۽ هدايت پريم، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، 1994ع
12. ماڇيلي ۽ اباوڙي جي ٻولي: پروفيسر محمد فاضل شيخ، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، 1992ع
13. لاڙي ۽ ڪڇي (سنڌيءَ جا ٻه محاورا): ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، 2007
14. ڀاڪن جي پاڙ: عبدالڪريم سنديلو
15. سنڌي ڀاڪا ۽ محاورا: ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي
16. جتڪي ٻولي: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، 2003ع
17. دريائي ٻوليءَ جو لهجو" الهنواز رڪٽائي، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، 2007
18. سندهي زبان و ادب کي تاريخ: ڊاڪٽر غلام حيدر سنڌي
19. ماڇر، ڪڪرالي ۽ ڪاري جي ٻولي: حافظ حبيب سنڌي، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، 1994ع
20. سبيءَ جي ٻولي: ڊاڪٽر دادمحمد خادم بروهي، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، 1992ع
21. اترادي ٻولي: ڊاڪٽر هدايت پريم، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد
22. هڪ جلدي سنڌي لغات: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ٻيو ڇاپو سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، 2007
23. سنڌي ٻولي: سراج ميمڻ
24. سنڌي صوتيات: ڊاڪٽر غلام علي الانا
25. سنڌي ڏوني وگيان: ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي
26. سنڌي ٻوليءَ بابت مقالا ۽ مضمون (جلد1): ڊاڪٽر انور فگار سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، 2007
27. سنڌي ٻوليءَ بابت مقالا ۽ مضمون (جلد 2): خان محمد جروار سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، 2007
28. ڪلاچي، جلد ڏهون، شمارو ٽيون، سيپٽمبر2007، الطاف جوکئي جو مضمون، "ساهتي پرڳڻو ۽ ان جو صوتي اڀياس"

رخمان گل پالاري

# ڪوهستاني لهجو

سُجون جي ساٽيھ، تہ پہ وَنِهيَان ٿي وِترو
گھوريو سو پرڏيھ، توٽي ڦَلين چانئيو.

(شاھ رح)

ڪوهستاني لهجي تي ڳالهائڻ کان پهرين، آئون ڪوهسارن واري ديس بابت ڳالهائيندس، جنهن لاءِ هيءَ عام چوٽي آهي تہ "ڪوهستان، وٺو تہ پرستان، نہ تہ مڙهن جو مڪان" ـ معنيٰ جي پلر پالوٺ ڪئي تہ جڻ پهريندو پرين جو ويس، جي ڏڪاريو تہ لاشن جو ديس. هن جوڪائتي جُوءِ جو نرالو نقشو اوهان اڳيان چٽي، ٿوري تاريخي حيثيت بہ بيان ڪندس. جتي هي لهجو ڳالهائجي ٿو تنهن ۾ ضلعي دادوءَ جي پڇنديل پوچڙ واري سڄي جابلو پٽي، جيڪا هن وقت ضلعي ڄامشوري جي ڏيج ۾ آئي آهي، ضلعي ٺٽي جو جنگشاهيءَ وارو اوريون جابلو پاسو ويندي گهگھر تائين، تنهن کان سواءِ ڪراچيءَ جا ڪوهسار جن تي ڪيئي تاريخون اُڪريل هيون، تن کي پاڙان پٽيو ويو. منهنجي اکين ڏٺل ويھ ميل ڏگهو ۽ اڍائي ميل ڪن ويڪرو "مولڙي جبل" جنهن ۾ ڪيترائي ظاهر ظهور تاريخي اهڃاڻ هئا. اُن جو باقي چاڙڪيءَ جيترو حصو ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سامهون وڃي بچيو آهي، تنهن کي بہ رات ڏينهن ڪري پٽ ڪيو پيو وڃي. ان ئي جبل جي 500 سو ايڪڙن کان بہ مٿي زمين سفاري پارڪ کي ڏني ويئي آهي، جنهن ۾ هن ٽڪرين تي اُجا بہ ڪي تاريخي اهڃاڻ بچيل آهن، پر انهن جي مٿان بہ ڪي شغلي شيون "Go_Aish" جي نالي سان ٺاهي، بچيل ميراث کي

بيدرديءَ سان لتاڙيو پيو وڃي. اسين ترقيءَ ۾ ارها ناهيون. پر اسٽيل مل ۽ قاسم بندر جي نالي جيڪا لکين ايڪڙ زمين ويئي، سا تہ ڪين مباح آهي، پر ان ايراضيءَ اندر جيڪي سوين تاريخي ماڳ مڪان ۽ قبرستان هئا، تن کي ڊرتيءَ تان اکوڙيو ويو باقي جيڪي ايڪڙ بيڪڙ بچيل آهن، سي بہ ميساريا وڃن. هئڻ تہ ائين کپندو هو تہ انهن تاريخي شين کي تحفظ ڏنو وڃي ها، پر اها ڳالهہ اتي بس نہ ٿي، وري ديهہ کانٽو ديهہ ڊانڊو ديهہ کاڪڙ ديهہ ڪوٽيرڙو ۽ ديهہ جوريجي- انهن سڀني ديهن کي بن قاسم ٽائون جي لٽ هيٺان ڏنو ويو آهي. قاسم ٽائون جي بدران ديبل ٽائون، پپري ٽائون يا سسئي ٽائون نالو رکڻ گهرجي ها، پر شايد ائين ڪرڻ سان اسلام خطري ۾ پئجي وڃي ها. "نئين جوريجي" جي ڪنڌيءَ تي، جتي اها نئين سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندي آهي، هڪ خوبصورت نظاري وارو "سسئيءَ جو باغ" هو جنهن ۾ پپر، ٻڙ، آمري، گدامڙي ۽ بہ ٿي انبن جا وڻ مون پاڻ ڏٺا هئا. هن باغ جي سارسنڀال هڪ هندو سيٺيو گنگارام ڪندو هو جيڪو پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ هندستان هليو ويو. ويندي ويندي جاجي ڪرمي ڀوَي بلوچ کي هن باغ جي سار سنڀال جي پارت ڪري ويو. هي باغ هڪ خوبصورت روح پرور ۽ تفريح گاهہ سان گڏ گهاري کان ڪراچي واري پراڻي رستي ويندڙ مسافرن لاءِ هڪ آرامگاهہ پڻ هو. اها سڄي ساموندي پٽي واري قيمتي زمين پاڪستان نيوي کي ڏني ويئي، تن سڄي باغ تي چيڪ پوسٽ قائم ڪري ڇڏي جتي سسئي ۽ سندس سهيلين جي پوپٽ جي پرن جهڙن نازڪ پيرن جا نشان پيا لتاڙجن، ان پشم کان وٺ ڪونئرن پيرن لاءِ پٽائي هيءَ شاهدي ٿو ڏي تہ:

پير پٽائين ڪونئرا، ڏونگر مٿي ڏي،
ڦٽيا ڦرڻ فقير جا، سيرون ٽيڙاسي،
جهڙي تهڙي حال سين، پُري پنهونءَ ڏي،
وڃي مانَ وري، ٻانهيءَ ٻنڌڻ جن سين.

تنهن کان سواءِ ديهہ گوندپاس جي سڌن پٽن تان سسئي ائن جا پير

ڪڙيندي ڪڙهندي ويئي.

ڪڙي ۽ ڪڙهي، پر ﻫ پير پنهونءَ جو.

وري پتائي بہ هنن ئي بسنواتن پٽن تان سسئيءَ جي پيرن جا نشان ليڪيندو ويو. انهن ئي پٽن تي اڄ ڪراچي شهر جو 3000 هزار ٽن ڪچرو روزانو جي حساب سان سال کان وٺي ڦٽو ڪري ان کي باهہ ڏني ويئي آهي، جنهنڪري سڄو علائقو دونهين جي ڪڪرن ﻫ ويڙهيل آهي. آسپاس جا سوين ڳوٺ ان ٿهر جهڙي بدبوءِ ۽ دونهين کان بيزار ٿي لڏڻ تي مجبور آهن ۽ ڪراچيءَ جي هاٺوڪي شهري حڪومت ان ڏس ﻫ ڪجهہ نٿي ڪري. ديهہ مُواچ، ديهہ لال بکر، ديهہ ڇتارا، ديهہ الله پنو ديهہ گابو پٽُ، ديهہ منڍِياري، ديهہ موچڪو ۽ ديهہ مِن، جتي "حب نئين" 240 ميلن جو سفر طئي ڪري اچي سمنڊ ﻫ جوڙ ڪندي آهي، هتي ويجهو ئي ڪڙڪ/ڪارڪ بندر جا آثار هن وقت بہ موجود آهن. ديهہ مِن وارو هي علائقو تمام خوبصورت آهي، سامهون ئي سمنڊ جي صاف نيري پاڻيءَ ﻫ هڪ ويڪرو پيٽ آهي، جتي هڪ اوچي ٽڪريءَ تي ڪجهہ قبرون آهن. هتي جي مقامي ماڻهن جو اهو چوڻ آهي تہ شهيد سورهيہ بادشاهہ پير پاڳارو بہ هتي دفن ٿيل آهي. هاڻي هتي بہ فوجي عملدار زنجيرون لڳايو ويٺا آهن تہ جيئن اسان جهڙو ڪو رولاڪ بنا جهل پل اچي وڃي نہ سگهي. هنن سيني ديهن کي ڪنڌ ﻫ ڪاپار جو رسو وجهي ڪياماڙي ٿائون جي ڪِلي ﻫ ٻڌو ويو آهي، جتي شاهہ صاحب جي اڏول ڪردار 'مورڙي' جي قبر واري ٽڪري کي بہ ڪڙو چڙهيل آهي. وري ديهہ هَيڪ واڙي (هاڻي ايڪواڙي) جنهن جي ٽڪري تي چاڪر خان ڪلمتيءَ کي 1839ع ﻫ انگريزن ڦاهي ڏني هئي، ان ٽڪريءَ جو اهو حصو اڃا بچيل آهي، جنهن کي عام ماڻهو "ڊالميان" چون ٿا، جيڪا چڙهڻ تہ گار آهي، جڏهن تہ ان کي ڏرتيءَ ڏڪاڻان "چاڪر ڦاهي" جي نالي سان سڃاڻن ٿا. اها ٽڪري هن وقت واڳ ڏٺين وٽ آهي، جيڪا اسان جهڙي اڇوت لاءِ ممنوع آهي. ڪراچيءَ جا اهي ڪوهسار جن ﻫ ڪيترن ئي قديم آثارن جا اهڃاڻ اپريل هئا، سي پاڙان پٽجي ويا. هتي آئون ڊاڪٽر مبارڪ علي صاحب جون

موهن جي دڙي جي دريافت کان پوءِ اها ڳالهه نروار ٿي ته ايران جي سرحد کان وينديءَ گنگا جمنا، ڪڇ ۽ راجستان تائين، اسڪردو کان ڪراچي ۽ اتان مهڙ ڳڙهه تائين وارو سڄو علائقو "سنڌو ماٿر" جي تهذيب وارو علائقو آهي. ان پوري علائقي ۾ 1500 سو کان به مٿي وسنديون ظاهر ٿيون آهن، جيڪي 2500 ق.م کان 1900 ق.م تائين جون آهن. هن پوري ڳولا ۾ ڪوهستان وڏو پٽ آهي، جيڪو سنڌ ۽ بلوچستان تائين ڦهليل آهي، جتي سوين اهڙن ماڳن جا آثار موجود آهن، جيڪي اڄ تائين ظاهر ڪرڻ کان رهيل آهن. آئون هتي فقط ٽن عجوبن جو ذڪر ڪندس، جن تان اسان جا ڪاهوڙي بدر ابڙو صاحب ۽ انور پيرزادو (جيڪو اسان کان هميشه لاءِ ڏور هليو ويو پر سندس پيرن جا نشان انهن گسن، پيچرن ۽ چوٽين سدائين لاءِ پاڻ تي چٽي ڇڏيا آهن) لنگهيا. پهريون "ڪارلوئي" وارو ميهوڳي آبشار جيڪو دنيا جي ستن ميهوڳي آبشارن ۾ ٻئي نمبر تي آهي، وري "ڪنڊُ نئين" جيڪا سنڌ ته ڇا، پر پوري پاڪستان جي نرالي نئين آهي، جا پورا 20 ڪلوميٽر اولهه کان اوڀر ۾ اوپر کان اتر وهي. ڪنڊ بازار مٿي پوءِ اولهه پاسي وهي اچي "حب نئين" ۾ چوڙ ڪندي آهي، تنهن کان سواءِ "مهر جبل" جيڪو ٽي هزار فوٽ اوچو 32 ڪلوميٽر ڊگهو ۽ 24 ڪلوميٽر ويڪرو آهي، جتي ڄڻ ته هڪ الڳ دنيا آباد آهي، جبل جي مٿاڇري تي ميلن تائين پکڙيل ميدان، اُڀيون جابلو چوٽيون، پوک لائق سٺي زمين، گهاٽا وڻ، مانٺهن توڙي مال لاءِ موڪ پاڻي، ٻن ٻن ميلن جي پنڌ تي هڪٻئي کان پري، ست ڳوٺ به آباد آهن. هن جبل جي اولهائين ڪنڊ تي "ٻاٻرين" نالي عجيب ۽ پراسرار آثار جتي پاڻيءَ جي اتڙيءَ جنهن ۾ واڳون، غار وانگر کُن، پپر، ٿاليءَ ۽ ڪجيءَ جا وڻ، مٿئين پاسي پٿرن جو ڊگهو ڪوٽ آهي، تنهن کان پيرو وڏو گبربند، هيٺ مهر ڊوري جي پٿر واري پيچ ۾ ست اونها کوهه، جيڪي مٿي پاڻيءَ سان ٽمٽار آهن، انهن جي وچان ڳانڍاپي لاءِ ڇاڙڪي، نيسر، هيءَ، واهي چاهي جو پراڻو ۽ انوکو نمونو اڃا هيٺ ڪنڊ واري رستي تي ڪافرن جون قبرون موجود آهن. هندو عقيدي موجب پاڻي، واڳون، پپر جو وڻ ۽ غار مقدس سمجهيا وڃن ٿا. هن سڄي وايومنڊل کي جڏهن ڏسجي ٿو ته ڄڻ

هڪ عجيب تڪساڻ ٺهيل ٿو معلوم ٿئي.

هن ڪوهسارن واري ديس جي ٿلهي ليکي ايراضي (50000) پنجاهه هزار چورس ميلن کان به وڌيڪ آهي ۽ اندازاً (2000000) ويهه لک کن ڪوهستاني لوڪ هتي رهن ٿا. ان حساب سان هڪ ميل تي ڇهه ماڻهو رهن ٿا. جيڪي مختلف قبيلن ۽ راڄن ۾ ورهايل آهن. جن ۾ برفت, بندريچا, بروهي, باريچا, بهليم, پاٽي, پنهور, پالاري, خاصخيلي, گدا, گبول, واهرا, واديلا, لُنڊ, لواري, رند, ڪلمتي ۽ پائيبند (هندو) به جهجهي تعداد ۾ رهن ٿا. جن لاءِ سير ڪوهستان جو ليکڪ هيئن ٿو لکي:

"هن محاوري تي ڪوهستاني نالو به پهاڙي علائقي جي نسبت سان پيل آهي, هن علائقي ۾ بلوچ, بروهي ۽ سماٽ قومن کان علاوه هندو ڪافي تعداد ۾ موجود آهن, جيڪي اڪثر سنڌي ڳالهائيندا آهن".

ڪوهستان جي رهڻي ڪهڻي, ريتن رسمن, کاڌ خوراڪ, ايمانداري, انصاف, فيصلن ڪرڻ, جهيڙن جهڳڙن, پيري مريدي, صحت, بيماري, علاج اڪسير, ڪچهري, مارڪي ۽ مهمان نوازيءَ تي 1942ع ۾ "سيرِ ڪوهستان" ڪتاب ڇپيو. ان ئي سال ليکڪ کي حڪيم فتح محمد سيوهاڻي ڪراچيءَ واري شفاخاني مان خط لکيو جنهن ۾ هيئن به لکيائين ته "جنهن قلم سان تو هيءُ ڪتاب لکيو آهي, مهرباني ڪري اهو قلم مون کي موڪليو ته اُن کي چُمان". هن محنتي ۽ سُچيت ليکڪ کي هن وقت تائين اسين "الهبچايو سمون" جي نالي سان پڙهندا اچون ۽ سندس پيدائش جو هنڌ ضلعو ملير ٻڌايو ٿو وڃي. پر حقيقت بلڪل ان ڳالهه جي ابتڙ آهي. جيئن ته "ماستر الهبچايو ڇٽو" ڇٽا قبيلي جي "ٻهلول" پاڙي مان آهي, "دريجي" کان جو مٿي سندس ابن ڏاڏن جي جوءِ جو نالو به "ٻهلور" آهي, پاڻ حاجي, مريد "بڪڪ" (ڇٽا قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو) ڳوٺ ۾ 1912ع ۾ پيدا ٿيو. اهو ڳوٺ هن وقت پراڻي لالو کيٽ ۾ چڙهه ته هاٿيءَ جي لت هيٺان آهي. سائين الهبچائي هن ئي ڳوٺ ۾ 1916ع ۾ قائم ٿيل "ابراهام روبن سنڌي پرائمري اسڪول" ۾ تعليم حاصل ڪئي ۽ پوءِ هن ئي اسڪول ۾

| معياري لهجو | ڪوهستاني لهجو |
|---|---|
| ڪهڙو | ڪيڙو |
| تهڙو | تيڙو |
| جهڙو | جيڙو |
| اهڙو | ايڙو |

وري معياري لهجي جي ڪيترن ئي لفظن جي آخر ۾ 'ء' هن لهجي ۾ بلڪل حذف ٿيو آهي. جيئن:

| معياري لهجو | ڪوهستاني لهجو |
|---|---|
| ماءُ | ما |
| ياءُ | يا |
| پيءُ | پي |
| ڳاءُ | ڳا |
| ڪاءُ | ڪا وغيره |

معياري لهجي ۾ گسڪيدار اوسرڳ آوازن ۾:

| معياري لهجو | ڪوهستاني لهجو |
|---|---|
| غ (غلام) | گ (گلام) |
| خ (خير) | ڪ (ڪيرُ) |
| خ (خبر) | ڪ (ڪبر) |

پر جيڪڏهن اهو گسڪيدار اوسرڳ ڪنهن لفظ جي وچ ۾ به آيل آهي ته اهو به بدلجيو وڃي. جيئن "بغير" لفظ هن لهجي ۾ بگر اچاربو ۽ ڪافي لفظن ۾ 'ي' به حذف ٿيو وڃي. جيئن:

| معياري لهجو | ڪوهستاني لهجو |
|---|---|
| ضايع | ضاع |
| ولايت | وِلات |

اهي صورتون اسان کي شاهه صاحب جي رسالي ۾ پڻ ملن ٿيون.

- ڪونهي ڪميٽيءَ جو بگر تو بلو (ڏهر)
- ويچينديي ولات ۾ ذرو ٿي نه ضاع. (سريراڳ)

تنهن کان سواءِ هن لهجي ۾ معياري لهجي جي صوتياتي مٽ سٽ به ٿيندي آهي، جيئن:

| کوهستاني لهجو | معياري لهجو |
|---|---|
| ج (جَتِيم)، (جاد) | ي (يتيم)، (ياد) |
| ت (مَدَتَ) | د (مدد) |
| (مسيت) | مسجد |
| ج (جُهَاجُ) | ز (جهاز) |

اها صوتياتي مٽ سٽ شاهه صاحب وٽ به ائين ئي ملي ٿي.

- جيڪس جاد ڪياس، ور وڃيٖ وٽڪار ۾. (آبري)
- ڏيهيان ڪِجان ڏيٺ، ڪا مدت مون سين ماڙيين. (مارئي)
- ساٿي سفر هليا، پري جُنگ جُهاج. (سريراڳ)
- گهٽا گهوڙي چاڙهيا، تو مسافر مسيت. (بلاول)

ڪوهستاني لهجي ڪي صَرفيات جي روشنيءَ ۾ پرکينداسين ته لفظن توڙي جملن ۾ معياري لهجي کان چڱو چوکو فرق محسوس ٿيندو جيئن:

| کوهستاني لهجو | معياري لهجو |
|---|---|
| توجو | تنهنجو |
| مونجو | منهنجو |
| ڪينجو | ڪنهنجو |

مٿين لفظن 'تنهنجو' ۽ 'منهنجو' ۾ 'ن' ۽ 'هه' بدران 'و' جو اُچار ۽ 'ڪنهنجو' ۾ 'ن' ۽ 'هه' جي لاءِ 'ي' جو اُچار شامل ٿئي ٿو. وري جي هيٺين جملن ۾ حرف جر ۽ فعلن ڪي ڏسنداسين ته 'ي' ۽ 'آ' جو آواز زير ۽ زير ۾ بدلجي ويندو.

| کوهستاني لهجو | معياري لهجو |
|---|---|
| جِتِ | جِتي |
| ڪِتِ | ڪِتي |
| هُتِ | هُتي |
| آَهي | آهي |

| | |
|---|---|
| آهين | آَهين |
| ڪتي ويٺو آهين | ڪِتِ بيٺو آهين |
| هِتي ڇا آهي؟ | هِت ڇو آَهي |

- نظر نيٽين نينهن، جڙو جِتِ جوڙجن (آسا)
- هِتان ڪٽي هُتِ، جن رڪيو سي رسيون (آبري)

ڪوهستاني لهجي ۾ جي، ظرفن جو جائزو وٺنداسين تہ معياري لهجي جي ڀيٽ ۾ اهي لُنڊا ڏسڻ ۾ ايندا.

| **معياري لهجو** | **ڪوهستاني لهجو** |
|---|---|
| جيڏانهن | جيڏي |
| ڪيڏانهن | ڪيڏي |
| تيڏانهن | تيڏي |

جيڪڏهن ضميرن ۾ ضميري پڇاڙين جو جائزو وٺنداسين تہ انهن ۾ واضح فرق نظر ايندو.

| **معياري لهجو** | **ڪوهستاني لهجو** |
|---|---|
| آئون | آن |
| اوهين | آَئين |
| اسين | آَسون |
| اُنهن | اُنين |

شاهہ صاحب بہ اهي ضمير ائين استعمال ڪيا آهن.

- عدلين ڇتان آن نہ، ڪو ڦيرو ڪِج فضل جو (سريراڳ)
- آَئين وريتيون ورو آئون نہ ورندي وَرَ ريءِ (آبري)
- اسين سڪون جن ڪي، سي تان اسون پاڻ. (آبري)
- ڪريان ٻي نہ ڪن، آهر اُنين آهيان. (مارئي)

| **معياري لهجو** | **ڪوهستاني لهجو** |
|---|---|
| پٽهين | پڙا |
| ماٽهين | ماڙَا |
| پيٽهين | پيٽاءِ |
| ياٽهين | ياٽاءِ |

(هنن ٻنهي لفظن ۾ 'ء' جو آواز تمام هلڪو اٽلڪو اچارجي ٿو.)

فعلي گردان

| معياري لهجو | ڪوهستاني لهجو |
| --- | --- |
| اچج | اچيج |
| وڃج | وڃيج |
| مڃج | مڃيج |

- دوست نہ دل مڃيج، ملڪ مڃيو تان گهوريو (بروو)

| | |
| --- | --- |
| اچجان | اچيجا |
| وهجان | ويهجا |
| وڃجان | وڃيجا |

- سور مَ وڃيجا، سڄڻ جيئن سارنگ ويا (حسيني)

هن لهجي جا ڪيترائي نج لفظ شاهہ جي رسالي ۾ بہ آيل آهن. آئون هتي فقط نموني طور بہ ٽي لفظ ڳڻائيندس.

هاريا! توهري ڪيچ ڪڏيا سين ڪِئو (يمن ڪلياڻ)

چپاتا - نِڪَتَ

چپاتا چڙهي ويا، وڃي پهتا توڙ (ڪوهياري)

گَبَرو - جَهپَ

سهر سيءَ پيو نہ مون سُوڙ نہ گبرو (رپ)

انهن کان سواءِ ٻيا نج ڪوهستاني لفظ، جيڪي معياري لهجي کان ڪوهين ڏور آهن، جيئن ڇالاءِ چون ڇو نٺدي ٻار لاءِ چون ڇُوڇڪو/ ڇوڇڪي، ڪنهن ٿوري شيءِ لاءِ پِچڪي/پچڪو ٻڪرين جي ڌڻ کي ڪيراڳ، ٻاڪري ڦر يا گوشت کي چون آڪورو ريڍي ڦر يا گوشت کي ٻاهَو ڪا ڪوڍي مال مان وڃائجي وڃي تہ چون نَسِي ويئي، ٻِزو معنيٰ ننڍي چاول ڦر کي ماءُ جو کير پهريون دفعو ڏارائڻ، هڪ سن يا هم عُمر وارن لاءِ چون ٿُور.

منهنجو ٿُورِ تلن ۾ چيها ٿو چاريءِ (مارئي)

هتي سچي ڪوهستاني پٽيءَ ۾ ڳٽپ توڙي ماپ تور لاءِ گهڻي پاڳي پراڻا لفظ ڪتب آڻين. جيئن ڳٽپ جي شروعات برڪ (هڪ) سان ڪن يارهن لاءِ ڪارهن ڪتب آڻين.

ڪارنهن تيرهن پندرهن سترهن سينگاريج. (سريراڳ)

تور لاءِ پاٽي، ٽوبو ڪاسو کهراڙ (ڪرار) رتي، ماسو تولو (سون، چاندي) ماپ لاءِ پُرهه، وانهه، وک، ورٽ، ڪُرندُ ۽ چاڙڪي.

چپر مڙيوئي چاڙڪي، (ڪوهياري)

جيئن هن لهجي جا لفظ هتي پرپاسي جي ٻولين يعني بلوچي، براهوي، توڙي جدگالي لهجي ۾ ڳالهائجن ٿا. تيئن انهن ٻولين جا لفظ بہ هن لهجي ۾ رلمل ٿي ويا آهن. جيئن دَيَتِ. ٻاوَٽِ. ٻيلاڙو رَوتِ. وَروَدَ. ٻُونڙَ. ڙُندُ وغيره.

ڪير ڪريندي ريس، آيل سنگهارن سين.

**مددي ڪتاب ۽ ماڻهو**

- شاهہ جو رسالو جلد 1، 2، 3 شيخ ٻانهون خان
- شاهہ جو رسالو شاهواڻي غلام محمد
- شاهہ جو رسالو هوتچند مولچند گربخشاڻي
- سير ڪوهستان، الهبچايو يارمحمد چنو
- ڪراچي - سنڌ جي مارئي، ڪلمتي گل حسن
- لاڙ جي لغات، جوڻيجو عبدالجبار ڊاڪٽر
- سبيءَ جي ٻولي، بروهي داد محمد، ڊاڪٽر
- تاريخ ۽ روشني، مبارڪ علي، ڊاڪٽر

محمد اسحاق چنو محمد رفيق چنو محمد رفيع بڪڪ، محمد زمان حملاڻي، ساجن رند، حاجي قادربخش گبول، عبدالله خاصخيلي، سليمان ٻهليم، علي محمد لوٽاري

الطاف حسين جوکيو

# سنڌي ٻوليءَ ۾ وسرڳن (Aspirates) جي حقيقت

1853ع ۾ سنڌي ٻوليءَ لاءِ جيڪا رسم الخط جوڙي وئي، تنهن جو گهڻو مدار ابوالحسن ٺٽويءَ جي جوڙيل آئيويٽا ۽ پراڻن ڪاتبن جي جوڙيل اکرن تي هو. موجوده عربي- سنڌي آئيويٽا جنهن کي ايلس جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو سا دراصل هڪ ـاڌ اکر (خاص طور 'ٽ') جي سڌاري سان مشن هائوس جي هارون لوهار جي ترتيبيل آهي: هن آئيويٽا ۾ وسرڳن (ٽ، ڀ، ک، گه، جه، ڇ، ڦ، ٿ، ڌ، ڊ) جو ڪل تعداد ڏهه (10) آهي.

جولاءِ 1853ع ۾ 'ايلس واري ڪميٽيءَ' طرفان مقرر ڪيل آئيويٽا ۾ چند اکرن جي شڪل جي ردو بدل بعد موجوده پٽي جيڪا مذڪوره 'ايلس واري پٽي' ڪوٺي وئي، سا 1854ع ۾ پهريون دفعو مشن هائوس جي ڪنهن هارون لوهار جي طرفان چارٽ ذريعي عام ڪئي وئي هئي. جنهن سبب موجوده آئيويٽا کي ايلس بہ پنهنجي رپورٽ ۾ سڌاريل سنواريل (revised) ڪوٺيو جنهن کي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب غلط فهميءَ سبب ان کان اڳين عالمن جي ترتيب ڏنل ڄاڻائي ايلس واري پٽيءَ کي سڌاريل سنواريل ڄاڻائي ايلس جي رپورٽ وارن لفظن کي حوالي طور ڄاڻايو آهي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب ان تحقيق موجب خيال ڏيکاريندي لکي ٿو تہ " هن کان اڳ اڪثر ائين پئي سمجهيو ويو آهي تہ موجوده سنڌي الف- بي نئين سر ناهي ڪانہ وئي پر اڳ هلندڙ الف-بي تي نظر ثاني ڪري ان کي ڪن ترميمن

۽ اضافن سان رائج ڪيو ويو........ ڪمشنر فريئر اهڙيءَ طرح ترتيب ڏنل الف-بي کي 'نئين سر' ايجاد ڪيل الف- بي بدران صحيح طور تي 'نظر ثاني ڪيل' الف- بي (the alphabet revised) سڏيو آهي." (1)

ان آئيوپنا کي سرڪاري طور درسي توڙي انتظامي ادارن ۾ عام ڪيو ويو. چند عالم ان ترتيبيل آئيوپنا سان سهمت نه ٿيندي پنهنجي رنگ ڍنگ جون آئيوپنائون جوڙيون. 1858ع کان اڳ خليفي گل محمد گل 55 اکرن تي مشتمل هڪ آئيوپنا جوڙي, جيڪا هن پنهنجي ڪتاب 'ديوان گل' ۾ ڪم آندي. هن ۾ وسرڳن جو تعداد ڪل تيرهن (13) ڄاڻايل آهي, جن ۾ هاڻوڪي آئيوپنا جي نسبت تي (3) وسرڳ (ڙهه, نهه, لهه) وڌيڪ جڏهن ته عام استعمال ٿيندڙ 'مهه ۽ ٽهه' ڄاڻائي ڪونه سگهيو. (2)

ان بعد ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ 1854ع بعد پنهنجي عربي -سنڌي آئيوپنا ترتيب ڏني. جيڪا هن پوءِ 1866ع ۾ ليپسيا جرمنيءَ مان 'شاهه جي رسالو' جي ڇپائيءَ ۾ ڪم آندي. وسرڳن جي اکر/ شڪل لاءِ هن مستشرق عالم گهڻو تڻو ان وقت جي رائج هندستاني (اردو دکني) رسم الخط, مخدوم ابوالحسن ۽ خليفي گل جي بيهاريل آئيوپنا جي پوئواري ڪندي هر وسرڳي اکر ۾ جنسي 'هه' جو اضافو ڪيو. جيئن: 'ٻهه = ڀ, تهه = ٿ, ٽهه = ٺ, چهه = ڇ, دهه = ڌ, ڊهه = ڍ, پهه = ڦ, کهه = ک.' جنهنجو مقصد برصغير ۾ ساڳين اکرن جي صورت ڪم آڻڻ هو. پر جيئن ته اهي اکر سنڌي ٻوليءَ جي مزاج مطابق نه هجڻ ۽ لفظن ۾ مونجهارا پيدا ٿيڻ جي امڪان سبب ان وقت جي اختياريءَ وارن پاران ڊاڪٽر ٽرمپ جي آئيوپنا کي تقويت ڪانه ملي. (3)

ان بعد 1920ع ڌاري مرزا قليچ بيگ مرحوم پڻ ايلس واري پٽيءَ/ آئيوپنا جي ورچ ۽ ترتيب تي تنقيد ڪندي ديوناگري طرز تي مخرج موجب پنهنجي ترتيب بيهاري. تنهن ۾ پڻ مرزا صاحب وسرڳن جي صورتخطيءَ بابت موجوده عربي- سنڌي رسم الخط تي تنقيد ڪندي لکي ٿو ته: "اردو ٻوليءَ ۾ به عربي رسم الخط ڪم آيل آهي مگر انهيءَ ۾ وري به ڪو اصول ڪم آيل آهي. جن اکرن ۾ 'هي' جو آواز لڪل آهي, تنهن جي پٺيان 'هه' جو اکر لکندا آهن: پر سنڌي الف- بي ۾ ڪن اکرن ۾ 'هه' وڌي اٿن, ڪن ۾

نـ! تنهن ڪري ڇئبو تـ ٿهرايل الفـ ـ بي عيبدار آهي. مثلاً سنڌي اکرن مان هيٺيان 'هي' سان گڏيل آهن، جي لکڻ بہ 'هي' سان گهرجن: يا تہ وري هر هڪ لاءِ ڌار صورت ٺهرائڻ کپندي هئي. 'هي' سان گڏ لکيل اکر فقط هي آهن: 'گهہ'،'جهہ'. انهن وانگي 'ڀ'-'ٻهہ' هئڻ گهرجي، 'ٽ'- 'تهہ' هئڻ گهرجي. 'ٿ' -'ٿهہ'،'ڦ'-'پهہ'،'ڇ'- 'ڇهہ'،'ڌ'- 'دهہ'،'ڍ'-'ڊهہ' ۽ 'ک'- 'ڪهہ'. جڏهن سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي لفظ آهن، جن ۾ 'هي' آواز سان گڏيل اکر آهن. جي 'هي' سان لکڻ ۾ تا اچن. تڏهن الف-بي ۾ ائين ڪرڻ گهربو هو. جيئن: 'ڪالهہ'،'ڳالهہ'،'ملهہ' وغيره. جن ۾ لام سان گڏ 'هي' جو آواز آهي. 'مڙهہ'،'ڪڙهہ'،'وڙهڻ'، وغيره جن ۾ 'ڙي' سان گڏ 'هہ' جو آواز ٿو اچي. 'سنهون'،'اونهون'،'ٻانهون' وغيره. جن ۾ نون سان گڏ 'هي' جو آواز ٿو اچي. (4).

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي پڻ مرزا قليچ بيگ جيان مخرجي ترتيب بيهاربندي هيٺين راءِ ڏني تہ: "پروفيسر علي نواز جتوئيءَ 'علم اللسان ۽ سنڌي زبان' ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا 'سنڌي صوتيات' ۾ / مهہ. نهہ. ڙهہ. لهہ. ٺهہ/ کي وينجن صوتين جي چارٽ ۾ ڏيکاريون آهي. اهي حقيقت ۾ ٻن صوتين جو ميل (Conjunct consonants) آهن." (5)

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي جو خيال آهي تہ / مهہ. نهہ. ڙهہ. لهہ. ٺهہ/ مان هر هڪ مفرد صوتيو نہ بلڪ مرڪب صوتيہ يعني ٻن صوتين جو ميل آهي. حالانڪ اهڙن وسرڳ صوتين جو تصور هندي زبانن ۾ پڻ آهي، ان کان علاوه اها ڳالهہ بين الاقوامي طور تي پڻ طئي شده آهي تہ اهي مرڪب نہ پر مفرد صوتيا آهن. اهڙو اظهار ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي پنهنجي مقالي "ديوان گل ۽ خليفو گل محمد هالائيءَ" ۾ ڪري ٿو تہ "علم لسان جي قديم ماهرن جو خيال هو تہ هائيہ اصوات ۽ علامات مثلاً: ک. گهہ وغيره حقيقت ۾ مرڪب ۽ مخلوط آواز آهن. پر ويجهڙائيءَ واري دور ۾ ڪن لسانيات جي ماهرن جو خيال آهي تہ انهن ۾ "هہ" اهڙيءَ طرح ملي وڃي ٿي جو سڄو آواز هڪ ئي شڪل ۾ جهٽڪي ۾ ادا ٿئي ٿو انهيءَ ڪري هي مفرد آواز آهن ۽ لسانياتي اعتبار کان انهن کي هڪ مستقل صوتيي جي حيثيت

حاصل آهي. انهيءَ مسئلي کي پهريائين صوتياتي علمن جي بين الاقوامي ڪانفرنس منعقده لندن 1925ع ۾ انهيءَ نموني پيش ڪيو ويو. ان کان پوءِ ڪيترن ئي عالمن ان جي فائدي ۾ وقت بوقت پئي لکيو آهي. هينئر جديد علم لسان جي نقطہ نظر کان ٿ، ٻ، ک، گھہ، جھہ، ڦ، ٺ، ڌ، ڍ، مھہ، نھہ، لھہ، ٿھہ، ڙھہ مفرد وسرڳ وينجن آهن. ت، ب، ڪ گ، ج، پ، ٽ، د، ڊ، م ن، ل، ڻ ۽ ڙ انهن آوازن جا اوسرڳ آهن." (6) (هن حوالي ۾ ميمڻ صاحب "ڇ" وسرڳ ڄاڻائي نہ سگهيو آهي، جنهن جو "چ" اوسرڳ آهي.)

اسان جي گل مرحوم جيڪا آئيوينا تيار ڪئي آهي، ان مان معلوم ٿيندو تہ: ٻ، ٿ، جھہ، ڌ، ک ۽ گھہ وغيره کانسواءِ ڙھہ لھہ، مھہ، ٿھہ، ۽ نھہ لاءِ بہ جدا حرف مقرر ڪيا آهن. ان مان ظاهر آهي تہ هن صوتي نقطہ نظر کان. "هائيہ اصوات" يعني وسرڳ وينجن کي مفرد آواز مڃيو ٿي." (7)

1853ع واري ترتيب کي اکر جي ٽپڪن ۽ هم شڪليءَ واري 1935ع واري ترتيب سان مٽايو ويو. ان بعد 1960ع ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب 'جامع لغات سنڌي' جي پهرئين جلد ذريعي 1853ع واري ترتيب ۾ صرف هڪ اکر 'ڦ' کي 'ف' جي هم شڪل هئڻ جو سبب ڄاڻائيندي نئين ترتيب ڏني، جيڪا اڄ سوڌو مروج آهي، ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب اهڙي ڦير گهير بابت تنقيدي راءِ رکندي، لکي ٿو تہ هن پٽيءَ ۾ "ڦ" کي "ف" جي پاسي رکڻ لاءِ ڏنل دليل مان اهو ثابت ٿو ٿئي تہ اسان جا ماهر سنڌي صوتياتي نظام کان واقف نہ هئا. در اصل "پ" ۽ "ڦ" صرف (پ) ۽ (ڦ) آوازن جون لکيل صورتون آهن. اهي ٻئي آواز سنڌي صوتيات ۾ هڪڙي ئي خاندان /گروهہ وارا آهن. اهي ٻئي ٻن چپن وارا ڌوڪا آواز آهن، ٻنهي ۾ فرق هي آهي تہ "پ" هلڪو اوسرڳ آهي "ڦ" ان جو هلڪو وسرڳ جوڙ. آهي. 'ف' ۽ 'ڦ' آوازن وچ ۾ ڪوبہ لڳ لاڳاپو ڪونهي، اهي ٻئي آواز گروهن ۽ مخرج ۾ ڌار ڌار آهن. 'ف' ڏند-چپ گاڏئون هلڪو گهسڪيدار وينجن آهي، انهيءَ ڪري 'ڦ' ۽ 'ف' جي وچ ۾ صوتياتي لحاظ کان ڪابہ قرابت، ڪابہ نسبت ۽ ڪابہ هڪجهڙائي ڪانهي. اهوئي سبب هو جو ايلس واري ڪاميٽيءَ 'ڦ' لاءِ مخدوم ابوالحسن جي الف-بي جي چارٽ ۾

مقرر ڪيل اکر 'ف' ۽ 'پهه' لاءِ هڪ ٺي اکر 'ڦ' مقرر ڪيو." (8)

مٿين حوالن مان جيڪو اهم نچوڙ بيهي ٿو سو اهو تہ موجوده عربي۔ سنڌي آئيوٽا ۾ وسرڳن جو ڪل تعداد ڏهہ ڄاڻايل آهي: جيئن: ڀ، ٿ، ٺ، ڦ، ک، ڌ، ڍ، ڇ، جهہ، گهہ. جڏهن تہ پنج وسرڳ لهجاتي فرق سبب نظر انداز ڪيل آهن، سي آهن: 'ڙهہ، نهہ، ڻهہ، مهہ، لهہ' ان ڪا علاوه نظر انداز ٿيڻ جوڳا وسرڳ هي آهن: 'ڏهہ، رهہ، وهہ، ڇهہ'

وسرڳن جي حقيقت سمجهڻ لاءِ ان جي آوان مخرج، ۽ ان جي صوتي (Phonemic) حيثيت جي ڇنڊ ڇاڻ ضروري آهي. وسرڳ اصل ۾ ڪنهن مخرجي وينجن آواز ۾ ڦڦڙن مان ڌُوڪَ ملائڻ سبب بيهندو آهي: جنهن سبب هن جو الڳ ڪو مخرج ڪونہ هوندو آهي، بلڪ ڪنهن مخرجي وينجن آواز ۾ ڦڦڙن جي ڌوڪ وڌائڻ سان وسرڳ وينجن آواز نڪرندو آهي. مثلاً 'ج' سخت تارون وارو ڳرو ڌوڪٽو آهي، يعني هن جو مخرج سخت تارون آهي: ساڳئي مخرج وٽ صرف ڦڦڙن جي ڌوڪ وڌائڻ سان "جهہ" جو آواز نڪرندو.

لفظ وسرڳ جي معنيٰ مفهوم بابت آنجهاني پيرومل آڏواڻي لکي ٿو: "جن اکرن ۾ 'هہ' جو اچار سمايل آهي تن کي 'وسرڳ اکر' چئبو آهي. سنسڪرت ۾ 'و' معنيٰ پري ۽ 'سرڳ' معنيٰ اُڇل. انهن اکرن جي اچار ڪرڻ مهل وات جي هوا اڇلجي وڃي پري پوي ٿي." (9)

ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب وينجن آوازن جي خصوصيت بيان ڪندي وسرڳ جي ماهيت جو بيان ڪندي لکي ٿو تہ: "هيءَ هڪ مڃيل ڳالهہ آهي تہ آوازن جي اچارڻ مهل ڦڦڙن کان ايندڙ هوا جو زور ڪن حالتن ۾ جججهو ٿيندو آهي ۽ ڪن حالتن ۾ گهٽ ٿيندو آهي. هوا جو زور 'پيٽ ڇَهہ' (diaphragm) جي وسيلي ڏنل زور تي مدار رکي ٿو. جڏهن هوا جي داٻ ۾ زور گهٽو هوندو آهي، ۽ ان جي لنگهہ ۾ رڪاوٽ يا رنڊڪ پيل هوندي آهي، تڏهن انهيءَ رنڊڪ يا رڪاوٽ جي 'هٽڻ يا ڇٽڻ' سان، هوا جي ڦوڪ هڪدم آواز جي پويان، ان سان گڏو گڏ، ٻاهر ڌوڪيندي ايندي آهي. هوا جي انهيءَ 'ڦوڪ' کي 'وسرڳائي' (aspiration) چئبو آهي." (10)

عربي- سنڌي آئيوينا جي باقاعده ترتيب تي مخدوم ابوالحسن ٺٽويءَ توجهه ڏنو. پروفيسر عبدالڪريم لغاريءَ پنهنجي ڪتاب 'سنڌي الف –بي جي ارتقا' ۾ 1327 هجري ۾ ڪريمي پريس بمبئيءَ جي ڇپيل ابوالحسن جي سنڌيءَ واري قاعدي جو عڪس ڏنو آهي، جنهن ۾ اٺ مرڪب اکر ڪري ڄاڻايل آهن: جهه، گهه، ڙهه، لهه، نهه. جنهن مان اندازو ٿئي ٿو ته اهي بعد ۾ سڌاريل ۽ سنواريل آهن. ذڪر ڪرڻ جو مقصد ته ان وقت جي عالمن مان جن به ان آئيوينا کي سڌاري پيش ڪيو تن جي نظر ٻوليءَ جي آوازن تي ضرور هئي. ان قاعدي ۾ اهڙا اکر به رکيا ويا جيڪي هينئر به پٽي/ آئيوينا ۾ شامل ٿيڻ لاءِ آتا آهن.

1853ع ۾ ايلس واري ڪاميٽيءَ جي جوڙيل آئيوينا ۾ به اهڙن اکرن جو باقاعده شمار ڪونه ڪيو ويو، نه وري ان لاءِ ڪو اصول متعين ڪيو ويو. ان جو اهم سبب به صرف اهو آهي ته وچولي لهجي توڙي ٻين لهجن جا ماهر موجود ڪونه هئا، جنهن ڪري ٻوليءَ جي صورتخطيءَ ۾ مونجهارا هلندا رهيا.

1858ع کان اڳ آخوند گل محمد "گل" پنهنجي ديوان لاءِ جيڪا پٽي ٻيهاري، ۽ پٽيءَ بابت جيڪي بحث ڪيا اٿس، ان مان اندازو ٿئي ٿو ته کيس علم اللسان کان ڪي قدر واقفيت هئي- خاص طور تي "هائيه اصوات" يعني وسرڳي صوتين تي بحث ڪري پٽيءَ جي اکرن ۾ اضافو ڪرڻ! موجوده پٽيءَ ۾ ان جي اضافي ڪرڻ سان پڙهڻ پڙهائڻ واري کي ايتري واقفيت ضرور ٿيندي ته اهي هڪ ئي لڙهيءَ جا اکر آهن، جيئن موجوده پٽيءَ ۾ جهه ۽ گهه ڄاڻايل آهن، ٻي صورت ۾ ڪافي ماهرن انهن کي مرڪب آوازن وارا صوتيه ڪوٺيا آهن; حالانڪ اهي مفرد آواز آهن: ڙهه، لهه مهه، ٽهه، نهه ۽ ٻڻ ڇهه. مرزا قليچ بيگ پڻ ان خيال جو هو ته: "جڏهن سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي لفظ آهن، جن ۾ "هه" آواز سان گڏيل اکر آهن، جي "هه" سان لکڻ ۾ تا اچن، تڏهن الف-بي ۾ ائين ڪرڻ گهربو هو جيئن ته: ڪالهه، ڳالهه، ملهه وغيره ۾ لام سان گڏ "هه" جو آواز آهي. مڙهه، ڪڙهه، وڙهڻ وغيره ۾ "ڙ" سان گڏ "هه" جو آواز اچي ٿو. سنهو اونهون، ٻانهون وغيره ۾ "ن" سان گڏ "هه" جو آواز اچي ٿو. (11)

ساڳئي مسئلي تي پيرومل مهرچند آڏواڻي بہ بحث ڪندي لکي ٿو تہ: "لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا" ۾ گريئرسن ڄاڻايو آهي تہ ڪشمير طرف داردڪ ٻولين ۾ نرم وسرڳ اکرن گھہ، جھہ، ڍ، ڏ ۽ ٻ کي اوسرڳ ڪندا آهن، يعني منجھائن هہ جو اچار ڪڍي ڇڏيندا آهن. لاڙي ٻولي بہ انهيءَ ڳالهہ ۾ داردڪ ٻولين سان مشابهت رکي ٿي، جيئن:

- جھہ = جهجهو ۽ وجهوس بدران چون ججو ۽ وجوس.
- ڍ = ڪڍُ بدران ڪڌُ، ننڍو بدران ننڊو ۽ ريڍار بدران ريڊار.
- ڙهہ = چڙهيو بدران چڙيو ۽ ماڙهو بدران ماڙو.
- ڏ = ڏيءُ بدران ديء لڏو بدران لدو ۽ پنڌ بدران پند.
- ٻ = ٻاءُ بدران با، ٻريو بدران بريو ٻيڻ بدران بيڻ ۽ ٻوت بدران بوت.
- ٺهہ = ماٺهو بدران ماٺو پٺهي بدران پٺي.
- رهہ = ورهين ڪان بدران ورن ڪان.
- وهہ = اوهين بدران اوين ۽ توهين بدران توين.

آنجهاني پيرومل اڳتي لکي ٿو تہ: "هہ" جي اچار بابت سر گريئرسن جي ڏنل مثالن مان معلوم ٿيندو تہ لاڙ جا ماڻهو نہ رڳو وسرگ اکرن مان "هہ" جو اچار ڪڍي ڇڏيندا آهن، پر "هہ" اکر ڏار هوندو آهي، تہ بہ اهو ڪونہ اچاريندا آهن. اها عادت لاڙ جي ماڻهن ۾ سچ پچ ايتريقدر زور آهي جو "آهيانِ" بدران چون آيان، ٻاهر بدران "ٻار"، "ٺهلرام" بدران "ٺيلرام"، "رحمت الله" بدران "ريمت لا" ۽ لوهہ بدران "لو". لاڙ جا مسلمان جيتوڻيڪ ايتريقدر "هہ سان هاجو نٿا ڪن، تہ بہ انهيءَ عادت کان صفا آجا ڪينهن." (12)

پيرومل جي اشارن مان اهو پتو پوي ٿو تہ ايلس واري ڪاميٽيءَ ۾ سري ۽ خاص وچولي لهجي جا ماهر ڪونہ هئا، جن سببان پٽي/ آئيوبٽا ۾ وسرڳي صوتين/ هائيہ اصوات سان اهو هاجو ٿيو.

"هڪ علمي ادبي خط" جي حوالي سان ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پڻ انهيءَ حق ۾ آهي تہ آئيوبٽا/ پٽيءَ ۾ اهي اکر ضميمي طور پڙهايا وڃن.

ظاهر آهي تہ انهن جي هِجي بہ "هہ" ڄاڻائڻ سان نہ ٿيندي، جيئن جھہ ۽ گھہ ۾ "جيم" ۽ "هي" الڳ الڳ اچاري هِجي نہ ڪندا آهيون، بلڪ "جھہ" اکر لاءِ سڌو (جهي) آواز ٿي ڪيندا آهيون. اهڙي نموني ڪلهو ۽

ٻي "هہ" نہ ايندي، يعني تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙو ڪو وِرلي لفظ هوندو جنهن ۾ ڀ، ڏ، ڍ ۽ جهہ يا گهہ جو پويان "هہ" جو اچار بہ هجي. انهن صوتين ۾ "هہ" جي وجود جي لحاظ سان انهن جون لکت ۾ گهہ، جهہ واريون صورتون مناسب آهن. بهتر ائين هو تہ ڀ، ڏ ۽ ڍ کي ٻهہ، دهہ، ڊهہ جي صورتن ۾ لکجي ها. ڙهہ، لهہ، مهہ، نهہ ۽ ٺهہ سي بہ ميل واري ادغامي صورت وارا آهن ۽ انهن جي پويان بہ ٻي "هہ" اچي نہ سگهندي" (13)

ڊاڪٽر بلوچ جي مذڪوره حوالي سان "ڇ" سان گڏ "هہ" اچڻ واري مثال ۾ "ڇهہ، ڇُهڻ" لفظ ڇاٽايل آهن، حالانڪ "ڇَهہ" لفظ هجڻ سان گڏوگڏ صوتيات جي حوالي سان هڪ صوتيو ئي آهي، ڇاڪاڻ تہ ان ۾ "ڇ" ۽ "هہ" الڳ الڳ سُرن سانُ اچاري نہ ٿو سگهجي، بلڪ "ڇَهہ" هڪ ئي جهٽڪي ۾ ٿڦڙن جي هوا سان سخت تاروءَ وٽ زبان جي اڳيان ملائڻ سان آواز ٺهي ٿو جنهن کي هلڪو ڌوڪٽو وسرڳ چئي سگهجي ٿو.

اهڙي مسئلي کي اردو ٻوليءَ وارن ڏاڍي سولي نموني سان حل ڪيو. ان حوالي سان اردوءَ جو ماهر پروفيسر سيد محمد سليم هيٺن لکي ٿو تہ: "عربي خط ۾ فارسي ۽ عربيءَ جي مخصوص حرفن جي اضافي ڪرڻ سان اردو حروفِ تهجي جو تعداد 36 ٿي ويو پر سڀ کان مشڪل مخلوط آوازن (وسرڳن) کي ظاهر ڪرڻ هو. ڇو تہ مخلوط (وسرڳ) اواز هنديءَ سان وابستہ آهن، عربيءَ، فارسيءَ توڙي ترڪيءَ ۾ اهي اواز موجود ڪونهن. عربي خط ۾ انهن آوازن کي ظاهر ڪرڻ ڪافي ڏکيو هو ۽ هندي خط ۾ اهي آواز مفرد آهن، جيڪڏهن انهن لاءِ مفرد حرف ٺاهيا وڃن ها، تہ اردو حروفِ تهجي گهٽي وڌي وڃي ها، ۽ سکڻ سيکارڻ ۾ ڏکيائيءَ جو باعث بڻجي ها. ان لاءِ اردو وارن اهڙن هندي مخلوط اوازن لاءِ 'ھ' کي لاحقي (Suffix) طور استعمال ڪيو. اهڙيءَ طرح انهن حرفن کي لکبو تہ مرڪب ڪري آهي پر پڙهبو-اچاربو مفرد آهي. هنديءَ ۾ يارهن مخلوط آواز آهن: ٻهہ، ڀهہ، نهہ، ٿهہ، ڇهہ، دهہ، ڊهہ، ڙهہ، کهہ، گهہ"

پروفيسر سليم صاحب فوٽ نوٽ ۾ وڌيڪ پنهنجو خيال ظاهر ڪندي لکي ٿو تہ: "مخلوط آواز ان کان علاوه ٻيا بہ آهن، جهڙوڪ: رهہ، لهہ

مهہ، نهہ، پر جيئن تہ انهن جو استعمال ٿورو ٿئي ٿو جنهن سبب انهن کي نظر انداز ڪيو ويو آهي، ۽ صرف يارهن مخلوط آواز ئي تعليمي ڪتابن ۾ درج ڪيا ويندا آهن.“ (14)

هاڻي سوچ اها ٿئي ٿي تہ ڪڇيءَ وارن ڳڻن جي سنوان جوان جماڻ جسم ۾ ڪيئن ممڪن آهن. يا ان جي ڪهڙي ضرورت آهي. يعني جيڪڏهن نظر انداز ڪيل وسرڳ آئيوٽا ۾ شامل بہ ڪجن تہ ان جي لساني حيثيت ڪهڙي آهي؟

ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب هنن آوازن بابت 'W.S. Allen' جي حوالي ساں جاڻائي ٿو تہ: ”هيءَ خصوصيت نہ فقط سنڌي زبان جي صوتياتي نظام ۾ اهم حصو ادا ڪري ٿي، پر هند و پاڪ جي هين سيني آريائي زبانن ۽ قديم يونانيءَ ۾ بہ هيءَ خصوصيت نظر اچي ٿي، وسرڳ آوان انگريزي ٻوليءَ ۾ بہ ملن ٿا.“ (15)

ان خيال کان ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب پنهنجي ڪتاب 'صوتيات' ۾ جاڻائي ٿو تہ: ”وسرڳ آوان انگريزي ٻوليءَ ۾ بہ ملن ٿا. پر انگريزي زبان جي صوتياتي نظام ۾ وسرڳائي، صوتي (Phonemic) نہ آهي، پر سنڌي صوتياتي نظام موجب سنڌي ٻوليءَ ۾ وسرڳ وينجن آواز ڏار صوتئي جي حيثيت رکن ٿا. جڏهن تہ انگريزيءَ ۾ وسرڳ آواز ڏار صوتئي طور ڪم نٿا اچن. مطلب تہ سنڌيءَ جي صوتياتي نظام موجب (پ) ۽ (ڦ) بہ ڏار ڏار صوتيہ (Phonemes) آهن. اهڙا وسرڳ آواز آهن: ڦ، ڀ، مهہ، ٿ، ڌ، ٺ، ڍ، ٺهہ، نهہ، ڇ، جهہ، ڙهہ، ک، گهہ، لهہ“ (16)

ڊاڪٽر الانا صاحب جي جاڻائڻ مطابق وسرڳي آواز سنڌي ٻوليءَ ۾ صوتئي جي حيثيت رکن ٿا. ۽ ظاهر آهي تہ جيستائين آئيوٽا ۾ ان وسرڳي آواز لاءِ ڪو اکر يا علامت مقرر نٿي ڪئي وڃي تيستائين ان آئيوٽا کي اڌورو ئي ڀانيو ويندو. ان لاءِ موجوده آئيوٽا ۾ اهڙا ڏهہ وسرڳ شامل ڪيا ويا. بعد ۾ پنج وسرڳ ڪچي پهرئين درجي (سنڌي ٻاراڻو ڪتاب) ۾ صورتخطيءَ جي خيال کان ڏنا ويا. ليڪن اڄ تائين ان کي آئيوٽا/ ٻٽيءَ ۾ شامل نہ ڪيو ويو آهي. موجوده دؤر ۾ ان ڳالهہ جي ضرورت آهي تہ اهي پنج

لفظ 'گراهڪ' (17) تي اعتراض ڪري سگهجي ٿو.

حقيقت ۾ ان جي صورتخطي 'گرهاڪ' هئڻ گهرجي، ڇو تہ مذڪوره لفظ ۾ اڳيون جوڙ (پهريون ساڪن ۽ ٻيو متحرڪ). جابجا گڏيل آواز آهي، ليڪن ان اڳئين جوڙ ۾ ٻيو آواز 'ره' متحرڪ وسرڳ آهي، جيڪو لاڙي/ حيدرآبادي لهجي ۾ نہ هئڻ سبب ڪنهن بہ ماڻ ۾ نہ ٿو ماپيو وڃي. ڊاڪٽر الانا صاحب جو ڄاڻايل لفظ 'گراهڪ' اردو/ هندي جي لفظ 'گاهڪ' جي صورتخطيءَ جو هوبهو نقل آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي وچولي لهجي ۾ مرڪزي حيثيت رکندڙ 'ساهتي لهجي' ۾ آوازن جي بنياد تي لفظ 'گرهاڪ' ئي اچارجي ٿو. ان لفظ جو باقاعده مشاهدو ڪيو ويو آهي. اهڙن لفظن جي درست صورتخطيءَ تي اعتراضن جو سبب وسرڳ جو گهٽ استعمال آهي، ۽ اسان جي عربي- سنڌي آيوبيٽا ۾ ان مونجهاري ڏانهن بي توجهي آهي.

ساڳئي مسئلي تي پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ بہ "لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا" ۾ گريئرسن جي توسل سان جيڪو لاڙي/ حيدرآبادي لهجي موجب وسرڳن کي اوسرڳ ۾ تبديل ٿيڻ ڄاڻايو آهي، تن ۾ پڻ سنڌي ٻوليءَ جي وسرڳن ۾ 'رهہ' جو شمار ملي ٿو جيئن:

- رهہ = 'ورهين' (ڪان) بدرانُ 'ورن' (ڪان). (18)

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي پڻ نظرانداز ٿيل وسرڳن ۾ 'رهہ' جو وسرڳ مثالن سان هيٺين ڏنو آهي:

- 'ر' جو وسرڳ 'رهہ' مثال: ٻارهن يارهون، ٻارهون، تيرهون. (19).

اردو ٻوليءَ وارا پڻ مذڪوره 'رهہ' وسرڳ کي تسليم ڪن ٿا، پر جيئن تہ انهن وٽ بہ گهٽ استعمال سبب نظر انداز ٿيڻ جوڳو آهي، جنهنڪري اردو آئيوبيٽا ۾ شمار ڪونہ ٿو ڪيو وڃي. اردوءَ جو ڄاڻو پروفيسر سيد محمد سليم اردوءَ ۾ مستعمل يارهن وسرڳن بعد فوٽ نوٽ ۾ ڄاڻائي ٿو تہ: "مخلوط آواز (وسرڳ) انهن ڪان سواءِ ٻيا بہ آهن: 'رهہ'، 'لهہ'،'مهہ'،'نهہ' جيئن: گيارهوان، چولها، تمهارا، ننها، پر جيئن تہ انهن جو استعمال قليل آهي، ان لاءِ ان کي نظرانداز ڪيو وڃي ٿو." (20)

ان سچي بحث جو مرڪز لفظ 'گراهڪ' جي موجوده صورتخطيءَ تي هو ته ان لفظ ۾ شروعاتي گڏيل جوڙ ۾ پهريون 'گ' جو آواز ساڪن ۽ ٻئي آواز ۾ وسرڳ 'رهه' ڏگهي سُر سان متحرڪ آهي، جنهن جو ڇيد هيئن ڪري سگهجي ٿو:

- (گ+ ــ) گ+(ره+آ) گرها+(ڪ+ا) ڪُ= گرهاڪُ

ان لفظ ۾ وسرڳ جي وجود جي هئڻ کي لاڙي/ حيدرآبادي ماهر تمام مشڪل سان هضم ڪري سگهندا، ڇو ته ان لهجي ۾ اهڙن وسرڳن جو هجڻ نه برابر آهي.

سنڌي، هندي ٻولين وانگر عربي يا فارسي ٻولين ۾ وسرڳن جو تصور ڪونهي، ليڪن عربي رسم الخط مان جڙيل ٻين رسم الخطن ۾ هر ٻوليءَ جي ماهرن پنهنجي گهرجن آهر 'هه' اکر جي مختلف شڪلين کان صورتخطيءَ جي لحاظ کان ڪم وٺڻ جون سفارشون ڪيون آهن.

عربي-سنڌي رسم الخط ۾ هر اکر جي گهر لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ٽي يا چار صورتون يقيناً آهن، ليڪن 'هه' اکر لاءِ پنج روپ ڪم آندا ويندا آهن، جيئن: 'هه'،'ه'، 'ه'، 'ه'، 'ه'. ان جا سبب ڪجهه نظر انداز ٿيل آهن، هڪ ته: ڪن آئيويٽائن ۾ انهن جو شمار وينجن ۽ سُر ٻنهي ۾ ٿيندو آهي. جيئن 'ر'. ٻيو جيئن ته اسان وٽ سوچ سمجهه جا ماڻ ماپا انگريزي عالمن جا مقرر ڪيل آهن، ان ڪري انهن ڏانهن توجهه ئي ڪونه ٿو وڃي! ٻيو ته 1935ع واري عربي- سنڌي آئيويٽا جي سوني ترتيب ۾ 'هه، جهه ۽ گهه' گڏ پڙهائڻ ۽ سيکارڻ سان ملفوظي/ مخطروطي 'هه' ۽ مخلوظي/ وسرڳي 'ه' ۾ فرق واضح ڪيو ويندو هو. اهي نڪتا اسان پنهنجي پرائمري استادن کان واضح نموني سکياسين، جنهن ۾ مرحوم استاد مريد حسن خاصخيليءَ جو نالو وٺندي فخر محسوس ڪريون ٿا. 1960ع واري ٻي تڪي ترتيب جو نتيجو اهو نڪتو جو پڙهندڙ يا پڙهائيندڙ اهو نڪتو اڄ تائين عام طور تي واضح ڪري نه سگهيا آهن، ان جو وڏو سبب اسان جي درسي ڪتابن جي پرنٽ ميڊيا واري عملي (ڇپائيءَ وارو)، پروف ريڊرن (تصحيح ڪندڙن) ۽ ايڊيٽرن جي غفلت يا اڻڄاڻائي آهي.

ٽي روپ آهن. جيڪي اسان تائين منتقل ٿيا آهن. انهن ۾ هڪ کي ٻه چشمي 'ھ' ٻي کي ننڍي 'ه' ۽ ٽينءَ کي وڏي 'ح' چئبو آهي. انهن ۾ وڏي 'ح' صرف عربيءَ ۾ استعمال ٿيندي آهي."

ڊاڪٽر سهيل بخاري مختفي 'ه' لاءِ وڌيڪ لکي ٿو: "عربيءَ ۾ ننڍي 'ه' جا ٻه قسم ٿين ٿا: هڪ 'هوز' واري 'ھ' جيڪا لفظ جي شروع ۽ وچ ۾ ايندي آهي، ۽ ٻي مختفي جيڪا لفظ جي آخر ۾ ايندي آهي ۽ اردوءَ جي رستہ، ڪلڪتہ، پتہ وغيره ۾ لکي ويندي آهي."

عربي ۾ جڏهن ننڍي 'ه' لفظ جي آخر ۾ ايندي آهي تہ اسين ان کي 'گول ت' چوندا آهيون، چو تہ ان جو متبادل 'ت' سان ٿيندو آهي. جيئن: جنہ = جنت، امہ۔ امت ۽ قيامہ کي قيامت ئي لکندا آهيون.

جديد فارسيءَ جا اهڙا لفظ جيڪي اڄڪلهہ 'ه مختفي' سان لکيا وڃن ٿا، تن ۾ اڳي آخري حرف متحرڪ هوندو هو: چاره = چارَ ڪده = ڪدَ، پاره = پارَ وغيره، چيو ويندو آهي تہ لفظ 'ڪده' جهڙن لفظن جي آخر ۾ 'ڪاف' زبر لاءِ استعمال ٿيندو هو.

يوناني آخري زبر لاءِ اُوس (os) ۽ لاطيني اَس (us) جي پڇاڙي لڳائيندا هئا. جنهن کي مغربي محقق ويدڪ ۽ سنسڪرت جو وسرڳ چون ٿا: ۽ وسرڳ جو تلفظ آچاريا ۽ پنڊت 'اَه' ڪندا آهن. جيڪو ديوناگري جي آخري سُرَ جي شڪل: 'A' سان ظاهر ٿيندو آهي: جيئن: ڀيمہ (خوفناڪ): भीम ڪُچره (بد چلن) कुचर وغيره مان بہ ان خيال جي تصديق ٿئي ٿي تہ هند يورپي زبانن جا اهي سڀ طريقا لفظ جي آخري سُر کي ظاهر ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيا ويا آهن. اردو املا ۾ 'ه مختفيءَ' جو وجود فارسيءَ جي ڪتابت کان ورتل آهي ۽ اردو لفظن ۾ ٻن ڊگهن سُرن 'آ' ۽ اي' جو بدل آهي."(21)

ان سڄي بحث جو تت اهو آهي تہ 'ھ' جا ٻہ قسم آهن. پر ان جا اکري روپ پنج آهن. جن ۾ ٻہ وينجن ۽ ٽي سُرَ آهن: ۽ ڪنهن بہ اکر جي مختلف روپن جي وجود ۾ اچڻ جو سبب ٻولي جي گهرجون هوندو آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطيءَ جي حوالي سان ٻئن وسرڳن جي

استعمال تي ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب علمي ڇنڊ ڇاڻ ڪندي ڄاڻائي ٿو تہ: "ڪيترائي سنڌي لفظ اهڙا آهن، جن ۾ پهرئين ۽ ٻئي پد جي شروع ۾ وسرڳ آواز اچاريا ويندا آهن، ۽ ڊار ڊار نموني لکيا ويندا آهن. مثال طور:

- گھگھي، گهگي، گگھي.
- جهجهو جهجو ججهو.
- ڀمڀور ڀمبور بمڀور
- ڀاڀي، باڀي، ڀابي.

انهن مثالن ۾ (جهہ)، (گهہ) ۽ (ڀ) آواز (ج)، (گ) ۽ (ب) ڳرن اوسرڳ آوازن جون وسرڳ صورتون آهن. سنڌي صورتخطيءَ ۾ وسرڳ آوازن جي سکڻ ۾ اهو مسئلو فقط "جهہ، گهہ ۽ ڀ" جي اُچارن سبب پيدا ٿيو آهي. هن ڏِس ۾ لسانيات جي هڪ ماهر مسٽر گراسمئن (Grassman) هڪ اصول ٺاهي، هن مسئلي جو حل ڳولي لڌو هو پر جيئن تہ اسان کي گراسمئن جي ٺاهيل انهن اصولن جي ڄاڻ ڪانہ هئي، تنهنڪري هي مسئلو مسئلو ئي رهيو. گراسمئن لکيو آهي تہ:

> 'جڏهن ڪنهن بہ لفظ جي اچارڻ مهل، ان لفظ جي منڍ، يعني لفظ ۽ پهرئين پد جي مُنڍ ۾ ۽ ان ڪان پوءِ فوراً ٻئي پد جي مُنڍ ۾ (يعني لفظ جي وچ ۾ ٻئي پد ۾) وسرڳ آواز اچن، تہ ان لفظ جي اچارڻ ۾ پهرئينُ پد جي مُنڍ وارو وسرڳ آواز پنهنجي وسرڳائي وڃائي اوسرڳ ٿي ويندو.'

مثال طور: هڪ لفظ جي اصلي صورت آهي. 'گُهگهي'، هي لفظ ٻن پدن وارو آهي، يعني [گهہ+ اُ ۽ گهہ+ اِي] هاڻ گراسمئن جي اصول موجب پهرئين پد ۾ /گهہ+ اُوسرڳ آواز اچارڻ مهل، پنهنجي وسرڳائي وڃائي، بدلجي اوسرڳ آواز [گ] ٿيندو ۽ ٻئي پد وارو وسرڳ آواز [گهہ] قائم رهندو ۽ اچار ٿيندو /گُگهي/. "(22).

علم عروض موجب شعر جي تقطيع ۾ 'هہ' جا آواز حذف ڪيا ويندا آهن. ان جو اهم سبب تہ 'هہ' جا آواز گهٽي قدر سُر (Vowel) جا هوند آهن. سنڌي ٻوليءَ ۾ تہ وسرڳ ۾ بہ اهڙو آواز سميٽيل هوندو آهي. 'هہ' جي

سنڌيءَ، عربي توڙي فارسيءَ ۾ وينجن کان علاوه سرَ جي حيثيت ۾ هجڻ سبب علم عروض ۾ حذف ڪرڻ جي روايت آهي. علم عروض موجب ڊاڪٽر خليل احمد چاڻائي ٿو ته:

- اسم فارسي ۽ عربيءَ جي پڇاڙيءَ ۾ 'هہ' هوز ايندي آهي ته ان کي ڪيرائي سگهجي ٿو.

ع۔ شمع رو جي آهين تون، تان پڻ آهيان پروانہ آءٌ.

- تقطيع: شمع رو جي — فاعلاتن، آهہ تو تا۔ فاعلاتن، پڻ آيا پر۔ فاعلاتن، وان آءٌ۔ فاعلان.
- 'هہ مخلوط' يعني اها 'ھہ' جيڪا لفظن جي وچ ۾ ايندي آهي ۽ تقطيع ڪرڻ وقت ڪيرائي ويندي آهي. جيئن: ماڻهو وڙهيو سمهي وغيره.[23]

سچي ڳالهہ جو تت اهو آهي ته جيڪو حرف شعر جي موزون پڙهڻ ۾ پنهنجو آواز نہ ڏئي يعني اچار ۾ نہ اچي سو تقطيع ۾ شمار نہ ڪيو ويندو. پر اهو حرف اهڙو هئڻ گهرجي، جنهنجو ڪيرائڻ شاعرن جائز ڪيو آهي. هن ۾ 'هہ' هوز وغيره بہ شامل آهي.

Prosody ۾ بہ ڏگهن ۽ ننڍين سرن کان ويندي ٻولين جا اهي آواز جيڪي وينُجن توڙي سر بنهي لاءِ ڪم ايندا آهن، تن جي شمار ۾ پڻ مماثلت آهي. مثلاً: بحر وزن توڙي چند وديا ۾ جيڪا حيثيت 'هہ' جي آهي ساڳي جهڙوڪر 'H' جي آهي، يا جيئن تہ آوازن جي بنيادن تي 'ديوناگري آئيويٽا' ۾ سر طور بہ شمار ٿئي ٿي ۽ وسرڳي آوازن ۾ بہ شامل رهي ڪري ڪنهن آواز کي مفرد بڻائي پنهنجي حيثيت کي گم ڪري ڇڏيندي آهي. ساڳيءَ طرح بحر وزن جي علم موجب پڻ تقطيع ۾ 'هہ' جو شمار ڪو نہ ڪيو ويندو آهي. يا سنڌي ٻوليءَ جي معياري لهجي يا سري جي لهجي ۾ جيئن 'ر' جي ادغام وارا صوتيہ مفرد صوتئي جي حيثيت سان اچاريا ويندا آهن، جنهن سبب آواز جي بنيادن تي ديوناگري آئيويٽا ۾ انهن جي لکڻ لاءِ چئن قسمن جي گنُجائش ڄاڻايل آهي. انگريزي Prosody ۾ پڻ 'H' جي ڳڻپ ڪا نہ ڪئي ويندي آهي ۽ 'R' جي ادغام سبب هڪ وينجن جو شمار ڪيو ويندو آهي. جيئن:

A syllable is long if the vowel is in it is either long in itself or followed by two or more consonants. The letter 'x' counts as a double consonant, the letter 'h' not at all and the following pairs of consonants occurring in the same word after a short vowel do not necessarily make the syllable long:

Dr, cr, dr, fr, gr, pr, tr, fl, gl, pl.

A syllable is short if its vowel is a short one and not followed by two or more consonants (except for the groups noted in the preceding paragraph). (24)

ترجمو: هڪ پد تڏهن ڊگهو چئبو جڏهن ان جو سر ڊگهو هجي يا ان کان پوءِ ٻہ يا ان کان وڌيڪ ويجڻ هجن. X اکر کي ٻٽو وينجڻ ڳڻيو ويندو آهي، جڏهن تہ h کي ڳڻيندا ئي ڪونہ آهن، ۽ ساڳي لفظ ۾ ان سر کان پوءِ وارا وينجڻ جا جوڙا ان پد کي هرويرو ڊگهو ڪونہ ڪندا آهن. (سواءِ اڳوڻي پيرا ۾ بيان ڪيل گروهن جي)

هڪ پد ۾ سر ڇوٽو آهي، ۽ ان جي پويان ٻہ يا ٻن کان وڌيڪ ويجڻ ڪونہ آهن تہ اهو پد ڇوٽو ئي رهندو.

## اڀياسي ڪتاب/ حوالا


1. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ- سنڌي صورتخطي ۽ خطاطي، ٽماهي مهراڻ- سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو- نمبر 1 ۽ 2، 1999ع- ص: 34_35
2. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي- ديوان گل ۽ خليفو گل محمد هالائي- سماهي مهراڻ- سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد. نمبر 2، 1972- ص: 161_162.
3. ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ- شاھ جو رسالو- ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز- 1985ع ص: xxx
4. مرزا قليچ بيگ- سنڌي وياڪرڻ- سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو- 2006ع ص: 165.
5. ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي- سنڌي ٻوليءَ جون مکيہ خاصيتون- ٽماهي مهراڻ: گولڊن جوبلي نمبر- سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو- 2_3، 2006ع ص: 129
6. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي- ديوان گل ۽ خليفو گل محمد هالائي- سماهي مهراڻ- سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد- نمبر: 2، 1972ع- ص 162_163.
7. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي- حوالو مٿيون ساڳيو- ص: 162_163.
8. ڊاڪٽر غلام علي الانا- سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس- انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي- 2005ع ص: 209_211.

اسحاق سميجو

# ڀارت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي صورتحال

ڀارت هڪ اهڙو ملڪ آهي، جيڪو رنگارنگ ثقافتن ۽ طرحين طرحين جون ٻولين ڳالهائيندڙ نسلن جو وطن آهي. هن هڪ ئي ملڪ ۾ اٽڪل 100 کان وڌيڪ ٻولين ڳالهايون وڃن ٿيون. جڏهن ته انهن مان هڪ هڪ ٻوليءَ جا علائقائي لهجا تنهن کان سواءِ آهن. هڪ ڀارتي ويب سائيٽ Oxistranslations.com موجب "سموري ڀارت ۾ اندازاً 800 ٻولين ۽ 2000 کن لهجا مروج آهن. ٻئي طرف هڪ تازي سروي موجب سڄي ڀارت جي مختلف اسڪولن ۾ اٽڪل 50 ٻولين پڙهايون وڃن ٿيون. 90 مختلف ٻولين ۾ اخبارون ڇپجن ٿيون، جڏهن ته 71 ٻولين ۾ ريڊيو جا پروگرام نشر ٿين ٿا. 15 ٻوليون اهڙيون آهن، جن ۾ فلمون ٺهن ٿيون، جن جا ڪروڙين ڏسندڙ آهن. ائين ڀارتي سماج "ٻولين جو ٻيلو" آهي، جنهن ۾ ڪئين رنگن ۽ خوشبوئن وار ن ٻولين ۽ لهجا پنهنجي پنهنجي انفراديت ۽ سڃاڻپ سان وجود قائم رکيو بيٺا آهن. شيام جو شعر آهي:

ائين رنگ رنگ ڦول وڻن ۾ ٽڙيل لڳن،
نالو جدا ليپين ۾ لکيل ڄڻ بهار جو.

هند ۾ ايترين ته ٻوليون، لهجا ۽ انهن جون لکتيون رواج هيٺ آهن جو جيڪڏهن انهن سڀني کي ڪنهن باغيچي سان ڀيٽجي ته هڪ ڀرپور بهار جو گمان ٿيندو.

ڀارت ۾ لاتعداد ڳالهائجندڙ ٻولين مان 22 ٻوليون اهڙيون آهن، جن

ساليانا ايوارڊ ڏنا ويندا هئا. جڏهن تہ آل انڊيا ريڊيو تي پڻ سنڌي ٻوليءَ کي جاءِ ملي. ان جي باوجود اها تحريڪ جاري رهي ۽ نيٺ 10 اپريل 1967ع تي تڏهوڪي وزيراعظم اندرا گانڌيءَ سنڌي ٻوليءَ کي ڀارتي آئين جي اٺين شيڊيول ۾ جاءِ ڏياري. سنڌيءَ جي اهڙي ڪاميابيءَ بعد ٻين ٻولين جي ڳالهائيندڙن، جهڙوڪ: منيپوري، ڪونڪني ۽ راجستانيءَ وغيره بہ اهڙا مطالبا ڪيا.

قومي ٻولين جي آئيني فهرست جو حصو بڻجڻ ڪان پوءِ سنڌي ٻوليءَ کي تعليمي، سماجي، علمي توڙي تخليقي حوالي سان ڪافي اتساهيندڙ ماحول ۽ قانوني تحفظ حاصل ٿيو سرڪاري سطح تي اڳتي وڌڻ جا موقعا مليا ۽ سنڌيءَ ۾ ٿيندڙ ڪم جي سرڪاري طور بہ مڃتا ٿيڻ لڳي. مرڪزي سرڪار جي منسٽري آف هيومن ريسورس ڊيولپمينٽ ٻين ٻولين وانگر سنڌيءَ لاءِ بہ "نيشنل ڪائونسل فار پروموشن آف سنڌي لئنگئيج" قائم ڪئي، جڏهن تہ گجرات، مهاراشٽر، راجستان، مڌيہ پرديش ۽ اتر پرديش جهڙن صوبن ۾ جتي سنڌي ڳالهائيندڙن جو وڏو انگ رهي ٿو صوبائي سطح جون سنڌي اڪيڊميون ڪم ڪري رهيون آهن. ممبئي يونيورسٽيءَ ۾ 15 جون 1974ع تي سنڌي شعبو قائم ڪيو ويو جنهن ۾ شاگرد ايم اي ۽ پي ايڇ ڊي ڪري ٿي سگهيا. هاڻ تہ هن شعبي پاران سنڌيءَ ۾ سرٽيفڪيٽ ڪورس ڪان علاوه ڊپلوما، ايڊوانسڊ ڊپلوما ۽ سنڌيءَ جا ٻيا ڪورس بہ ڪرايا پيا وڃن. اهڙو ئي شعبو اجمير يونيورسٽيءَ ۾ بہ قائم آهي، جڏهن تہ دهلي يونيورسٽيءَ ۾ قائم ماڊرن لئنگويجز واري شعبي ۾ سنڌي بہ پڙهائي وڃي ٿي. جيئن اسلام آباد ۾ علامہ اقبال اوپن يونيورسٽي ۽ قائداعظم يونيورسٽيءَ ۾ ماڊرن لئنگويجز واري انسٽيٽيوٽ ۾ سنڌيءَ جا استاد بہ مقرر آهن يا جيئن هاڻ پنجاب يونيورسٽيءَ بہ ان مقصد لاءِ هڪ سنڌيءَ جو استاد رکيو آهي.

گجرات ۽ راجستان جي مختلف ڪاليجن ۽ اسڪولن ۾ سنڌي پڙهائي وڃي ٿي، جڏهن تہ باقي هندستان، جهڙوڪ: بئنگلور ۽ حيدرآباد دکن ۾ قائم سنڌي اسڪول ۽ سنڌي ڪاليج فقط نالي ۾ سنڌي آهن. جڏهن تہ اتي سمورا علم فقط انگريزي، هندي ۽ صوبائي ٻولين ۾ ئي پڙهايا وڃن ٿا.

عام طور سمجهيو ويندو آهي تہ ٻارت ۾ رهندڙ سنڌي فقط اهي ئي آهن، جن کي ورهاڱي سبب سنڌ مان لڏپلاڻ جو درد سهڻو پيو. جڏهن تہ ڀارت ۾ رهندڙ سنڌي ٻن قسمن جا آهن. هڪڙا اهي جيڪي تاريخي طور سنڌ جي سرحدن سان لڳندڙ رياستن راجستان ۽ گجرات ۾ رهندڙ هئا ۽ صدين کان وٺي سنڌ سان انهن جو رشتو ناتو پنهنجي وطن وارو رهيو آهي. ڪڇ تہ اسلامي سپاهين جي چڙهائين کان بہ اڳ راءِ گهراڻي جي حڪومتي عهد ۾ بہ سنڌ جو حصو رهيو هو. مورخ سومرن ۽ سمن جي حڪومت جو زور ان ئي پاسي ٻڌائين ٿا. جنهن سبب گجرات ۽ راجستان جا ڪيئي اهم علائقا مارواڙ جيسلمير، ڀڄ، ڪڇ، احمد آباد، جئپور ۽ ٻيا سنڌ جي اثر هيٺ آيا.

سنڌ جي حڪومتي باغين جي پناهگاهہ بہ ڪڇ ئي رهيو آهي. ٻئي طرف "چيو وڃي ٿو تہ مغلخن سان چڪريءَ وقت مهاراڻا پرتاب ميواڙ ڇڏي سنڌ ۾ آيو هو. ميواڙ مان راڻا پرتاب سان گڏ آيل ميواڙين مان ڪي واپس ويا ۽ ڪي سنڌ ۾ رهي پيا. جيڪي سنڌ جي ٿرپارڪر ضلعي ۾ ئي رهيا. اُتي اصلوڪن رهواسين سان ميلاپ ڪري انهن جي ٻولي ۾ ڦيراڦ هڪ جهڙا ٿي پيا. جيڪي واپس ميواڙ ويا اهي سنڌ مان ڪجهہ اثر کڻي ويا. اڄ بہ ٿرپارڪر ضلعي، ميواڙ ۽ راجستان ۾ ڏوتي ٻڌڻ وارن کي ٻڌي لانگ هوندي آهي، تنهن کان سواءِ "مل" لفظ بہ سنڌ ۽ راجستان کان سواءِ ٻئي هنڌ ورلي هوندو. ٿر، ٻاڙ مير، جيسلمير جي ٻولي ۾ خير ڪو فرق آهي، سنڌ ٻاڙ مير سرحد تي ڍاٽي (ڍاٽڪي) ٻولي ۽ سنڌ جيسلمير سرحد تي ڀاٽي ٻولي ڳالهائي وڃي ٿي."(1) سمن تہ ڪڇ تي حڪومت ڪئي آهي، ان ڪري ڇاڻايل خطي ۾ سنڌي ٻوليءَ جو واهپو سنڌي لوڪ گيتن کان وٺي جديد علمي ۽ تخليقي فنپارن جو ملندو رهڻ قطعي بہ تعجب ۾ وجهندڙ ڳالهہ نہ آهي. خود ڪڇيءَ کي سنڌيءَ جو هڪ لهجو ئي سمجهيو وڃي ٿو جنهن تي گجراتيءَ جو اثر آهي. اهو ئي علائقو آهي، جتي سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجي زمين آهي ۽ اونهيون پاڙون آهن. سنڌين جا پنهنجا ڳوٺ ئي نہ، ننڍا وڏا شهر بہ آهن. سنڌ کي ويجهو هجڻ ڪري هتان جو سماجي تاڃي پيٽو ڪلچر، ريتون رسمون، رانديون رونديون، ڏڻ ۽ تهوار توڙي ماڻهن جا شوق ۽ شڪار

ساڳيا سنڌ جي سنڌين وارا ئي آهن. هتي عربي- سنڌي رسم الخط ئي رواج هيٺ آهي ۽ اها مدرسن ۾ بہ پڙهائي وڃي ٿي. صوبائي حڪومت مان گجرات جي ٻولي گجراتي، هندي ۽ اردو جڏهن تہ راجستان جون ٻوليون راجستاني ۽ هندي آهن. نج سنڌي ماحول ۽ گڏيل ڪٽنبي سرشتي، گهر ۽ ڪنهن حد تائين مارڪيٽ ۾ ڳالهہ ٻولهہ جي موقعن سبب هن ئي علائقي ۾ سنڌيءَ جي وڏي عرصي تائين زندهہ رهڻ جا امڪان نظر اچن ٿا. پر ڀارت ۾ ڪميونيڪيشن ۽ انگريزيءَ جو اثر جنهن رفتار سان وڌي رهيو آهي، تنهن مان لڳي ٿو تہ ان جا اثر ٻهراڙين تائين بہ ڦهليا. هن وقت خود"ٻنيءَ" جهڙن ڏورانهن علائقن تائين بہ انٽرنيٽ، ٽيليفون، ڊش اينٽينا ۽ ٻيون سهولتون پهچي چڪيون آهن. بهرحال هن خطي کي ڀارت ۾ اڳ موجود سنڌين جو خطو سڏي سگهجي ٿو جتي اهي زمانن کان آباد آهن، جتي ٻين ٻولين جو اثر قبوليندي بہ ماڻهو سنڌيءَ کي جيئرو رکيو ٿا اچن.

ٻيا ماڻهو اهي آهن، جيڪي 1947ع ۾ ورهاڱي وقت سنڌ مان زندگين ۽ ملڪيتن ڦرجڻ جي ڊپ سبب سنڌ ڇڏي ڀارت هليا ويا. ملڪيتون تہ انهن پوءِ بہ هتي ئي ڇڏيون، البتہ زندگيون بچائڻ جي احساس سان ڌارئي وطن ۾ وڃي رهائش اختيار ڪيائون. ان حوالي سان ڪرشن راهيءَ جو اهو شعر وڏي شهرت رکي ٿو:

سنڌين جان نہ گهوري، وطن گهوري آيا.

اهو شعر ڇپجڻ کان پوءِ ان خيال جي حمايت توڙي مخالفت ۾ سالن تائين ڀارت جي سنڌي مخزنن ۾ تڪراري بحث هلندو رهيو. بهرحال هتان ويل ماڻهو ڪنهن بہ هڪ علائقي يا صوبي ۾ رهائش اختيار ڪري نہ سگهيا (جيئن ڀارت مان آيل مهاجر سنڌ ۾ ئي اچي رهيا) . هو مختلف صوبن جهڙوڪ مهاراشٽر، آندرا پرديش، بهار، دهلي، مڌيہ پرديش، اُڙيسا، تامل ناڊو، اتر پرديش، راجستان ۽ گجرات وغيره ۾ پکڙجي ويا. ائين پنهنجو ووٽ بئنڪ، سياسي قوت، گڏيل سماجي زندگي ۽ هڪ جاتيءَ طور مضبوط سڃاڻپ قائم ڪرڻ کان محروم رهجي ويا. هر صوبي جي پنهنجي ٻولي، هر خطي جو پنهنجو ڪلچر، هر علائقي جي مخصوص نفسياتي، سماجي،

معاشي ۽ سياسي فضا ـ مارڪيٽ ۾ يا تہ صوبائي ٻولين جو واهپو يا هنديءَ جو تعليمي ادارن ۾ صوبائي ٻولين ڪان سواءِ هنديءَ ۽ انگريزيءَ جو غلبو ڇاڪاڻ تہ اهي ئي مرڪزي سرڪار پاران هر قسم جي تعليمي ۽ ادارتي ڪاروهنوار لاءِ منظور ٿيل ٻوليون هيون. پر ڇاڪاڻ تہ لڏپلاڻ ۽ هجرت جو گهاءُ ماٺهوءَ ۾ عدم تحفظ جو احساس پيدا ڪندو آهي، تنهن ڪري سنڌي ڪميونٽيءَ کي بہ جلد ان احساس اچي ورايو جيئن ئي انهن جي ڪئمپن ۾ رهڻ، دربدر ڦرڻ ۽ ٻي يارو مددگار هجڻ وارا ڏينهن پورا ٿيا. تيئن هنن بہ پاڻ سنڀالڻ شروع ڪيو سندن ڪئمپن واري زندگيءَ کي پرسرام ضيا پنهنجي نظم "پوهُوءَ ماءُ" ۾ نهايت خوبصورتيءَ سان چٽيو آهي.

ڪنڌ پڇي شل ڪانگريسين جو
ڪيو اٿن ڪنياءُ
پٽي ٿي پوهُوءَ ماءُ!
لٽا نديءَ تي ڌوئي وينى،
اڳواٺن کي لوئي ويئي.
مُنهن کي سُجائي ستي ٿي ڪپڙا،
تکو اٿس ڪو تاءُ،
پٽي ٿي پوهُوءَ ماءُ!
سنڌ سموري ڏنائون چٽن کي،
هت نہ ههل تي آئي مُٺن کي،
جناح کي پيي اسان جو دل ۾،
ڪو نہ پيو ڪهڪاءُ!
پٽي ٿي پوهُوءَ ماءُ.
سِر تي آئي تڏهن لڏيوسين،
پنهنجو هئڙو ملڪ ڇڏيوسين،
هت بہ ڦُرياسين، هُت بہ ڦُرياسين،
لڳو ڪو اُبتو واءُ
پٽي ٿي پوهُوءَ ماءُ.

- سنڌي ڇاڙهندڙ نسل عمر جي پوئين پهر ۾ هجڻ ڪري، پنهنجي ٻوليءَ سان جذباتي لڳاءُ ۽ فطري وابستگيءَ وارو رويو مري رهيو آهي ۽ اڳئين نسل جي جاءِ پرڻ لاءِ نئون نسل تيار نہ آهي.

هند ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ترقي، واڌ ويجهہ ۽ استعمال آڏو سڀ کان وڏي رنڊڪ هڪ ئي وقت ٻن رسمن الخطن جو استعمال آهي. ڀارتي حڪومت هڪ پاسي سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ طور قبول ڪيو ان لاءِ ادارا جوڙيا، سنڌيءَ ۾ لکڻ پڙهڻ ۽ تخليقي ڪمن جي همت افزائيءَ لاءِ انعام اڪرام ڏيڻ جو بندوبست ڪيو تہ ٻئي طرف هڪ مخصوص سياسي گروهہ جي چوڻ تي 1948ع ڌاري ئي سنڌي ٻوليءَ لاءِ ديوناگري رسم الخط منظور ڪري، ان کي سخت ڌڪ رسايو. ان سان سنڌي جاتيءَ جو پنهنجي اصلوڪي عربي- فارسي رسم الخط سان قديمي رشتو ئي نہ ٽٽو پر ان جي پوئين نسل کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ موجود قديم علمي، فني، تاريخي مواد توڙي نسلي ۽ قومي تشخص کان بہ اوپرو بڻائي ڇڏيو. جيتوڻيڪ بعد ۾ عربي- فارسي رسم الخط کي بہ تسليم ڪيو ويو پر ان سان هڪ ئي ملڪ ۾ رهندڙ سنڌي جاتي، پنهنجي ٻوليءَ ۾ لکجندڙ سموري تخليقي توڙي عام تحريري مواد سان آشنائي وڃائي ويٺي. سياسي، معاشي، ثقافتي، جاگرافيائي ۽ سماجي هڪجهڙاين باوجود، تعليمي ۽ تحريري اختلاف سنڌين کي ورهائي ڇڏيو. سڄي هندستان ۾ سنڌي شايد اڪيلي ٻولي آهي، جنهن لاءِ بہ رسم الخط منظور ٿيل آهن. جڏهن تہ هندي ڀارت، فجي ۽ ماريشس ۾ لکي، پڙهي، ڳالهائي سمجهي وڃي ٿي، پر ان لاءِ هڪ ئي رسم الخط ڪم آندو وڃي ٿو. اردو پاڪستان ۽ ڀارت سميت سڄيءَ دنيا ۾ ساڳئي رسم الخط ۾ لکجي ٿي. (جيتوڻيڪ منشي پريمچند کان سجاد ظهير تائين اردوءَ جي ڪيترن ئي نامور ليکڪن ٻئي رسم الخط اپنائڻ جي حمايت پئي ڪئي.)عربي سمورن ملڪن ۾ ساڳئي رسم الخط ۾ لکي پڙهي وڃي ٿي. ڪيئي ٻوليون تہ ساڳيو ئي رسم الخط بہ ڪم آڻين ٿيون، جيئن انگريزي، ڊچ، فرينچ، اسپينش، جرمن، ميزو، آوناگا، ۽ ٽاڊو وغيره رومن رسم الخط ڪم آڻين ٿيون تہ سنسڪرت، مراٺي ۽ هندي ديوناگري رسم الخط ۾ لکيون پڙهيون وڃن

تيون. البت پنجابي پارت ۾ گُرمکي ۽ پاڪستان ۾ اردو رسم الخط لکجي پڙهجي ٿي، پوءِ بہ هڪ ئي ملڪ ۾ اها هڪ ئي رسم الخط کي اپنايو ويٺي آهي، جنهن سان ان جي علمي ۽ تعليمي ترقيءَ تي ايترا خراب اثر نہ پيا آهن، جيترا هندستان ۾ سنڌيءَ کي ان جا سخت نتيجا ڏسڻا پيا آهن. هڪڙن اسڪولن ۾ ديوناگريءَ ۾ تعليم ڏني وڃي ٿي تہ ٻين اسڪولن ۾ عربي، سنڌي لپيءَ ۾ پڙهايو وڃي ٿو. ممبئي يونيورسٽيءَ ۾ عربي سنڌي لپي، پر دهلي يونيورسٽيءَ ۾ ديوناگري لپي هلي ٿي. هندي پڙهڻ ڪري، عربي فارسي لپي پڙهندڙ ديوناگري رسم الخط ۾ لکيل تحريرون پڙهي وٺن ٿا، پر ديوناگري لپي ڄاڻندڙ عربي- سنڌي رسم الخط ۾ لکيل تحرير نٿا پڙهي سگهن. مثال طور سنڌيت جو نامور پرچارڪ ۽ دهلي سرڪار جي اداري نيشنل ڪائونسل فار پروموشن آف سنڌي لئنگويج جو وائيس چيئرمين سريش ڪيسواڻي صاحب ۽ نامور سنڌي ڪلاڪار اُما لالا بہ فقط ديوناگري رسم الخط ئي پڙهي ڄاڻن ٿا. ائين اهي نہ رڳي سنڌ ۾ لکجندڙ سموري ادب ۽ ٻئي مواد کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ جا اهل نہ آهن، پر خود ڀارت ۾ لکجندڙ تمام گهڻين تخليقي ۽ فڪري تحريرن مان بہ پڙهي پرائڻ کان محروم آهن ۽ جڏهن هڪ فرد پنهنجي ٻوليءَ جي هڪ وڏي علمي ذخيري کان محروم رهي، تہ ان جي شخصيت سازيءَ ۾ پنهنجي ڄاتيءَ ۽ ان جي حاصلاتن کان ناواقفيت جي جيڪا کوٽ رهندي، سا منجهس يقيني طور احساس ڪمتري ئي پيدا ڪندي.

ٻولين جي نامور ماهر ڊاڪٽر جي سي شرما مطابق:

"هڪ ئي ٻولي لاءِ بہ يا ٻن کان وڌيڪ ڪم ايندڙ رسم الخط هڪ ئي سياسي خطي ۾ غير ضروري حدبنديون پيدا ڪن ٿا. جڏهن تہ هڪ ئي ٻوليءَ جي ٻن مختلف لپين ۾ پيش ٿيندڙ تحريري مواد ساڳي ٻولي ڳالهائيندڙ ماڻهن ۾ Mutual Unintelligibility پيدا ڪندو آهي."

ان ئي صورتحال جو شڪار هند ۾ رهندڙ سنڌي ڪميونٽي آهي ۽ ان ئي ڳالهہ سنڌي ٻوليءَ جي وحدت، واڌ ويجهہ ۽ گڏيل ترقيءَ کي سخت

هاجو رسايو آهي.

اڪثر وڏن شهرن ۾ سنڌي اسڪولن جو حال اهڙو ئي آهي، جهڙو ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد ۾ پرائيويٽ اسڪولن جو نظر اچي ٿو ۽ جتي گهڻو ڪري تہ سنڌي ٻولي منع ٿيل ميوو آهي. اڪثر اسڪولن ۾ يا تہ سنڌيءَ جو مضمون پڙهايو ئي نٿو وڃي يا وري هورڀان هورڀان پڙهائڻ جو رواج ختم ڪيو پيو وڃي. انگريزيءَ جو دٻاءُ اسان ڪان وڌيڪ پارتي سماج تي آهي، جتي ڏينهون ڏينهن دنيا جا وڌيڪ ملڪ ۽ انهن جون ملٽي نيشنل ڪمپنيون پنهنجو پئسو سيڙائي رهيون آهن. هر ڪميونٽي ۽ طبقو انگريزيءَ جي ڊوڙ جو حصو آهي. سنڌيءَ ۾ پڙهندڙن جي رجحان ڪي هڪ حد تائين ممبئي يونيورسٽيءَ ۾ گذريل پنجن سالن دؤران شاگردن جي داخلا واري انگ منجهان بہ سمجهي سگهجي ٿو جيڪي ممبئي يونيورسٽيءَ جي ويب سائيٽ تي موجود آهن. جاڻايل انگن اڪرن موجب:

| | 2002_03 | 2003_04 | 2004_05 | 2006_06 | 2006_07 |
|---|---|---|---|---|---|
| M.A (I) | 15 | 09 | 04 | 12 | 10 |
| M.A. (II) | 11 | 15 | 08 | 04 | 09 |
| M.Phil | 04 | 05 | 02 | 06 | 03 |
| PH. D | 03 | 04 | 02 | 03 | 02 |
| Certificate Course in Sindhi | 127 | 22 | 05 | 05 | 04 |
| Diploma in Sindhi | 08 | 07 | 08 | | |
| Advanced Diploma in Sindhi | | 04 | 50 | (3) | |

مٿيان انگ اڪر هڪ حد تائين ڪنهن نتيجي تي پهچڻ ۾ ضرور اسان جي رهنمائي ڪري سگهن ٿا، جو لڳ ڀڳ اهو ئي حال سنڌي پڙهائيندڙ باقي تعليمي ادارن جو بہ آهي. هتي اها ڳالهہ بہ نوٽ ڪرڻ جهڙي آهي، جيڪا اسان ڪي 2005ع ۾ پارت جي دؤري دؤران ممبئي يونيورسٽيءَ ۾ قائم سنڌي شعبي جي سربراهہ ۽ نامور محقق ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻي ۽ ٻين دوستن ٻڌائي تہ شعبي ۾ داخلا وٺندڙ شاگردن جي اڪثريت ريٽائرڊ سرڪاري ملازمن جي آهي، جن پنهنجي واندڪائي ۽ تنهائيءَ ڪي سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ سان "محبت جي جذبي" ۾ بدلائي جڻ تہ هڪ مصروفيت هٿ ڪري ورتي آهي. هڪ رٽائر ماڻهوءَ جي عمر ڪي ذهن ۾ رکي اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ اهو نسل ايم اي يا پي ايچ ڊي ڪرڻ ڪان پوءِ ڪيترو عرصو

پنهنجي ٻوليءَ جي خدمت لاءِ جيئرو رهي سگهي ٿو.

تعليمي ادارن جي صورتحال اها آهي تہ گهرن ۾ هندي ۽ انگريزيءَ جي اثر سبب سنڌي ڳالهائڻ جو رواج گهٽجي رهيو آهي. ان جو هڪ وڏو سبب تہ اڪثر ڪٽنبن جون جاتيءَ کان ٻاهر شاديون آهن. جيڪي هندستان جهڙي سماج ۾ عام ڳالهہ تصور ڪيون وڃن ٿيون. ٻيو تہ هر هڪ صوبي جون ڪٿي هڪ تہ ڪٿي هڪ کان وڌيڪ صوبائي ٻوليون بہ آهن. جيڪي وري عام بازار، اوڙي پاڙي، آفيسن، ڪاروباري مرڪزن توڙي تعليمي ادارن ۾ رائج آهن. ٻار هونئن ئي پيءُ کان وڌيڪ ماءُ جي ويجهو هوندو آهي. تنهن ڪري سنڌي هجڻ باوجود ٻار گجراتي، مراٺي، ڪانياواڙي ۽ ڪنڙ يا ٻي ڪا اهڙي ٻولي سکي وٺي ٿو جيڪا هن جي ماءُ جي ٻولي آهي. بعد ۾ جڏهن گهر کان ٻاهر نڪرڻ ۽ اڳتي هلي اسڪول وڃڻ جهڙو ٿئي ٿو تہ سندس مورڳو ٻي ٻوليءَ سان واسطو پوي ٿو. اسڪولن ۾ انگريزي ۽ هنديءَ کان علاوه صوبائي ٻولي بہ پڙهائي وڃي ٿي، جنهن سبب سنڌي ڪٽنب جو فرد هجڻ باوجود ٻار ڏارئي ۽ اوپري ماحول جي ور چڙهي پنهنجي پيءُ جي ٻوليءَ کي وڃائي ٿو ويهي. 1986ع جي هڪ سروي ۾ ڄاڻايو ويو هو تہ ڀارت ۾ رهندڙ سنڌي آبادي جو ڪل تعداد 26,78000 آهي، 1997ع ۾ آزاديءَ کي پنجاهہ سال پورا ٿيڻ تي جاري ڪيل هڪ رپورٽ ۾ ڄاڻايو ويو هو تہ ڀارت جي ڪل آبادي 99 ڪروڙ آهي، جن ۾ سنڌي آبادي 30 لک کن ٿيندي. تازو 2005ع ۾ لکيل پنهنجي هڪ مضمون ۾ ڊاڪٽر ستيش روهڙا ٿلهي ليکي 50_40 لک جو انگ ڄاڻايو آهي، ائين سنڌي آبادي تعداد جي لحاظ کان تہ بلاشڪ مسلسل وڌي رهي آهي پر سنڌي ڳالهائيندڙن جو تعداد ڏينهون ڏينهن گهٽجي رهيو آهي. ڊاڪٽر روهڙا جي مضمون "گهڻ ٻوليائي هندستان ۾ سنڌيءَ جو درجو" ۾ آندل هي هيٺيون حقيقتون گهڻو ڏيان لهڻ ٿيون:

> "اسين هڪ اهڙي خوفناڪ حالت مان گذري رهيا آهيون، جو سنڌي اسان جي گهرن مان بہ غائب ٿي رهي آهي. مائٽ سڄو ڏينهن ٻي ٻوليءَ ۾ ڪاروبار ڪن ٿا. ٻار بہ ٻي ٻوليءَ دوران تعليم وٺن ٿا تہ پوءِ گهر ۾ بہ ڏاري ٻولي ئي سندن وهنوار جي ٻولي بڻجي پئي آهي. نئين ٽهي سنڌي ٻولي سکڻ کي اجايو ٿي سمجهي.

نئين پيڙهيءَ جو سوال آهي تہ سنڌي ڇو سکجي؟ سنڌي سکڻ مان ڪهڙو فائدو آهي؟ ۽ اها ڳالهہ سچي آهي تہ سنڌي روٽي روزيءَ جو وسيلو نٿي بڻجي سگهي."

"جيستائين ادب جو سوال آهي تہ ان جي حالت هڪ ئي وقت خوش ڪندڙ ۽ اداس ڪندڙ آهي. هن وقت سنڌيءَ ۾ ڏهہ ٻارهن روزانيون اخبارون، ويهہ پنجويهہ هفتيوار ۽ پنجويهہ ٽيهہ ماهوار يا ٽہ ماهي مخزنون نڪرن ٿيون ۽ هر سال ڏيڍ سؤ ڪان ٻہ سؤ ڪتاب ڇپجن ٿا، پر اهو سوچي روئڻ ٿو اچي تہ اڄ سڄي هندستان ۾ سنڌي ڪتابن جو هڪ بہ دڪان ڪونهي. سچ تہ جيڪي ڏيڍ ٻہ سؤ ڪتاب ڇپجن ٿا، انهن مان پئسن تي خريد ڪري پڙهڻ وارو شايد هڪ بہ سنڌي بچيو ڪونهي، جيڪي اديب دوست ڪتاب ڇپائيندا آهن، سي سچ تہ پنهنجو شوق پورو ڪندا آهن. "(4)

منهنجي خيال ۾ ڊاڪٽر روهڙا اڃا بہ ڪجهہ مبالغي کان ڪم ورتو آهي، جن ڏهن ٻارهن اخبارن جو هن ذڪر ڪيو آهي، سي سنڌ ۾ شايع ٿيندڙ ڪنهن سٺي کان غير معياري اخبار جي معيار جون بہ نہ آهن. جڏهن تہ رسالن ۾ ڪونج، رچنا، سپون ۽ ڪڏهن ڪڏهن شايع ٿيندڙ ريسرچ جرنل "سنڌو جوت" کي ڇڏي باقي سڀ معمولي ۽ غير معياري آهن. هن پاران انهن جي ذڪر جو اصل سبب انهن جو سنڌيءَ ۾ هجڻ آهي، ٻيءَ صورت ۾ اهي ذڪر لائق بہ نہ آهن. ڪتابن جو ڪجهہ تعداد سرڪار خريد ڪري ٿي، ان ڪري ليکڪ پبلشر جو خرچ نڪريو اچي، پوءِ اهي مفت ورهائيندا رهن ٿا. خريد ڪرڻ وارو ڪو ورلي هوندو.

جيڪڏهن ڪنهن بہ ٻوليءَ وٽ پنهنجي مارڪيٽ نہ آهي، تعليمي ادارا نہ آهن، ميڊيا نہ آهي ۽ ڪميونيڪيشن جا جديد ۽ طاقتور ذريعا گهربل انداز ۾ مدد فراهم نہ پيا ڪن، تہ ان ٻوليءَ کي سندس قدامت، تاريخي حيثيت، تخليقي عظمت توڙي مذهبي تقدس بہ بچائي نٿو سگهي. ذڪر بهار جي ٻولي مُگڌ گوتم ٻُڌ جي ٻولي هجڻ سبب مقدس سمجهي وڃي

ٿي. سورشنيءَ کي پراڪرت جو هڪ لهجو چيو وڃي ٿو پر اها جين مت وارن لاءِ مقدس هئي. ايران جي قديم ٻولي زند کي زردشت جي "زنداوستا" سبب پوتر سمجهيو ويندو هو. عبراني يهودين جي مذهبي زبان هئي، پر سواءِ ڪن ٻولين جي، جن بہ پنهنجي وُجود مان جديد دؤر سان هم آهنگ ٻولين کي جنم ڏيڻ جو ڪم ڪيو سڀ پنهنجو اصل وجود برقرار رکي نہ سگهيون. سنسڪرت جو مثال تہ عالم آشڪار آهي، جيڪا هندن جي مذهبي ٻولي هجڻ ڪان سواءِ نهايت معياري، اعليٰ ۽ اظهار جون بي پناهہ صلاحيتون توڙي بي مثال فني شهپارا رکڻ باوجود نهايت محدود ۽ سوڙهي ٿيندي وئي ۽ هن وقت هڪ ارب جي لڳ ڀڳ آبادي رکندڙ هندستان ۾ هڪ ملين ماڻهو بہ سنسڪرت ڄاڻندڙ يا سمجهندڙ مشڪل سان ملندا. دهليءَ ۾ سنسڪرت اڪيڊمي جي مختصر آفيس ٻاهران ڦٽل لفظن ۾ لڳل معمولي بورڊ ڏسي، هندستان ۾ سنسڪرت جي موجوده حالت جو اندازو لڳائڻ آسان ٿي پوي ٿو. ڀارت ۾ هن وقت سنڌي ٻوليءَ جو حال بہ سنسڪرت جي حال سان مشابهت رکي ٿو. ادارا آهن، ڇاپي بہ آهي، سرڪاري پٺڀرائي بہ آهي، پر ڳالهائيندڙ گهٽجي رهيا آهن.

جيڪڏهن ڀارت ۾ سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ ۽ سمجهندڙ ماڻهن جي درجي بندي ڪجي تہ اها اندازي آهر لڳ ڀڳ هيٺئن بيهندي:

05 کان 20 سالن تائين جا ڳالهائيندڙ.

20 کان 40 سالن تائين جا ڳالهائيندڙ.

40 کان 80 يا ان کان مٿي جي عمر جا ڳالهائيندڙ.

منهنجي اڀياس، مشاهدي ۽ مختلف ماڻهن سان ٿيل ڳالهہ ٻولهہ مان اخذ ڪيل نتيجن موجب 50 سيڪڙو کان وڌيڪ ماڻهو 40 کان 80 سالن جي وچ واري عمر سان تعلق رکن ٿا. لڳ ڀڳ 30 سيڪڙو 20 کان 40 سالن تائين جي عمر جا، جڏهن تہ وڌ ۾ وڌ 20 سيڪڙو 5 کان 20 سالن تائين جي عمر جا هوندا. انهن ۾ بہ اڪثريت گجرات، راجستان ۽ مهاراشٽر صوبن سان تعلق رکندڙ آهي، جن ۾ ئي ڀارت ۾ رهندڙ سنڌي آباديءَ جو 75 سيڪڙو رهائش پذير آهي. جيڪڏهن اها صورتحال ايئن ئي رهي ٿي تہ ڀارت ۾

سنڌي ٻوليءَ جي مستقبل بابت اندازو لڳائڻ گهڻو مشڪل نہ رهندو. جنهن جي نتيجي تائين پهچندي اسان هڪ گرم شوڪارو ئي ڀري سگهنداسين.

هند ۾ سنڌي ٻوليءَ جي هن صورتحال کان پوءِ هند ۾ رهندڙ سنڌين ۾ بہ اهو احساس ڏينهون ڏينهن شدت اختيار ڪندو پيو وڃي تہ ڪانئن پنهنجي ماءُ ٻولي تيزيءَ سان وڃائجي رهي آهي. ٻوليءَ جو وڃائجڻ هڪ جاتيءَ جي ماضي ۽ يادگيرين جو وڃائجڻ ٿيندو آهي. ان جو وڃائجڻ ماڻهوءَ جي اصليت ۽ جڙن جي وڃائجڻ جو سبب هوندو آهي ۽ ان جو ازالو ٻئي ڪنهن بہ طريقي سان ممڪن نہ آهي. جيتوڻيڪ ميڊيا جي ترقي ۽ اطلاعاتي ذريعن جي تيز رفتاري ڪنهن ٻوليءَ کي ايترو جلد مرڻ نہ بہ ڏئي پر پوءِ بہ دنيا ۾ ڪيترين ئي اصلوڪين ٻولين جي لاڏاڻي ۽ پرلوڪ پڌارڻ جون خبرون اينديون ئي رهن ٿيون. هند ۾ سنڌي ٻولي ممڪن آهي تہ ايترو جلد نہ مري يا شايد مڪمل طور ڪڏهن بہ نہ مري- (شال ائين ئي ٿئي). پر ان جا ڳالهائيندڙ گهٽجي، محدود ٿي، انتهائي مختصر جاتيءَ جي صورت اختيار ڪري ويندا تہ ان شڪ جي زبردست گنجائش ۽ ڪارڻ آهن. اهو احساس خود هند جي تخليقي ادب منجهان بہ پروڙي سگهجي ٿو جنهن ۾ اهڙي زوال جو ڀرپور نماءُ ۽ المياتي چٽُ انتهائي بيباڪيءَ ۽ خود اعترافي (Self realization) سان چٽيو ويو آهي. مثال تہ ڪيترائي آهن پر هتي مان فقط پوسٽ ماڊرن نقاد، شاعر ۽ ڪهاڻيڪار هريش واسواڻيءَ جي شاهڪار ڪهاڻي "گهٽتي" تي ئي اڪتفا ڪرڻ چاهيندس.

ڪهاڻي ڪجهہ هيئن آهي تہ "مان" جي متڪلم صيغي وارو هڪ ڪردار جنهن جي زال جو نالو "ميران" آهي، ڪنهن ٻئي شهر ۾ هڪ فنڪشن ۾ آيل آهي، جتان ئي هن کي پنهنجي دوست هري ۽ پاجائي جهنڪنا سان ملڻ لاءِ ويڙهو آهي. ان گهر ۾ هري، جهنڪنا ۽ سندس ٻارڙا آهن، جڏهن تہ هڪ 80 سالن جو "پير مرد" بہ آهي، جيڪو سڄو ڏينهن هڪ اهڙي ڪمري ۾ رهندو آهي، جنهن جو هڪ اڌ اسٽور روم تہ اڌ اسپتال نما آهي. هن پير مرد جو سڀ کان وڏو الميو آهي تہ هن سان ڪو بہ سنڌي ڳالهائڻ وارو نہ آهي. ننهن گجراتي، ٻار بہ ماءُ جي ٻولي ڳالهائين يا مارڪيٽ

جي، پُٽ سڄو ڏينهن ٻاهر. اڪثر ٻاتي گهر کان ٻاهر رهن. ان ڪري هن کي گهنٽي هٽائي ڏني اٿن تہ جيڪڏهن خدانخواستہ "ڪجهہ" ٿي پوي تہ هو اها گهنٽي وڄائيندو تہ پاڙي واري گهر مان ڪير نہ ڪير وٽس پُڄي ويندو پر بقول "پير مرد" جي- "اجا تہ گروءَ جي مهر آهي، ڪڏهن اهڙي ضرورت ڪو نہ پئي، سنڌي سمجهي سگهندا ڪو نہ. مون کي گجراتي ايندي ڪونهي". بهرحال ڪهاڻيءَ جو آخري پيراگراف. ڪهاڻيءَ جي اصل تت يا هند ۾ سنڌي ٻوليءَ کي درپيش المئي جو ڏوڏيندڙ منظر پيش ڪري ٿو:

"هري منهنجو سُوٽ ڪيس ڏگيءَ ۾ رکي، اچي چڪو هو. اسين هيٺ لٿاسين. هريءَ ڪار جا دروازا کوليا، ٻار ٻاري ٻاري چلائي رهيا هئا. اوچتو هيٺين گهر ۾ زور سان گهنٽي وڄڻ لڳي. گهر جو مالڪ رڙيون ڪندو ٻاهر نڪري آيو: "چاوڙا پائي، جهنڪنا، هري پائي...."

گهنٽيءَ جو وڄڻ بند ٿي ويو. سيني جي منهن جو پنو لهي ويو. "اها گهڙي ڇا اڄ هيئنر ئي اچڻي هئي؟" مون سوچيو. سيئي گهبراهٽ ۾ مٿي ڏوڙيا. هريءَ تالو کوليو تہ پير مرد سامهون بيٺو هو. هريءَ کان رڙ نڪري وئي "بابا توهين!".

"ها هري، مون سوچيو مان ميران جي گهوٽ کان موڪلائي ڇڏيان. ڪهڙي خبر هو مرڻ کان اڳ مون سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائڻ وارو آخري انسان هجي!"(5)

## حوالا


1. تيج ثابل، راجستان درشن، وشنو پبليڪيشن گانڌيڌام (ڪڇ) سال 2006ع ص: 3.
2. (ص23- ورهاڱي کان پوءِ جو چونڊ سنڌي شعر -ايچ آءِ سدارنگاڻي ساهت اڪيڊمي، 1987ع)
3. ممبئي يونيورسٽي جي ويب سائيٽ. www.mu.in/arts/ling-lang/sindhi/profile ڊسمبر 2006
4. ستيش روهڙا، ڊاڪٽر: گهڻ ٻوليائي هندستان ۾ سنڌيءَ جو درجو ماهوار سوپ، 2006
5. واسواڻي هريش، رچنا 100، ايڊيٽر: لکمي کلاڻي، صاحب بجاڻي، انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي آديپور (ڪڇ) انڊيا. آڪٽوبر- ڊسمبر 2003، ص 65.

نصير مرزا

# ريڊيو پاڪستان ۽ سنڌي ٻولي

14 آگسٽ 1947 تي پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان فوراً پوءِ چار نيون ريڊيو اسٽيشنون قائم ڪيون ويون. آزاديءَ کان اڳ پشاور ۽ لاهور ۾ اڳ ئي ريڊيو اسٽيشنون قائم هيون. ننڍي کنڊ جي ورهاڱي کان پوءِ سڀ کان پهرين سنڌ جي دل شهر ڪراچي کي گاديءَ جو هنڌ ٺاهي 1948 ۾ پهرين پاڪستاني ريڊيو اسٽيشن جو قيام عمل ۾ آندو ويو. ان کان پوءِ 1950 ۾ راولپنڊيءَ ۾، 1955 ۾ حيدرآباد ۽ 1956 ڌاري ڪوئيٽا ۾ اسٽيشن قائم ڪيون ويون.

1948 ڌاري ڪراچيءَ ۾ جنهن وقت براڊ ڪاسٽنگ هائوس کوليو ويو ان وقت سنڌ جو وڏو وزير، جناب محمد ايوب کهڙو ۽ سنڌ جو گورنر غلام حسين هدايت الله هو. ڪراچيءَ ۾ اهڙو براڊڪاسٽنگ هائوس، هڪ اسڪول جي بيرڪ ۾ ٽن ڪمرن ۾ ٺاهيو ويو. ڪراچيءَ مان، پاڪستان جي پهرين شروع ٿيندڙ ان ريڊيو اسٽيشن تان سنڌي وزيراعليٰ ۽ سنڌي گورنر جي هجڻ جي باوجود، ابتدا اردو ۽ انگريزي پروگرامن سان ٿي. سنڌي ٻوليءَ ۾ گهڻو گهٽو پوءِ پروگرام شروع ڪيا ويا ۽ اُهي به سڄي ڏينهن ۾ هڪ اڌ ڪلاڪ يا 45 منٽن لاءِ! اهو ڊائريڪٽر اي ايم ڇاڳلا جو دور هو جيڪو پاڪستان جي قومي تراني جي موسيقار محمد علي ڇاڳلا جو ننڍو ڀاءُ هو ۽ ڪراچيءَ جي قديم سنڌي ڪڇي ڪميونٽيءَ سان هن جو تعلق هو.

ان کان اڳ به 5 آگسٽ 1947 تي ڪراچي سنڌ ۾ تجرباتي نشرگاهه جو تجربو ڪيو ويو هو جنهن جو نالو "سنڌ گورنمينٽ براڊڪاسٽنگ اسٽيشن" رکيو ويو هو. ڏهين آگسٽ تي ان تجرباتي

استيشن تان نشريات جو آغاز به اردوءَ ۾ ڪيو ويو هو ۽ 14 آگسٽ 1947 تي قائد اعظم جنهن وقت گورنر جنرل جو قسم کنيو تڏهن اهڙي تقريب جو اکين ڏٺو احوال پڻ ان ئي ابتدائي تجرباتي ريڊيو اسٽيشن تان نشر ڪيو ويو هو.

اهو غالباً 1951_52 جو زمانو هو جو سنڌ جي عوام جي بيحد اصرار تي ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ، سنڌي سروس جو آغاز ڪيو ۽ هر روز شام جو پنجين وڳي کان ساڍي پنجين وڳي تائين سنڌي پروگرام نشر ڪرڻ شروع ڪيا ويا. انهيءَ اڌ ڪلاڪ ۾ موسيقيءَ جا پروگرام، خطن جا جواب ۽ سازينا وڄائڻ جهڙا پروگرام ڏنا ويا، جن لاءِ اناؤنسر مخصوص ٿيو: جناب عبداللطيف عباسي، بعد ۾ محترمہ شاهہ بيبي ان حصي ۾ پهرين سنڌي نيوز ريڊر مقرر ٿي. سنڌيءَ ۾ اهڙي نشريات شروع ٿي ته سنڌ جا ماڻهو گلاب جي گل مِثل ٽڙي پيا. سنڌي ڳوٺن جي هوٽلن تي ڊگهين لٺين ۾ ايريل لڳائي، هوٽل مالڪن دخل تي ريڊيو رکڻ شروع ڪيا ۽ پري پري کان ماڻهو اچي انهن کي ڏسڻ لڳا ۽ جيوٽي بائي، ڪنور ڀڳت، ماسٽر چندر وغيره جا ڪلام ڀڏي حيرت ۾ ٻڌي ويندا هئا.

گارشيا مارڪيز جي عظيم ناول 'اڪيلائيءَ جا هڪ سؤ سال' ۾ هن ٻڌايو آهي ته ننڍي هوندي هُن جي ڳوٺ ۾ ڪي ماڻهو چقمق جا ٽڪرا وڪڻڻ ايندا هئا ته لوهہ کي ڇڪي پاڻ ۾ سُڪ ڪنڌڙ ان پرزي کي ڏسي انهن آٽيندڙن جي چوڌاري ماڻهو مِڙي ويندا هئا. بلڪل ان ريت هيڏانهن سنڌ جي ٻهراڙين ۾ رهندڙ عوام ريڊيو ۽ ريڊيو تان نشر ٿيندڙ سنڌي پروگرامن ۾ به 1952 کان وٺي ائين ئي دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي، ڄڻ هو پاڻ لوهہ جا ذرا پرزا هئا ۽ ريڊيو چقمق.

ڪراچي ريڊيو تان 1952 ڌاري سنڌيءَ ۾ نشريات شروع ٿيڻ سان، جيڪي صلاحيت مند راڳي ۽ آواز متعارف ٿيا، اُهي هئا عبداللطيف عباسي، محمد بخش انصاري، ماسٽر محمد ابراهيم، محمد جمن، سونا خان بلوچ، محمد يوسف، سُشيلا مهتاڻي، غلام رسول نواب شاهي، مصري فقير سرهاڙيءَ وارو ۽ ڪي ٻيا به.

آئون پانئيان ٿو تہ ھي ئي اُھي پھريان سنڌي ماڻھو ھئا، جن پرڪشش ادائگي جي آڌار تي، سنڌي عوام کي ريڊيو ٻڌڻ لاءِ متوجھہ ڪيو ۽ انھن ئي عظيم انسانن سنڌيءَ ۾ براڊڪاسٽنگ جو بنياد وڌو.

نھايت جلد ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ، عوامي حڪومت جي آغاز سان پروگرامن جو وقت اڌ ڪلاڪ مان وڌائي ڪلاڪ روزانو ڪيو ۽ اھڙي قدم لاءِ ان وقت جي وزيراعليٰ ممتاز علي ڀُٽي صاحب کي سلام ڪبو جنھن سنڌ اسيمبليءَ ذريعي 'سنڌي ٻوليءَ' کي صوبي جي ٻوليءَ جو درجو ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي. اگرچہ اردو حلقي اختلاف ڪيو ۽ جنگ اخبار ان جي ردعمل ۾ پھرين صفحي تي اردو ٻوليءَ جي حوالي سان اکين ۾ ڳوڙھا آڻي ھي شعر درج ڪيو: 'اردو کا جنازہ ہے ذرا دھوم سے نکلے' "سنڌي اردو بول چال" وارو پروگرام بہ ان ئي دور ۾ ريڊيو تان، اِن جذبي سان شروع ڪيو ويو تہ نہ فقط اردو برادريءَ کي سنڌي سيکارجي، پر ان عمل سان گڏوگڏ خود سنڌ جا ماڻھو بہ پنھنجي ٻوليءَ جي زير، زبر ۽ لفظن جي درست ادائگيءَ کان آگاھہ ٿين. ان ڏس ۾ پھرين سراج الحق ميمڻ ۽ پوءِ ڊاڪٽر فھميده حسين، اھو پروگرام ڪري ريڊيو تان سنڌي سيکاري، ان کان پوءِ پي ٽي ويءَ تان ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر اياز قادري، ڊاڪٽر نواز علي شوق ۽ شاھد ڪاظمي اھڙو ڪردار نڀايو. انھن سڀني جي خدمتن ۽ جذبي جي جيتري بہ ساراھہ ڪجي، گھٽ آھي. دراصل 'سنڌي اردو بول چال' پروگرام جي اوٽ ۾ اھا ڪوشش بہ ورتي ويئي تہ دنيا کي پنھنجي ٻوليءَ جي وسعت، عظمت، خوبصورتي ۽ مٺاج کان آگاھي ڏجي.

17 آگسٽ 1955 تي ان وقت جي اطلاعات جي وزير پير علي محمد شاھہ راشديءَ جي خواھش تي پڪي قلعي لڳ ھوم اسٽينڊ ھال ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جو قيام عمل ۾ آندو ويو جنھن جي افتتاح کان فوراً بعد سنڌي ٻوليءَ جي اصلوڪين صنفن کي ٻيھر جيارڻ جي جذبي سان غزل بدران، سنڌ جي ڪلاسيڪل ۽ منفرد صنف، 'ڪافيءَ' جو مشاعرو ريڊيو تان سنئون سڌو نشر ڪيو ويو. بزرگ ٻڌائن ٿا تہ اھوئي اُھو پھريون وڏو ڪافي صنف جو مشاعرو ھو جنھن ۾ مخدوم طالب المولىٰ سائينءَ، پنھنجي

ڪافي: "سهڻل جا سينگار واهه واهه دل کي وڻن ٿا..." ترنم سان پيش ڪري، وڏو داد ماڻيو هو.

لسانيات جي ماهرن جو چوڻ آهي تہ انسان ذات جي اعليٰ ترين دريافت 'لفظ' آهي. معنيٰ سناءَ سان لفظن جي استعمال جو نالو ٿيو: "ٻولي".

آوار ٻوليءَ جي عظيم شاعر رسول حمزه توف پنهنجي آوار ٻوليءَ بابت هڪڙي ڏاڍي مزي جهڙي ڳالهه لکي آهي، لکيو اٿس: ڌڻيءَ، دنيا ۾ سڀ ٻوليون ورهائي دنگ ڪيون تہ فرشتي کيس آگاهہ ڪيو: بارِ الاها! مختلف ٻولين جا ڪي واڌو لفظ بچي پيا آهن. انهن جو هاڻي ڇا ڪريان؟ تڏهن ڌڻي فرمايو: اِهي سڀ گڏي، دنيا جي ڪنهن ڪنڊ ۾ اُڇلي ڇڏ. حمزه توف چواڻي: ٻولين جو اهو "ڪچُونبر" جنهن ملڪ ۾ اڇي ڪريو اهو روس هو ۽ جيڪا ٻولي ان مان نهي، اُها سڏي ويئي آوار.

آئون پنهنجي سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڇا چوان!؟ اُها بذات خود هڪ ڌار ٻولي آهي يا سنسڪرت يا ڪنهن ٻي ٻوليءَ مان نڪتي آهي۔ اهو بحث ڪونہ ڪندس جو آئون لسانيات جو ماهر ناهيان. منهنجو تہ پنهنجي ٻوليءَ جي باري ۾ ايمان، پٿائي صاحب وارو ئي آهي. جنهن جو چوڻ آهي تہ اهو ديس ديسواسي ۽ سندن ٻولي ازل کان ئي قائم هئي ۽ اسان جو انگ بہ انهن سان ائين اڙيل آهي، جيئن مارئي جي حوالي سان هن هيءُ بيت چيو:

الست بربڪم، جڏهن ڪن پيوم
قالوا بليٰ قلب سين، تڏهن تت چيوم،
تنهين وير ڪيوم، وچن ويڙهيچن سين.

۽ ويڙهيچن جي ان ٻوليءَ بابت، شيخ اياز جي هن آواز سان منهنجو آواز بہ شامل سمجهو:

جڏهن ڪُن چيائون اسان ڪي ملي.
اِها ئي تہ ڏرتي، اهوئي تہ ڏن،
اسان سنڌ وارن ازل کان اياز
مدائي نہ سانڍي ڪڏهن آهي من.

ٽوڻي جو ڄاڻان ٿو سنڌ اچ لاڙ اتر، وچولي ۽ سري جهڙن طبعي ڀاڱن ۾ ورهايل آهي ۽ آئون ان محاوري کان بہ بيخبر ناهيان تہ 'ٻارهين کوهين ٻولي ٻي' ٿي ويندي آهي. پر لهجو (Dialect) ڪٿي ڪهڙو بہ هجي يا ڪهڙي بہ طبقي ڀاڱي جو... ماءُ کي سڀ 'ماءُ' ئي سڏيندا آهن ۽ 'ماءُ' جي اُچار اچارڻ بابت، هي شيخ اياز بہ ڪيڏو نہ سهڻو بيت لکيو آهي:

پنهنجي ٻوليءَ ۾ مِيان، جڏهن چوندين 'ماءُ'،
توکي اهڙو ساءُ، ڏيندي ٻي ٻولي ڪٿي؟

هاڻي سوال پيدا ٿيو تہ سنڌ ۾ جڏهن 'ٻارهين کوهين ٻولي ٻي' ڳالهائڻ جو رواج عام آهي، تڏهن ريڊيو پاڪستان تان ڪهڙي لهجي کي رواج ۾ آڻجي ۽ عام ڪجي. نصابي ڪتابن جي حوالي سان پڻ عالمن جي ابي مرزا قليچ بيگ جو خيال هو تہ: حيدرآباد جي آس پاس واري ڀاڱي جي ٻولي سڌريل ٻولي آهي، انهيءَ ڪري اُن کي رواج ۾ آڻجي ۽ ان ئي ٻوليءَ ۾ نصاب لکرائجي. بعد ۾ نوشهري فيروز کان حيدرآباد جي آس پاس واري وچولي لهجي کي معياري قرار ڏنو ويو ۽ ان جو نالو رکيو ويو "ساهتي لهجو". اهوئي لهجو ريڊيو پاڪستان اختيار ڪيو. اهوئي دنيا جو دستور آهي. بي بي سي (BBC) تان بہ انهن جو معياري لهجو ئي نشر ٿيندو آهي.

سو جڏهن 17 آگسٽ 1955 تي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جو قيام عمل ۾ آيو تہ ان ئي "ساهتي لهجي" کي اختيار ڪيو ويو. جيتوڻيڪ ابتدائي ڏينهن ۾ اردو فارسيءَ سان شغف رکندڙ پروڊيوسر محمد بخش انصاري ۽ مسوده نگارن مان سيد منظور نقوي ۽ مظفر حسين جوش کي قدر فارسي لفظن جي آميزش سان سنڌيءَ ۾ براڊڪاسٽنگ ڪندا هئا، پر نهايت جلد 1958 کان پوءِ ممتاز مرزا ۽ 1960 کان مراد علي مرزا، شيخ محمد اسماعيل، آغا سليم ۽ امر جليل نج سنڌي ٻوليءَ جي استعمال کي رواج ۾ آندو ۽ ريڊيو حيدرآباد معياري سنڌي لهجي ۾ براڊڪاسٽنگ جو آغاز ڪيو. ان کان پوءِ سوال پيدا ٿيو تہ ريڊيو جي ذريعي ڇو نہ ماهر فردن ذريعي اهڙو انتظام ڪيو وڃي، جيئن هر طرح جي ٻڌندڙن کي درست اُچارن

سان 'سنڌي ٻولي' ٻڻ نصيب ٿئي.

۽ ان ڏس ۾ نهايت جلد ريڊيو حيدرآباد معروف شاعر مرزا گل حسن احسن ڪربلائي، محمد خان غني، قاضي خادم صاحب جي والد، قاضي محمد لائق، جناب علي محمد ڀُٽي ۽ زيب عاقلي وغيره کي اهڙي ڪم لاءِ مقرر ڪيو ويو جن کي عرفِ عام ۾ پرونسيئيشن چيڪر " (تلفظ يا اُچار پرکيندڙ) سڏيو ويو.

مشهور ڳالهه آهي تہ گهٽ پڙهيل هجڻ يا پروف غلط هئڻ سبب هڪ دفعي علڻ فقير سڏو سنئون (Live) آئتم پيش ڪرڻ لاءِ ڀٽائي صاحب جي شهواڻي واري رسالي مان بيت جي ريهرسل ڪندي ڳايو پئي.

ماٿب تنهنجي مائبي، عجب ڏني سين...

تڏهن، تلفظ چيڪر، ريهرسل دوران درستگي ڪندي کيس آگاهہ ڪيو تہ اهو مائب تنهنجي مائبي نہ... پر صاحب تنهنجي صاحبي، عجب ڏني سون... آهي.

هڪ تلفظ چيڪر علي محمد ڀُٽي صاحب مون کي ٻڌايو تہ هڪڙي ڀيري ڪچهريءَ لاءِ ڪو مولودي ٻُڪ ٿيو. چيوسونس تہ جيڪو مولود پڙهندين، اهو چئي ٻڌائي. ڳايائين تہ، ٻُڌڻ ۾ آيو:

جڏهن پاڻ اسهيو هو مهراج تي.

تڏهن کيس سمجهايو ويو تہ اهو لفظ 'مهراج' نہ، 'معراج' آهي.

هڪڙي ڀيري مائي ياڳيءَ کي ريهرسل ڪندي ٻڌم چيائين پئي:

راڻل! رهي وڃ رات ڀنيور ۾

کيس ٻڌايوسين تہ، 'راڻل' بدران چئو 'پنهل! رهي وڃ رات ڀنيور ۾'.

۽ هيءَ ڳالهه بہ ڪا ڪالهه جي ڪانهي، اڄ تائين اهو سلسلو هلي پيو تہ سنڌ جي ٻهراڙين ۾ ۽ ويندي ڪيترا پڙهيا لکيا شاعر، اديب، راڳي جڏهن 'غزل' کي 'گزل'، 'غم' کي 'گم'، 'فوٽو' کي 'ڦوٽو'، 'خط' کي 'کت'،

'خيال' کي 'کيال' ۽ 'گل محمد' کي 'غل محمد' سڏيندا آهن ۽ 'شورو' کي 'چورو' اُچاريندا آهن تہ ريڊيو تان هر حالت ۾ انهن جي تلفظ کي درست ڪرائي، پوءِ ئي انهن کي مائيڪ تي ويهاريو ويندو آهي.

خاص ڪري 1960 واري سال کان پوءِ ريڊيو حيدرآباد جي حصي ۾ اها خوش نصيبي آئي تہ نج نبار سنڌي ٻوليءَ لکڻ جا قائل ليکڪ ۽ پروڊيوسر ريڊيو کي ميسر ٿيا، جن سنڌي ٻوليءَ جي پوترتا، نجپڻي ۽ ميٺاج کي نظر ۾ رکي، ڊراما، فيچر، تقريرون، گيت، غزل، هن ميڊيم لاءِ تحرير ڪيا ۽ ڪرايا، اهڙن سرفهرست ليکڪن منجهان ڪجهہ نالا تہ هي آهن: جناب ممتاز مرزا، مـراد علي مرزا، ابن الياس سومرو آغا سليم، امر جليل، عنايت بلوچ، علي بابا، امداد حسيني، قاضي خادم، شوڪت حسين شورو سحر امداد، ڊاڪٽر محمد يوسف پنهور شيخ محمد اسماعيل ۽ سندن مسودن کي ان وقت جي جن سدابهار صداڪارن ۽ فنڪارن درست لب و لهجي ۽ چٽن اُچارن سان عوام تائين پهچايو اُهي هئا: سيد صالح محمد شاهہ مصطفيٰ قريشي، مهتاب چنہ، روبينہ زرينہ بلوچ، عبدالحق ابڙو مشتاق مغل، اي آر. بلوچ، ڪامران پٺي، سڪندر بلوچ ۽ ڪي ٻيا. جيتوڻيڪ وقت جي رفتار سان گڏ فنڪارن، اناؤنسرن ۽ صداڪارن کي تلفظ درست ڪرائيندڙ (پرانسيئيشن چيڪر) ريڊيو ۾ هاڻي ناهن رهيا ۽ غالباً هر ريڊيو اسٽيشن تان اهڙيون پوسٽون ختم ڪيون ويون آهن، پر پئي پاسي اها بہ ڪيڏي نہ فخر ۽ اطمينان جي ڳالهہ آهي جو ريڊيو ڪراچيءَ تان ڊاڪٽر فهميده حسين، قمر شهباز عبدالرحمان نقاش، تاج بلوچ، فقيرمحمد لاشاري وغيره جهڙن اعليٰ اديبن، شاعرن بطور ڪمپيئر ۽ صداڪار جي خدمتون سرانجام ڏنيون ۽ هيڏانهن حيدرآباد ريڊيو تان ابتدا ۾ حميد سنڌي، پروانو ڀٽي، امداد حسيني، سحر امداد ۽ پوءِ واري زماني ۾ 1984 کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ جي اعليٰ ليکڪن مان محمود مغل، زيب سنڌي، نياز پنهور ماڪن شاهہ رضوي، مستقل طرح سان ريڊيو حيدرآباد سان بطور ڪمپيئر جي وابستگي قائم رکي ۽ رکندا اچن ۽ اهڙن سنجيده ۽ لائق ليکڪن جي براڊڪاسٽنگ جي معيار يا انهن جي تلفظ تي شڪ ڪرڻ، زيادتي ٿيندي.

سنڌيءَ ۾ عام چوڻي آهي تہ: 'جنهن جو کائجي، تنهن جو ڳائجي'.
آءٌ ريڊيو پاڪستان جو ملازم آهيان ۽ خاص ڪري ريڊيو حيدرآباد جي 52 سالن کان سنڌي ٻوليءَ جي خدمت ۽ سنڌيت جي ڦهلاءُ جي ڏس ۾ هن اداري جيڪي خدمتون سرانجام ڏنيون آهن، انهن ڏانهن اڄ مُڙي ڏسان ٿو تہ ان اداري جو ڪم مون کي سنڌي ٻوليءَ جي ڪنهن بہ وڏي علمي ادبي اداري جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ اهميت ڀريو نظر اچي ٿو. روايتي رنگ جي ڪنهن شاعر جو شعر آهي:

حُسن کي حسن بنائڻ ۾ آ، هٿ منهنجو ڀي،
نظرانداز ڪري ڪوئي نہ سگهندو مون کي.

حيدرآباد ۾ ريڊيو جي قيام بعد، ريڊيو سان وابستہ ٿيندڙ آدرشي سنڌي پروڊيوسرن، نهايت جلد اهو ڄاڻي ورتو تہ ڪنهن ٻي ٻوليءَ جي وڌندڙ تسلط کي اِن ئي طرح سان مُنهن ڏيئي سگهجي ٿو تہ پنهنجي ثقافت ۽ پنهنجي ڪلاسڪس جو وڌ ۾ وڌ پرچار ڪجي ۽ ان جي اظهار لاءِ هنن موسيقيءَ کي موثر ذريعو ڄاتو. جيتوڻيڪ پروڊيوسر ايم بي انصاريءَ جي تربيت اردودانن وچ ۾ ٿي هئي، پر هن بہ نهايت جلد، پنهنجي روش تي غور ڪيو ۽ جتي هڪ پاسي سنڌيءَ ۾ گيت، غزل جي صنف کي رواج ۾ آندو اُتي ٻئي پاسي جوان سال پروڊيوسر خواجہ امداد علي ۽ سائٽس گڏ غلام حسين شيخ ۽ پوءِ انور بلوچ اهو ڄاڻي ورتو تہ 'سنڌي موسيقيءَ' کي وڏي طاقت حاصل آهي ۽ ان جي ذريعي ئي عام سنڌين جي شعوري تربيت ڪري، انهن ۾ سنڌيت جو جذبو ۽ پنهنجي ثقافت ۽ روايتن تي فخر پيدا ڪرڻ لاءِ ڪين اُتساهي سگهجي ٿو.
60 واري ان ڏهاڪي ۾ برابر سنڌ واسي هڪڙي حد تائين ڀِٽائي صاحب ۽ سچل سرمست جي ڪلام ۽ پيغام کان ڪي قدر آگاهہ هئا، پر سنڌ جا ٻيا ڪيئي شاعر يقين ڪريو تہ اڄ جي ريڊيو حيدرآباد قائم نہ هجي ها تہ اهي گمنام رهجي وڃن ها ۽ ڪو بہ اڄ انهن گمنام شاعرن جي نالن کان آگاهہ نہ هجي ها. مون کي اعتماد ۽ ويساهہ آهي تہ تاريخ جي

اونداهين گھٽين مان اهڙن شاعرن کي صرف ريڊيو ٻاهر آندو ۽ اهڙن شاعرن مان، مثال طور هتي سنڌن نالا ۽ ڪلامن جون هي ڪي پهريون سٽون ڏسو:

- عمر ديس پنهنجو وسارڻ ڏکيو آ.
- سمان ڄام سلطان منهنجي ذات مهاڻي
- عمر مون ننا وسرن ويڙهيچن جا واڙا

شاعر: حاجي شاهه (ڪو گمنام شاعر)

- لڳي لاهوتين کي لاڳ، جوڳي من ۾ مچ مچائن ٿا.

شاعر: قطب علي شاهه جهانيان

- اي مالڪ توبهن تو در

شاعر: مهدي شاهه

- سپ سياڪا ستي

شاعر: روشن علي شاهه

- لک ناز سکيو آهين نوان

شاعر: خوش خير محمد

- رمزن ساڻ غلام ڪري وئين

شاعر: شاهه نصير

- جوڳي جيڪس ويا جبروت، ماءُ ڏنم اج ماٺ
  ڪنيائون ڪِلي نيڻ گهرا گلابي

شاعر: مصري شاهه

- روز وسي شاخن تي شبنم
  آئي مند ملهاري وي

شاعر: زمان شاهه

انهن شاعرن کان سواءِ ويچارو جمع فقير، حافظ حامد، حافظ شاهه،

رڪيل شاهہ، جانڻ فقير، منٺار فقير، حسن شاهہ ڏُنڙي وارو چيزل شاهہ، غمدل فقير، ٻڍل فقير، صوفي صادق ۽ عارف المولىٰ وغيره وغيره صرف ۽ صرف ان ڪري گهر گهر ڄاتا ۽ سڃاتا ويا، جو ريڊيو حيدرآباد انهن جا ڪلام رڪارڊ ڪيا ۽ نشر ڪيا.

منهنجي دعويٰ آهي تہ سنڌ واسين کي اسان سڀني ۽ سڄي عالم جي شاهہ، شاهہ لطيف جي ڪلام ۽ پيغام کي پڙهڻ، سمجهڻ، پرجهڻ، عالمن محققن، شارحن ڪونہ سيکاريو آهي. اُهو ڪم بہ ريڊيو ئي ڪيو آهي، جي ها، ريڊيو حيدرآباد جي پروڊيوسرن اهو ممڪن بڻايو. ڏٺو وڃي تہ عالمن تہ صرف پڙهيل ڳڙهيل طبقي يا پوءِ بوڪ شيلفن ۾ شاهہ جي رسالي کي محفوظ ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙيو آهي. ڀٽائي کي ڪيئن درست لهجي سان پڙهجي، ڳائجي، اهو صرف ريڊيو حيدرآباد ئي عوام کي ٻڌايو ۽ سمجهايو آهي ۽ اهو سلسلو جاري و ساري آهي.

۽ جيستائين سيد صالح محمد شاهہ جي آواز ۾ تحت اللفظ ڀٽائي صاحب جو رسالو رڪارڊ تي نشر نہ ٿيو هو سنڌ جا عام ماڻهو هي بيت هيئن پڙهندا هئا:

سائين... 'مَ' سدائين، ڪرين مٿي سنڌ سڪار معنيٰ سائين۔ نہ۔ سدائين.... ريڊيو ان جو تلفظ سيد صالح محمد شاهہ جي ادائگي ذريعي سمجهايو تہ اُهو هن ريت پڙهيو وڃي:

سائينم، سدائين.... يعني منهنجا سائين... سنڌ کي سدائين سڪار ۾ رکج.

درگاهہ ڀٽ جي اڱڻ تي، ڀٽائي جي 'لطيفي لات' ڳائڻ جو ڇا انداز آهي؟ اهو درگاهہ تي زيارت لاءِ ويندڙن برابر تہ ڄاتو پئي، پر گهر گهر ۾ لطيفي راڳ جي ان رنگ کي سائين غلام شاهہ، سائين نورمحمد شاهہ ۽ ٻين راڳي فقيرن جي آواز ۾ رڪارڊ ڪري، ماڻهن کي ريڊيو حيدرآباد ئي ٻڌايو تہ لطيفي راڳ جو اصلوڪو انداز اِجهو هي آهي.

'لطيف سائين' جي لڳ ڀڳ سموري رسالي جي اهڙي رڪارڊنگ فتح خان جي ڪچهريءَ ۾ هر جمع تي نشر ٿيندي هئي ۽ پروگرام 'صبح

مهراڻ‘ ۾ روزانه ڀٽائي صاحب جي بيت جو تحت اللفظ چاليهن سالن کان نشر ٿيندو رهندو آهي ۽ ان کان سواءِ هر خميس تي صبح جو ’صبح مهراڻ‘ ۾ ’لطيفي لات‘ سلسلو هلندڙ آهي، جنهن ۾ ڪمپيئر پاران، ڀٽائي جي رسالي مان ڪو لفظ ڏنو ويندو آهي ۽ ٻڌندڙ ان لفظ تي ٻڌل بيت ڳولي موڪليندا آهن ۽ موٽ ۾ انهن مان هڪ منتخب ٻڌندڙ کي ڀٽائيءَ جو رسالو بطور تحفي جي پوسٽ ڪيو ويندو آهي. انهيءَ کان سواءِ هفتي وار هڪڙو پروگرام ’پڇن سي پسن‘ جي نالي سان پڻ نشر ٿيندو آهي، جنهن ۾ صرف شاهه لطيف جي ڪلام ۽ حيات بابت سوال پڇيا ويندا آهن ۽ سوين ٻڌندڙ ان پروگرام ۾ خط لکي حصو وٺندا آهن ۽ اهو سڀ ڪجهه ريڊيو تان سنڌي ٻولي ۽ سنڌيت جو پرچار ناهي ته ٻيو ڇا آهي؟

اچا ٿورو وقت ٿيو آهي جو شاهه جي رسالي مان هڪڙو سلسلو شروع ڪيو ويو هو: رتيءَ جي رهاڻ... جنهن ۾ ڀٽائي صاحب جي رسالي ۾ آيل سورمن، سورمين، موسمن، پکين، ماڳ، مڪانن وغيره کي موضوع بنائي، دلچسپ ميوزيڪل فيچر پيش ڪيا ويا.

1955 کان هن وقت تائين جڏهن به ڪنهن نئين پروگرام جي نالي رکڻ جو مرحلو ايندو آهي ته سڀ کان پهرين ڀٽائيءَ جو رسالو کوليو ويندو آهي. ستر واري ڏهاڪي ۾ سڀ کان پهرين مراد علي مرزا صاحب رسالي مان نالو ڪڍي اهڙي روايت جو آغاز ڪيو ۽ اُهو پهريون نالو هو: جهڙا گل گلاب جا. سنڌ جي ثقافتي هنرن جي تذڪري تي ٻڌل اهڙا پروگرام نج نبار سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪڏهن آغا سليم لکيا ته ڪڏهن امداد حسينيءَ، جن جي روايت مهتاب چنه پڙهندي هئي ۽ اهو پروگرام غلام حسين شيخ پيش ڪندو هو. اڄ تائين چاليهن ورهين کان هلندڙ ذهني آزمائش جو پروگرام ’لوچين سي لهن...‘ سرور بلوچ جو ڪارنامو هو. ان کان سواءِ ڀٽائيءَ جي رسالي مان جيڪي ٻيا عنوان پروگرامن لاءِ چونڊيا ويا، اُهي آهن: ’رڳون ٿيون رباب‘، ’ويا سي وينجهار‘، ’سدا ياد پون‘، ’وساريان نه وسرن‘، ’چارڻ چوريو چنگ‘ تعزيتي يا ڪنهن جي ياد ۾ ڪو پروگرام ٿيندو آهي ته اڄ به ان جو عنوان ڀٽائي جي ڪلام مان ئي چونڊيو ويندو آهي.

امر جليل، ممتاز مرزا، شوڪت حسين شوري، ڊاڪٽر يوسف پنهور، ماڪن شاهه رضوي، جڏهن جڏهن ريڊيو لاءِ ڊراما لکيا، سدائين انهن جو عنوان هنن پڻائيءَ جي رسالي مان ئي چونڊيو.

امر جليل جو ڊرامو 'سڄڻ سفر هليا' شوڪت حسين شوري جو شاهڪار ڊرامو 'بوءِ بهار جي'، ڊاڪٽر يوسف پنهور جو ڊرامو 'سي ئي جوڀن ڏينهن' ۽ هي سڀ ڊراما ۽ اهڙن نت نون عنوانن سان پيش ٿيندڙ ڊرامن جا نالا، منتخب ڪندڙن جي ذهني سوچ پويان، سدائين اهوئي خيال ۽ آدرش رهيو ته نج نبار سنڌي ٻوليءَ جو پرچار جاري و ساري رکجي ته بهتر.

ريڊيو حيدرآباد سان وابسته پروڊيوسرن اهو شروع کان ئي ڄاتو پئي ته سنڌ ــ علم ادب، لوڪ ڏاهپ ۽ موسيقيءَ سان مالامال آهي ۽ انهيءَ لوڪ رنگ کي ٻڌندڙن تائين پهچائڻ لاءِ 1957 کان وٺي 'فتح خان جي ڪچهري' جهڙو پروگرام پيش ڪرڻ لاءِ فيصلو ڪيو ويو. قاضي الهه ورائي کان وٺي ٻيڙي فقير ۽ نڙ بيتن واري ڪرڙ ۽ ساجن چانگ کان وٺي شاهه محمد نابينا الغوزه نواز خميسو خان جهنجهي، مصري خان بلوچ، نڙ بوڙيندي واري ميرمحمد لنڊ تائين ان ئي پروگرام ۾ متعارف ڪرايو ويو ۽ ميرمحمد لنڊ مٺيءَ پنوڙي تي، جڏهن جڏهن به ريڊيو تان ڪا لوڪ ڌُن وڄائيندو هو ته ڪنن ۾ آواز پيو ايندو هو:

مِٺي اول، مِٺي آخر مِٺي زنده باد.

اڄ به ڪچهريءَ ۾ دوست محمد ۽ مولابخش ميراثيءَ جو ڳايل دودي سومري جو قصو نشر ٿيندو آهي ته سندن آواز جي گجگاڙ تي ائين پيو ڀانئبو آهي:

درياهه اندر جا دهشت آ، ڪنهن روز قيامت ٿي وينديءَ
تون مان ته رکو هن سنڌوءَ ۾، ڪا لهر اُڀاري ويندا سين.

سنڌ... سنڌي ٻولي... ادب، تحقيق، سائنس، آثار قديمه کي متعارف ڪرائڻ جي سلسلي ۾ ريڊيو جي خدمتن جو ذڪر ڇيڙبو ته دفتر کُلندا

ويندا. ان ڏس ۾ ستر واري ڏهاڪي ۾ مراد علي مرزا صاحب 'يادگار ليڪچرز' جو هڪڙو سلسلو شروع ڪيو ۽ انهن جا نالا، هُن، هِن ريت رکيا. شاهه لطيف يادگار ليڪچر، مرزا قليچ بيگ يادگار ليڪچر، حسن علي آفندي يادگار ليڪچر، علامه عمر بن محمد دائودپوٽه يادگار ليڪچز، علامه آءِ.آءِ. قاضي يادگار ليڪچر ۽ جن نامور عالمن اهڙن ريڊيائي پروگرامن ۾ اچي ليڪچر ڏنا، اُهي هئا: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، علامه غلام مصطفيٰ قاسمي، مولانا غلام محمد گرامي، قاضي عبدالمجيد عابد، ڊاڪٽر تنوير عباسي، ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ غلام رباني آگرو وغيره.هن ئي دور ۾ سائنسي پروگرامن جي حوالي سان الله بخش شاهه بخاريءَ "سائنس ميگزين" پروگرام شروع ڪيو جنهن ۾ سائنسي خبرون فهميده ميمڻ (حسين) تيار ڪري پڙهندي هئي، جنهن ۾ سنڌيءَ ۾ سائنسي اصطلاحن کي مروج ڪيو ويو.

ساڳئي وقت 1972 ڌاري غلام حسين شيخ صاحب خالص لوڪ صنفن جي پرچار ۽ لوڪ موسيقيءَ جي ڦهلاءَ لاءِ پروگرام شروع ڪيو. 'ساهڙ جا سينگار' ڊاڪٽر بلوچ صاحب ان پروگرام جو مکيه ماهر هوند هو ۽ شيخ محمد اسماعيل ۽ ممتاز مرزا ان پروگرام جا ساٿي ميزبان هوندا هئا. سنڌ جي تاريخ ۾ هي اهو پروگرام آهي، جنهن لوڪ ادب اسڪيم سان گڏ سنڌ جي عوام کي ٻڌايو ته سنڌ_ دنيا جي عظيم ثقافتي ورثي جي مالڪ آهي ۽ جيڪا لوڪ ادب، لوڪ موسيقي ۽ لوڪ ڏاهپ جي هيرن جواهرن سان مالامال آهي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب ۽ ممتاز مرزا جي ان دور جي خدمتن تي ڏسجي ٿو ته ڀٽائي صاحب جوهي شعر ٿو ياد اچي:

اِي گيت غواصن، جو سمنڊ سوجهيائون،
پيهي منجهه پاتار جي، ماڻڪ ميڙيائون،
آڻي ڏنائون هيرا لعل هٿن سين.

ريڊيو حيدرآباد جي قيام کان پهرين، سنڌيءَ ۾ طبع زاد ريڊيو ڊراما لکڻ جي ڪا به روايت موجود ڪانه هئي. برابر 1880 کان مرزا قليچ بيگ

آپيرا ۽ اسٽيج ناٽڪ، 1929 تائين مسلسل لکيا ويا ۽ برابر انهيءَ دور ۾ سندس ڪن همعصرن بہ ڊراما لکيا پر ظاهر آهي تہ اُهي سڀ اسٽيج لاءِ هئا. ننڍي کنڊ ۾ ريڊيو ٽيهن واري ڏهاڪي ۾ آيو. ۽ ريڊيو آل انڊيا جي قيام سان، ڪرشن چندر، سعادت حسن منٽو ۽ راجندر سنگهہ بيدي وغيره اردو ۾ ان اسٽيشن باعث ريڊيو ڊراما ٽيڪنيڪ تي وڏو ملڪو حاصل ڪري ورتو. پر هيڏانهن سنڌ ۾ ۽ سنڌي ريڊيو ڊراما جي ڏس ۾ 1955 کان پوءِ ئي ڪم شروع ٿيو ۽ سڀ کان پهرين اردوءَ جي ڊراما نويسن امتياز علي تاج ۽ انصار ناصريءَ جا لکيل ريڊيو ڊراما سنڌي ۾ ترجمو ڪري، ڊراما ٽيڪنيڪ کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ۽ اهڙا پهريان سنڌيڪار هئا: جناب عبداللطيف عباسي ۽ سيد منظور نقوي، تنهن بعد سڀ کان وڏيڪ سنڌيءَ ۾ ڊراما سيد منظور نقوي صاحب لکيا ۽ بعد ۾ ان کيپ ۾ ابن الياس سومري جو اضافو ٿيو. 1958 کان پوءِ نج نبار سنڌيءَ ۾ ممتاز مرزا ريڊيو لاءِ ڊراما لکڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ريڊيو حيدرآباد پاران منعقد ٿيندڙ پهرئين جشنِ تمثيل ۾ حصو ورتو ۽ پهريون پيرو سنڌ جي تاريخي ڪردار 'لاکي ڦلاڻي' تي تمثيل لکي. اپريل 1964ع ڌاري هن 'آخري رات' جي نالي سان 'موهن جي دڙي جي تباهيءَ' بابت شاهڪار ڊرامو لکيو جنهن کي مراد علي مرزا پيش ڪيو.

چاهجي تہ ممتاز مرزا جي ان ڊرامي 'آخري رات' کي ائين ئي ڪلاسڪس ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو جيئن اردوءَ ۾ امتياز علي تاج جي ڊرامي 'انارڪلي' کي سمجهيو وڃي ٿو.

سنڌي ثقافت، تهذيب، تمدن، لوڪ ادب، نيم تاريخي ڪردار ممتاز مرزا جي پسند جا موضوع هئا. ۽ پهريون پيرو ريڊيو تان اهڙن موضوعن تي تمثيلون لکي، هُن سنڌ واسين کي سنڌ سان محبت جو شعور ڏنو. 1958 ۾ هن ڊرامو 'لاکو ڦلاڻي' ۽ 1966 ۾ 'پنرو ٻدام' ڊرامو لکيو.

پنرو ٻدام ڪاڇي جو سرڪش پر وطن پرست سردار هو جيڪو شاهہ بيگ ارغون سان مهاڏو اٽڪائي ٿو شاهہ بيگ جيڪو ڌاريو ۽ غاصب هو ورهاڱي کان پوءِ جي حالتن کي نظر ۾ رکندي، ممتاز مرزا هيءَ تمثيل

لکي ۽ پنري جي وطن پرستيءَ ذريعي، حب الوطني جو درس ڏنو. انهيءَ ريڊيو ڊرامي ۾ هڪ هنڌ پنرو غيرت ڏياريندي چوي ٿو:

"جيڪڏهن اسان ۾ ستُ هوندو ته حالتن جو مقابلو ڪري، پنهنجو حق حاصل ڪنداسين ۽ جيڪڏهن اسان ائين نه ڪيو ته پوءِ اسان به وقت جي وهڪري ۾ وهي، الائجي ڪٿي وڃي پهچنداسين. شايد اسان جو نالو به نه رهي."

1964 ڌاري آغا سليم جو لکيل ڊرامو نشر ٿيو هو 'روپ بهروپ'. ڇا ته سنگيت- رس ٻولي آهي ان ڊرامي جي. هن ڊرامي جو مکيه ڪردار هڪ ڊراما نويس آهي جيڪو پاڻ 'سنڌ'، سنڌي ٻوليءَ جي ترجماني ڪندي چوي ٿو:

مان فنڪار آهيان، مان ڊراما نويس آهيان، مان انسان جي اڏمن جو آواز ٿهڪڙن جي سنگيت جو موسيقار ۽ سڏڪن جو پڙاڏو آهيان، مان پهرئين پيار جو اُهو جذبو آهيان، جيڪو ڪنول جيان ڪنواريءَ جي هيانوَ ۾ ٽڙندو آهيان. مان دنيا جي ساري سونهن کي سلام ٿو ڪريان. پيار جي اُن پُراسرار قوت کي سلام ٿو ڪريان، جنهن هي سارو مانڊاڻ منڊيو آهي.

۽ 1960 ڌاري، جنهن وقت ريڊيو حيدرآباد کي قائم ٿئي اڃا ڪجهه سال مس ٿيا هئا ۽ اردو جو شاعر حفيظ هوشيارپوري هتي ڊائريڪٽر هو. هن صاحب سنڌيءَ ۾ ڊرامانگاري لاءِ شوق پيدا ڪرڻ جي ڏس ۾ ريڊيو تان باقاعده جشنِ تمثيل جو رواج وڌو ۽ ائين ممتاز مرزا سان گڏ مراد علي مرزا ۽ ان کان پوءِ آغا سليم ۽ امر جليل سنڌيءَ ۾ ريڊيو ڊراما ٽيڪنيڪ کي عروج بخشيندا ويا.

1970 واري ڏهاڪي ۾ اهو مراد علي مرزا ئي هو جنهن ڊراما پروڊيوسر جي حيثيت ۾ بلڪل ڦوهه جوان علي بابا کي ريڊيو ڊراماٽيڪنيڪ جي سکيا ڏيئي ان کان 'تموچن' ۽ 'رج جا راهي' جهڙا شاهڪار ڊراما لکرايا ۽ ان ئي تسلسل ۾ هُن عبدالقادر جوڻيجي جي فني تربيت ڪئي ۽ کيس سنڌيءَ ۾ ريڊيو ڊرامي لکڻ لاءِ آماده ڪيو. آئون ڀانيان ٿو ته علي بابا ۽ عبدالقادر جوڻيجي کي مراد علي مرزا ريڊيو ڊراما لکڻ جي اهڙي تربيت ۽ ترغيب نه ڏني ها، ته اُهي اڄ برابر ته سنڌيءَ جا وڏا افسانه

نگار هجن ها، پر شايد ماهر ڊراما ليکڪ اڄ هو قطعي نہ شمار ڪيا وڃن ها.

فني سطح تي سنڌي ڊرامي جي ترويج ۽ مقبوليت جي ڏس ۾ ريڊيو حيدرآباد جي خدمتن کي نظرانداز ڪري ئي نٿو سگهجي ۽ چاهجي تہ ريڊيو تان نشر ٿيندڙ اهڙن ريڊيائي ڊرامن جون ڪئي اينٿالاجيز شايع ڪرائي سگهجن ٿيون. جيتوڻيڪ اِن ڏس ۾ زيب ادبي مرڪز پاران ممتاز مرزا جي اهڙن شاهڪار ڊرامن جو مجموعو 'آخري رات' ۽ قاضي خادم جي ريڊيائي ڊرامن جو مجموعو: 'لڙڪ لڙڪ زنجير' سنڌالاجيءَ پاران شايع ٿيل آهي، پر ان ڏس ۾ سرڪاري اشاعتي ادارن کي ضرور پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي.

پنهنجي گفتگو جي پڇاڙي ڏانهن ويندي، آءٌ ٿورو ريڊيو ذريعي سنڌي ٻوليءَ جي خدمت جي حوالي سان، ذڪر پنهنجو بہ ڪندس.

1984 ۾ جنهن وقت آءٌ ريڊيو پروڊيوسر ٿي ريڊيو حيدرآباد ۾ داخل ٿيس، ان وقت ريڊيو حيدرآباد وانگر منهنجي عمر بہ 29 سال هئي. عجب اتفاق، اسان ٻنهي جي جنم جو سال 1955 آهي. وقت سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي موسيقيءَ جي فروغ لاءِ اُتي مون جن خاص ٻن پروڊيوسرن کي پاڻ پتوڙيندي ڏٺو اُهي هئا مراد علي مرزا، غلام حسين شيخ، محمد انور بلوچ، سڪندر بلوچ ۽ اسان جي انهيءَ سموري ٽيم جو سرواڻ هو جناب عنايت بلوچ! جن جن پروڊيوسرن جوهتي مون نالو کنيو اهي سڀ مون کان وڏا ۽ سينيئر هئا، پر مون هنن وٽان اِهوئي سکيو تہ:

> اگر خدمت ڪرڻ جي ناهہ طاقت طالب المولیٰ،
> تہ پوءِ دنيا ۾ مخدومي وڏو منصب تہ ڪونهي ڪو.

يعني هاڻي انهن سينيئرن جي پير وکن تي هلندي ريڊيو ۾ اسان کي پنهنجو وارو وڄائڻو هو. مون ان خدمت لاءِ پنهنجي استاد غلام حسين شيخ ۽ محمد انور بلوچ کان متاثر ٿي سنڌي موسيقيءَ جي فروغ لاءِ پاڻ ملهائڻ جي ڪوشش ڪئي. اسان جي انهن سينيئرس، گائڪن ۽ گائڪائن جي پينل کي عابده پروين کان وحيد علي ۽ انور حسين وسطڙي تائين آندو

هو ۽ مون ان ۾ اضافو اِهو ڪيو تہ پنهنجي هم عمر فنڪارن کي پنهنجي ڊائريڪٽر عنايت بلوچ جي اجازت سان متعارف ڪرائڻ شروع ڪيو. فهرست اهڙن مون پاران متعارف ٿيندڙ فنڪارن جي تمام ڊگهي آهي، ان ڪري صرف چند نالا ڏيان: فوزيہ سومرو تاج مستاني، صنم ماروئي، امبر مهڪ، مهتاب بلوچ، سحرش ميمڻ، ممتاز لاشاري، صادق فقير، شفيع فقير، بادل راهي، الهداد زرداري، اڪبر خميسو الغوزي وارو امير علي، ذوالفقار علي، مظهر حسين ۽ اقرار وحيد علي ۽ پهريون پيرو نئين ڪيپ جي جن شاعرن جي شاعريءَ کي ريڊيو حيدرآباد تان فنڪارن جي آواز ۾ رڪارڊ ڪيم، اُهي هئا: سوز هالائي، اياز گل، ادل سومرو بلاول اوٺو مانيٽو اوٺو اسحاق سميجو ذوالفقار سيال، علي دوست عاجز اقبال رند ۽ ٻيا بہ لاتعداد.

سنڌيءَ ۾ نون ۽ ڪثرت سان پيدا ٿيندڙ شاعرن تي سنڌي ٻوليءَ جا نقاد ناخوش آهن. آئون خوش ٿيندو آهيان. چوندو آهيان، جيترا گهڻا شاعر پيدا ٿيندا، اوترو ٻوليءَ جو ڦهلاءُ وڌندو سو مون بہ ائين ئي ريڊيو تان سوين نوان وچتا ۽ راڳي متعارف ڪرايا. جيئن لوڪ، جديد ۽ ڪافي ڪلام جي اهڙن گائڪن جي مدد سان سنڌي ٻوليءَ جا نت نوان ٻول ٻُرندا رهن.

منهنجو ويساهہ آهي تہ ماضيءَ جا مقبول گيت، لوڪ گيت "مور تو ٽلي راڻا"، "منهنجو ملڪ ملير"، "يار ڏاڍي عشق آتش"، "عشق هاٽي ڪجي ڪنهن سان"، "ڪارون وس ڪيام"، "زاري تہ زاري"، "ايندو سڄڻ سائين الا منهنجو ايندو"، "ڏند تہ موتي محبوب جا"، "جبل مٿي جُهڙ"، "پرچن شال پنهوار"، "عمر مون نٿا وسرن ويڙهيچن جا واڙا"، "ٽڙي پوندا تاريئين"، "هُن ڪٺي نيڻ نهاريو تہ مري ويندا سين"، "تون جو ايندين رات..."، "شيدي باشا هم باشا"، "منهنجو جنڊالڙو ڏي تہ کيڏڻ وڃان"، "ڊگو پير پيران"، "وني ايندو ونڻ اڄ ڊولڻو"، "لوڻو مان کي آڻي ڏي"، "جيڏل شال جڙي رهين" ۽ برابر تہ اهڙن ڪلام جو ڪريڊٽ انهن جي راڳين ۽ موسيقارن ڏانهن بہ وڃي ٿو پر جيڪڏهن ريڊيو پاڪستان ۽ خاص ڪري ريڊيو حيدرآباد جا سنڌي ٻوليءَ جا عاشق ۽ فدائي پروڊيوسر انهن اسمن کي رڪارڊ ڪري نشر نہ ڪن ها، تہ هڪڙي دنيا سنڌي موسيقيءَ جي انهن املهہ آٿتمن کان شايد اڄ تائين بي

خبر ۽ محروم ٿي رهي ها.

پيارا ساٿيو! ريڊيوپاڪستان، جن ٽن بنيادي نقطن تي پنهنجا پروگرام تيار ڪندو آهي، اُهي آهن: بامقصد تفريح مهيا ڪرڻ، سماج جي سکيا ڪرڻ ۽ ان کي باخبر رکڻ.

باخبر رکڻ جي حوالي سان ريڊيو پاڪستان مقامي ۽ ڏيهي سطح تي بين ٻولين سان گڏ سنڌيءَ ۾ بہ 'خبرنامو' نشر ڪندو آهي. جيتوڻيڪ سنڌيءَ ۾ اهڙي ابتدا ڪراچيءَ مان شاهہ بيبيءَ ڪئي، پر سنڌيءَ ۾ خبرن کي پُراثر انداز ۾ ريڊيو تان ڪيئن نشر ٿين گهرجي، اُن جو انداز ڪامران پٺي طئي ڪيو. ڪامران پٺي، چاڪاڻ تہ ابتدا ۾ اسٽيج ۽ ريڊيو ڊرامن سان وابستہ هئو ان ڪري هُن خبرن پڙهڻ جو ڊرامائي انداز اختيار ڪيو ۽ خالص معياري لهجي ۽ زير زبر جي چِٽائيءَ سان خبرن پڙهڻ جو موجد بڻيو ۽ اهو بہ ڪامران پٺي ئي هو جنهن جي ٻولي شناسي سبب ريڊيو ٽڙُ ۽ نج نبار سنڌيءَ ۾ هڪ منفرد انداز کي دريافت ڪيو. مثال طور سلام ڪرڻ، پنهنجو نالو وٺڻ، مکيہ مکيہ خبرن جي اختصار ٻڌائڻ کان پوءِ هن جيڪي لفظ رواج ۾ آندا، اُهي هئا:

"هاڻي اوهان پيرائتيون خبرون ٻڌندا..." ريڊيو تان خبرن پڙهڻ جو هن نہ فقط اهو انداز سنڌيءَ ۾ متعارف ڪرايو پر ان ڏس ۾ خبرن جي ٻوليءَ جي معيار تي بہ خاص ڌيان ڏنو.

هاڻي جڏهن پرائيويٽ چينلن جي سنڌي خبرن ۾ ٻوليءَ، لهجي ۽ انداز کي ٻڌبو آهي، تڏهن ريڊيو تان پيش ٿيندڙ خبرن جي ٻوليءَ جي معيار کي سلام ڪرڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي.

انهيءَ ڏس ۾ وڌيڪ عرض ڪندو هلان تہ نشريات جي ابتدا وقت جڏهن ريڊيو تان خاص خاص پروگام جو تفصيل ٻڌائبو هو تہ ارد جي تتبع تي چيو ويندو هو: "حاضر آهي اسان جي اسٽيشن تان نشر ٿيندڙ پروگرامن جو خلاصو". نهايت جلد اسان واري نئين کيپ لفظ 'خلاصو' چوڻ بند ڪرايو ۽ رائج ڪرايو: "حاضر آهي اڄوڪي نشريات ۾ پيش ٿيندڙ پروگرامن جو "وچور". يا چوڻ شروع ڪرايو: "اڄ پيش ٿيندڙ پروگرامن جو

سڻاءِ ڪجهه هن ريت آهي“.

سنڌي ٻوليءَ جا سهڻا سيبتا لفظ ڪتب آڻڻ به هڪ وڏو جهاد آهي، جيڪو اسان مان هر ڪنهن کي ڪرڻ گهرجي. خاص ڪري ٻوليءَ سان لاڳاپيل ادارن تي اهڙو فرض وڌيڪ آهي. اڄ جڏهن دنيا گلوبل وليج جي شوشي جي نرغي ۾ آهي ۽ هر ٻوليءَ ۾ هڪ نئين ٻوليءَ جو ڪلچر جُڙي رهيو آهي ۽ هر ٻوليءَ آڏو نوان چئلنج آهن، تڏهن سنڌي ٻولي به پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا ۾ مونجهاري جو شڪار ٿي رهي آهي. هڪ پاسي پرائيويٽ چئنل اُن جي بگاڙ ۾ اضافو ڪري رهيا آهن ته ٻئي پاسي سنڌي ٻوليءَ جي هڪ برک عالم پنهنجي تحقيق ۾ ’چنڊ‘ کي ’چنڊر‘ ۽ ’ڪنڊ‘ کي ’ڪنڊر‘ لکڻ کي رواج ۾ آڻڻ لاءِ زور ڀريو . هاڻي ڪو ٻاڻ ٻڌائي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ مرڪزيت پيدا ڪرڻ لاءِ هڪ ئي معياري لهجي تي زور ڏيڻ جي ضرورت آهي يا ورهاست ڪرڻ جي! جيڪڏهن ميڊيا تان هرڪو پيو پنهنجي انداز ۾ ڳالهائڻ تي زور ڀريندو ته ان جي نتيجي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ۽ واڌارو ٿين بدران مونجهارا پيدا ٿيندا.

آئون ڀانئيان ٿو ته ڇا به ٿي پوي، ريڊيو ڪالهه به سنڌي ٻوليءَ جو محافظ هو ۽ هاڻي به آهي ۽ اڳتي به اهو فرض ريڊيو ئي نڀائيندو ۽ نج ٻوليءَ جي حفاظت ڪندو رهندو. توڙي جو اڄ هر طرف ڪان هڪڙو آواز عام جام پيو ٻڌبو آهي ته ريڊيو اڄوڪي دنيا ۾ هڪ آئوٽ ڊيٽيڊ (مدي خارج) ميڊيم آهي، پر تڏهن به اهو مِٺو پوندو ته ريڊيو سنڌ جي ٻوليءَ جي خدمت ڪئي آهي ۽ ڪندو رهندو. جيڪي سرڪاري، غيرسرڪاري ٽي وي چينل ٻوليءَ جي بگاڙ جو حصو بنجڻ نٿا چاهين، انهن کي به ريڊيو جي ان مثالي ڪردار جي پوئواري ڪرڻي پوندي.

ISBN: 968_8194_01_0

# SINDHI BOLI

Research Journal

| | |
|---|---|
| **Editor:** | Dr. Fahmida Hussain |
| **Asst. Editor:** | Khalid Azad |
| **Composing & Graphics** | Assadullah Bhutto |
| **Edition:** | First, 2008 |
| **Quantity:** | 1000 |
| **Price:** | Rs 60/= |
| **Published by:** | Sindhi Language Authority, National Highway, Hyderabad, Sindh 71000, Pakistan. |
| **Tel:** | 022-9240050-3 |
| **Fax:** | 022-9240051 |
| **E-mail:** | sindhila@yahoo.com |
| **Website:** | www.sindhila.org |
| **Printed by:** | Sindhi Adabi Board Press, Jamshoro |

# SINDHI BOLI

***Research Journal***

Editor:
***Dr. Fahmida Hussain***

Sindhi Language Authority
Hyderabad

21st Century
Vol.1: Issue I: Sept. 2008

# SINDHI BOLI

## Research Journal



SINDHI LANGUAGE AUTHORITY
HYDERABAD